
نواز خان زئور
آزاد،
روادار،
جمهوري
سنڌ

# آزاد، روادار، جمهوري سنڌ

(فڪري/سياسي مضمون)

نواز خان زئور

آزادي اشاعت گهر
ميرپور بٺورو
2015ع

ڊجيٽل ايڊيشن :

2017ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | آزاد، روادار، جمهوري سنڌ |
| ليکڪ: | نواز خان زئور |
| موضوع: | سياسي / فڪري مضمون |
| ڇاپو: | اپريل 2015ع |
| ڇپائيندڙ: | آزادي اشاعت گهر، ميرپور بٺورو، سنڌ |
| ڪمپوزنگ: | عنبرين زئور، مظهر زئور، برکا زئور |
| مُلهه: | -/200 رپيا |

AAZAAD, RAWAADAAR JAMHOORI SINDH
‘,
(Independent, Secular and Democratic Sindh)

By: Nawaz Khan Zaor
Published by: Azadi Ishait Ghar, Mirpur Bathoro, Sindh
Composing: Anbrin Zaor, Mazhar Zaor, Barkha Zaor
1st Edition April 2015
Price Rs. 200/-

# ارپنا

سياسي فڪري پورهيي ڪي عمر ارپيندڙ
قومپرستي، روشن خيالي ۽ سيڪيولرزم جي علمبردار،
سائين جي ايم سيد جي ويجهي سياسي رفيق ۽ باذوق انسان
مرحوم ارباب نور محمد پليجي
جي نالي.

عشق ڪرشما ڏيکاريا، دل
ڪفر مٿان ايمان ڪري وئي.
ڏرتي ڇا ڇا دان ڪري وئي،
اوڪ ڏئي انسان ڪري وئي.
(شيخ اياز)

ـــ نواز خان زئور

It is better to reign in hell than to serve in heaven.

“جنت ۾ غلامي ڪرڻ ڪان دوزخ ۾ حڪمراني ڪرڻ بهتر آهي.”

ـ انگريز شاعر ملٽن.

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **"آزاد، روادار، جمهوري سنڌ"** اوهان اڳيان حاضر آهي. هي ڪتاب ناميارِي ليکڪ ۽ شاعر **نواز خان زئور** جي فڪري ۽ سياسي مضمونن جو مجموعو آهي.

ڪتاب جيئن تہ مختلف مضمونن تي مشتمل آهي، ان ڪري مخلف مامرن تي بحث ڪري ٿو. جيتوڻيڪ ڪجهہ اهڙا موضوع بہ آهن، جيڪي هڪٻئي کان سراسر مختلف آهن؛ پر مضمونن جي ڪتاب جي خوبصورتي ئي اها هوندي آهي تہ اهو هڪ ئي وقت گهڻن مامرن تي بحث ڪندو آهي ۽ ڪيترن ئي ڳالهين جا رنگبرنگي ٿان ڪولي پڙهندڙن جي آڏو رکندو آهي. ان ڪري هن ڪتاب ۾ بہ موضوعن جي گهڻائي آهي، پر انهي گهڻائي ۾ بہ هڪڙي اهم هڪجهڙائي هيءَ آهي تہ اهو مجموعي طور تي قومي تحريڪ ۽ قومي معاملن تي مخاطب ٿئي ٿو.

هي ڪتاب آزادي اشاعت گهر ميرپور بنورو پاران 2015ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون محترم عبدالعزيز زئور جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سٽاءُ


❋ مهاڳ ــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــ پنهل ساريو
❋ ليکڪ پاران ــــــــــــــــــــــــــــــــــــ نواز خان زئور
❋ خوشحالي آزاديءَ ۾ ئي ممڪن آهي
❋ سنڌي قومپرستي جي اصل واٽ
❋ پارٽيون عوامي ملڪيت هونديون آهن
❋ ٻئو مڪاني نظام سنڌ لاءِ خطرناڪ
❋ سنڌ ۾ سياسي اتحادن جو الميو
❋ سر در قدمِ يار
❋ بلوچن جو لانگ مارچ
❋ گمشدگين واري معاملي کي منهن ڪيئن ڏجي؟
❋ پنجاب سامراج گهيري ۾
❋ نظرياتي جمود مان نڪرڻ جي ضرورت
❋ آزاد، روادار ۽ جمهوري سنڌ
❋ قومي آزادي ۽ عورت
❋ آزادي: عالمي ڪردار جو وسيلو

# مُهاڳ

يورپ ۾ نثر ۽ ايشيا ۾ شاعري لکڻ جو عمل عام آهي. نثر لکڻ بہ تمام وڏو ڏانءُ آهي. رڳو معقول، سادا ۽ معياري لفظ چونڊي، پوءِ انهن لفظن کي سٽن ۾ پوئڻ سان نثر جي تخليق نٿي ٿئي، پر هڪ هڪ لفظ جي ڳولا ڪرڻ، خيال جوڙڻ ۽ ان پويان همگير مطالعي، مشاهدي تجربي توڙي پيڙا ۽ درد سان ئي شاندار نثر تخليق ڪري سگهجي ٿو. سياسي ادب جي تاريخ جيتوڻيڪ تمام پراڻي آهي. اڳاٽي دور ۾ فڪري بحث مباحثا ڪرڻ جو عمل تمام گهڻو هو. جنهن سان سکڻ ۽ سمجهڻ جي سگهہ وڌي رهي هئي. ڪجهہ وقت اڳ سنڌ ۾ اهو هڪ عظيم الشان دؤر هو، جنهن ۾ فڪري بحث ٿيندا هئا، سهپ ۽ رواداري هوندي هئي، هڪ سياسي پارٽي جا ڪارڪن ٻي سياسي پارٽي جي ڪارڪن جا گهرا، گهاٽا ۽ پڳ مٽ دوست ۽ ساٿي هوندا هئا، تحرير، تقرير توڙي هڪ ٻئي جي لکڻين تي تنقيد خود تنقيد ٿيندي هئي، هڪ ٻئي سان سماجي تعلقات ۽ رشتا هوندا هئا. هي فڪري مقابلي بازي جو دؤر بہ هو تہ هڪٻئي جي عزت ۽ احترام وارو دؤر بہ هو.

نواز خان زئور جو هيءَ ڪتاب ”آزاد، روادار، جمهوري سنڌ“ منهنجي بصارت هيٺ آهي. نواز خان زئور بنيادي طور تي 80 جي ڏهاڪي جي فڪري ۽ عملي دؤر جي پيداوار آهي. سندس تربيت سائين جي ايم سيد جي فڪر، شاهہ لطيف، سچل، سامي، شيخ اياز، استاد بخاري جي شاعري ۽ عالمي ادب جي مطالعي مان ٿي آهي. ان

**ڪان علاوا قومي ڪارڪن ۽ سياسي اڳواڻ هجڻ جي حيثيت ۾ سنڌ جو جهر جهنگ جهاڳڻ لاءِ هن لطيف جي ڪاهوڙي ڪردار وارو عمل ڪيو. اهو ئي سبب آهي جو نواز خان زئور يورپ ۽ ايشيا ۾ سرجندڙ نثر توڙي شاعري جي صنفن ڪان ڀلي ڀت آگاهي ۽ لکڻ ۾ اهم مهارت رکي ٿو.**

مون کي هن ڪتاب جي پڙهڻ مان محسوس ٿيو آهي تہ ليکڪ بنيادي طور تي سنڌ ۾ علم، فڪر ۽ اخلاق جي ميدان ۾ آيل هن شديد بحران کي پروڙي ورتو آهي ۽ انهيءَ ڪري هن ڪتاب جي سمورن مضمونن جي چونڊ فڪري ۽ سياسي ڪئي اٿس. جيتوڻيڪ اجوڪي دؤر ۾ نظرياتي مواد جي نهايت اهم ضرورت محسوس ٿي رهي آهي. ڇاڪاڻ تہ سائنس جي تحقيق موجب انسان جي وجود جو سفر لکين سالن کان هن ڌرتي تي ثابت ڪيو ويو آهي، پر ان سفر پويان چند ڏهاڪا اهڙا آهن جن جي اهميت تاريخ ساز چئي سگهون ٿا. ويجهي ماضي جو وڏي ۾ وڏو معجزو انفارميشن ٽيڪنالاجي آهي. هيءَ چاڻ انساني سماج تي مجموعي طور گهرا اثر وجهي رهي آهي. اها الڳ ڳالهہ آهي تہ هڪ طرف مهذب ملڪ پنهنجي سماج کي سکيو ۽ ستابو بنائڻ لاءِ ترقي جا ڏاڪا چڙهي رهيا آهن تہ ٻئي طرف دنيا جي پوئتي پيل قومن کي غلامي جي پاتال ۾ ڌڪڻ جي ڪوشش جاري آهي، جن کي ٽين دنيا جو لقب ڏنو پيو وڃي. اهي قومون جنگين، بيمارين، غربت، بک ۽ رياستي تشدد جي اجگر ديو آڏو بيوس ۽ پريشان آهن. شايد اهو ئي پسمنظر آهي جنهن ڪري سنڌي قوم سميت دنيا جون ڪي قومون غلامين جي ڏٻٽين ۾ ڦاٿل آهن، ۽ طاقت

جي غير متوازن صورتحال قومن کي ايندڙ وقت جي ڏهڪاءَ واري هيجاني ڄار ۾ ڦاسائي وڌو آهي. خود ظالم ۽ جابر قومن کي ڳڻتي ورائي وئي آهي تہ مظلوم قومن مٿان جيڪو جبر ۽ ڏاڍ جاري آهي، اهي دنيا کي غير محفوظ نہ بڻائي ڇڏين. جڏهن تہ مظلوم قومون سڌ سماءَ جي سڌريل نظام وسيلي ڄاڻ حاصل ڪري آزاد سڄ اپارڻ لاءِ آتيون آهن ۽ اهڙي جنگ جا طبل هن طرح جي سياسي ڪتابن مان ٻڌڻ ۾ اچن ٿا.

اڳتي ڄاڻايل سموريون لکڻيون بنيادي طور تي فڪري ۽ علمي بحث جي تناظر ۾ لکيل آهن. ان حوالي سان مان سمجهان ٿو تہ هي ڪتاب سنڌ جي قومي فڪر ۽ دانش جي اڄايل عوام لاءِ ٻاٽي جو ڏيک ضرور ثابت ٿيندو. اها ڳالهہ هاڻي ڳجهي ناهي رهي تہ سنڌ انتهائي وڏي بحران جو شڪار آهي، اجتماعي طور اسان وقت وڃائي چڪا آهيون. ليکڪ ڪوشش ڪئي آهي تہ "آزاد، روادار، جهموري سنڌ" جي نالي سان هن ڪتاب ۾ انهي ڳالهہ کي ثابت ڪري تہ مڪمل آزادي کان سواءِ وطن جو عوام قطعي خوشحالي ماڻي نہ ٿو سگهي. نہ فقط اهيو پر مون جڏهن ڪتاب جو مطالعو ڪيو تہ سنڌي قومپرستي جي اصل واٽ صاف، چٽي ۽ واضع انداز ۾ سامهون ڏني. سياسي پارٽين بابت هن ڪتاب ۾ جيڪو بحث ٿيل آهي اهو سنڌ جي مڙني سياسي پارٽين جو عڪس لڳي رهيو آهي. بلوچن جي لانگ مارچ ۽ سياسي ڪارڪنن جي گمشدگين بابت اڄوڪي دور ۾ لکڻ جي جرئت ڪرڻ پڻ انتهائي ڪنن ڪم آهي؛ جيتوڻيڪ ليکڪ پاڻ ڪنيي گم ڪرڻ بعد عذابن جي ٻاٽ اونداهين ڪوٺڙين مان خوف، جبر ۽ تشدد جا سيَ

طور طريقا سهڻ بعد جيل جي ڪال ڪوٺڙين ۾ پنهنجي جواني جا ڏينهن ۽ راتيون گهاري آيو آهي.

انهي ۾ ڪو شڪ ناهي تہ مذهب انسان جي ترقي ۾ تمام وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. مذهب ئي معاشري لاءِ ضابطہ اخلاق جوڙيو. سماجي قانون ۽ تصور ڏنا. رهڻي، ڪهڻي، رسم ۽ رواج، ڀڳتي، يوگا، تصوف، فلسفو وغيرهہ مذهب جي ڪري ئي سماج ۾ عام ٿيا. پراڻن خيالن، نظرين ۽ سائنسي دليلن جي وچ ۾ عالمي تضاد جي اڄوڪي انتهائي اهم دؤر ۾ هي نهايت ضروري ٿي پيو آهي تہ رواداري جهڙي اهم واٽ تي هلندي دنيا کي امن جو پيغام ڏجي. ڇاڪاڻ تہ رواداري سچ، محبت، پيار، آشتي، امن، اتحاد، پاڪيزگي ۽ مسرت جا بنياد مهيا ڪري ٿي. اهڙي علم سان انسانيت ترقي جا ڏاڪا چڙهي امن ۽ ڀائيچاري کي ڇهي سگهي ٿي. هن سان انسانيت اندر مڙني مذهبن عقيدن ۽ نظرين ۾ هڪجهڙائي ۽ اتحاد جي فضا قائم ڪري سگهجي ٿي.

سياسي تحريرن ثابت ڪيو آهي تہ علم، عمل ۽ اخلاق جي بيپناهہ خزاني سان آزادي جو سج اڀاري سگهجي ٿو. هن ڪتاب جو پهريون مضمون "خوشحالي آزادي ۾ ئي ممڪن آهي"، جنهن مان معلومات ملي ٿي تہ آزاد دنيا ۾ غربت ۽ بدحالي جا سبب پيداواري عمل سان جڙيل آهن، جڏهن تہ غلام ملڪن ۾ غربت ۽ بدحالي قومي جبر ۽ ڏاڍ جي ڪارڻ هجي ٿي. ليڪ جو هي خيال انتهائي اهم آهي تہ قومن جي خوشحالي آزادي ۾ ئي ممڪن آهي. ڇاڪاڻ تہ پاڻ رڳو پاڪستان جي وفاقي بجيٽ جو مثال وٺنداسين تہ وفاق کي 80

سيڪڙو سنڌ ڏئي ٿي، جڏهن ته پاڪستان جو 69 سيڪڙو گئس ۽ 75 سيڪڙو تيل پڻ سنڌ پيدا ڪندي رهي ٿي، ان جي باوجود سنڌ جا اڪثر ڳوٺ گئس کان محروم آهن. جڏهن ته سنڌو دريا تي ڊيم تعمير ڪري بجلي پيدا ڪئي پئي وڃي پر سنڌ جي راڄڌاني ڪراچي سميت سندس سڀ شهر اونداهي ۾ ٻڏل آهن.

سنڌ حڪومت جي ساليانو بجيٽ جيڪا 580 اربن کان وڌي وئي آهي، رڳو ڪوئلي جي پيداوار مان ئي ٻن ڍاڪن تائين سنڌ جي بجيٽ ٺاهي سگهجي ٿي ۽ جيڪڏهن سنڌ جي ڪل آبادي 6 ڪروڙ مڃي به وٺجي ته به هر هڪ فرد کي هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ رقم ملي سگهي ٿي. ان جي باوجود سنڌ پنجاب وٽ غلام آهي. آزاد ۽ غلام قوم وچ ۾ فرق ايئن پسي سگهجي ٿو ته غلام سنڌ جي يتيم پٽي تي ماڻهن کي ماتم ڪندي ڏسجي، آزاد پنجاب جي فيل مست عوام کي طالبان تحريڪ ۾ مستيون ڪندي محسوس ڪجي، يا اجان هيئن ڪٽي چئون ته سڄي دنيا مان ايندڙ ڏارين کي ائين موڪليو پيو وڃي جهڙوڪ سنڌ ڪو عالمي يتيم خانو هجي. ڪراچي جيڪا ورهاڱي وقت ڪجهه لک ماڻهن جو شهر هئي، اڄ اها 2 ڪڙوڙ آبادي کي پنهنجي سيني ۾ سمائي چڪي آهي، ان جي باوجود به وري حڪمران بحريا ٽائون ۽ ذوالفقار آباد جهڙا خطرناڪ منصوبا جوڙي سنڌي ماڻهن کي هميشه لاءِ اقليت ۾ تبديل ڪرڻ گهرن ٿا. ته جئين غلام سنڌي ماڻهو پنهنجي ڌرتي سنڌ تان حق حاڪميت کان هميشه لاءِ محروم ٿي وڃن ۽ عالمي فورمن تي ڪڏهن به سنڌ جو ڪيس رکڻ جي پوزيشن ۾ نه هجن ۽ پوءِ رياستي دلال ۽ ڏاريا اقوام متحدا ۾ سنڌ جا

وارث بنجي وجن: سنڌ جا سمورا وسيلا 230 ارب ٽن ڪوئلو، بيپناهه گرينانيٽ، يورنيم، پيٽرول، تيل، گيس ۽ ٻي معدنيات تي پنجاب قبضو ڪري ونئي، نہ فقط اهو پر پاڪستان جي قائم رهڻ ڪري سنڌ جي موجوده جاگرافيائي حدن جي تقدس ۽ احترام سان هٿ چراند جاري رهندي اچي.

مٿيان انگ اکر ثابت ڪن ٿا تہ غلامي جي زنجيرن دوران غلام قوم جي فردن وٽ پيڙا، درد ۽ جبر ڪانسواءِ ٻي ڪا واٽ ناهي هوندي. جڏهن معاشرا آزاد ناهن هوندا، تڏهن رواداري ۽ خوشحالي يا جمهوري سرشتو خواب مثل لڳندا آهن. غلام قوم وٽ فقط قومپرستي جي هڪ اهڙي واٽ هوندي آهي جنهن تي هلندي هو آزاد معاشري ۾ پير پائي غلامي جا سڀ زنجير ٽوڙي رياستي جبر مان جان آجي ڪرائين ٿا. چاڪاڻ تہ آزادي پسند قومپرستي حقيقي قومپرستي هجي ٿي .تنگ نظر، اقتدار پرست ۽ موقعي جي تاڙ ۾ ويٺل قومپرست ناهن هوندا. 80 ۽ 90 جي ڏهاڪي ۾ جن ماڻهن مذهب جي نالي ۾ جماعتون قائم ڪيون، تن اهي مذهبي دڪان قومپرستي خلاف هٿيار بنائي استعمال ڪيا. مزدورن ۽ هارين جون ڳالهيون ڪندڙ مارڪسسٽ بہ هميشہ آزادي جا مخالف رهيا، پاڪستان جي جوڙجڪ جي تہ هندستان مان ويهي حمايت ڪئي وئي، پر جڏهن اوڀر بنگال پنجاب سامراجيت کان نجات ماڻي رهيو هو تہ لاهور ۾ ويهي ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان ان جي مخالفت ڪئي.

“پارٽيون عوامي ملڪيت هونديون آهن” جي عنوان سان جيڪو مضمون آهي، سو فڪري ۽ نظرياتي بحث جي دعوت ڏئي ٿو. منهنجو

خيال آهي ته نظرياتي طور جيڪڏهن پاڻ پارٽي جي وصف ڏسنداسين ته سنڌ ۾ ڪا به مڪمل سياسي پارٽي موجود ناهي. حيرت ته هن ڳالهه تي آهي ته جيڪي پارٽيون سنڌ جي آزادي جون دعويدار آهن انهن وٽ سنڌ جي اڌ کان وڌيڪ آبادي جيڪا عورت تي مشتمل آهي، تنهن جي به سيڪڙو نمائندگي به پارٽين اندر ناهي. نه فقط اهيو پر قومپرست پارٽين ۽ جمهوريت جي دعويدار پارلياماني پارٽين وٽ ته ملڪ جي اڪثر آبادي هارين ۽ پورهيتن لاءِ زرعي سڌارن بابت منشور ۾ ڪو به پروگرام ڪونهي. هاڻي جيڪڏهن زرعي سڌارا ۽ عورتن جي شرڪت جا معاملا سڌا ناهن ٻنهي نظرين وارين پارٽين وٽ، ته پوءِ پڪ سان چئي سگهون ٿا ته هنن وٽ نه آزادي ۽ نه ئي وري جهموريت بابت ڪو واضع موقف آهي ۽ نه وري ڪا حڪمت عملي يا تدبيري واٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جڏهن پارٽين وٽ سائنسي پارٽي جا لواز مات ئي ڪونهن تڏهن پڪ سان چئي سگهون ٿا اهي سڀ تبديلي آڻيندڙ سگهه ناهن. رڳو عدم تشدد جي واٽ وٺڻ يا فقط پارلياماني مورچو سنڀالڻ يا رڳو گوريلا تحريڪ سان تبديلي ممڪن ناهي. تبديلي آڻيدڙ سگهه هڪ سياسي پارٽي ئي ٿي سگهي ٿي، جيڪا پنهنجي جوهر ۾ مڪمل انقلابي پارٽي هجي. چار ڏهاڪا گذري ويا پر اسان اجان تائين هڪ مڪمل قومپرست انقلابي پارٽي جوڙي ناهيون سگهيا. بدقسمتي ته هي آهي جو اسان وٽ پارٽيون شخصيت پرستي جي سحر ۾ ٻڌل هونديون آهن، جنهنڪري ويچارا ڪارڪن اهو به ناهن سوچيندا ته ڪا اجتماعي قيادت هجي يا ڪو متبادل جوڙجي ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي اهي شخصيتون 20 واٽن تي گامزن ٿي پونديون آهن. پارٽين اندر

ڪمينٽمنٽ رکندڙ ساٿين خلاف سازشي ٽولا سرگرم ٿي ويندا آهن ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي فقط هڪ شخص جو اعتماد وٺي سوين تبديلي ۽ انقلاب جا خواب چڪنا چور ڪيا ويندا آهن. جيستائين پارٽيون شخصي ملڪيت هونديون تيستائين اڳواڻ جا خيال ان جون سوچون پارٽي اندر هلنديون، پارٽيون اجتماعي سوچ ۽ اجتماعي خيالن جي وهڪري مان سيراب ٿي نہ سگهنديون. جنهن سبب پارٽين اندر ٽڪراءُ دوستي وارا نہ پر دشمني وارا پڙڪو ڪائين ٿا. اهڙي عمل مان رياستي ڳجها هٿ پڻ فائدو وٺن ٿا.جيئي سنڌ اندر پڻ اهڙا تمام گهڻا واقعا ملن ٿا. هاڻي تہ خود ڏهاڪن کان قائم جيئي سنڌ جا مثالي جمهوري ادارا پڻ سواليا نشان بڻجي چڪا آهن.

سنڌ اندر سياسي پارٽين کان پوءِ خود سياسي اتحاد پڻ سازشين جو شڪار ٿيندا رهيا آهن. ڇاڪاڻ تہ اهڙن اتحادن ۾ سڀ اهي پارٽيون شامل ٿين ٿيون، جيڪي خود شخصيت پرستي جي محور ۾ جڪڙيل هجن ٿيون. انهي ڪري اتحاد بہ سياسي پارٽين جيان وڏين ۽ ننڍين شخصيتن ۾ ورهايل هوندا آهن. ان کان علاوا هڪڙيون پارٽيون سڄي عمر اتحاد لاءِ ٻاڪاريندون ۽ پوءِ جڏهن مضبوط اتحاد جڙندا فيصلائتي جدوجهد جي گهڙي ايندي تہ اهي ڄاڙي باز وري اتحاد خلاف پنڌي ٻاريندا ۽ اتحاد کي ٽوڙي ڀين خلاف غلط پروپيگنڊا جا طوفان کڙا ڪري وٺندا. جنهنڪري سنڌ ۾ قومپرست اتحادن جي تاريخ ڪا سونهري تاريخ ناهي. حالانڪ سنڌ هڪ ملڪ آهي، ان جي پنهنجي تاريخ ۽ تهذيب آهي، انهي ڪري سنڌ ۾ فلسطين جيان

پي ايل او جهڙو طاقتور آزادي پسند اتحاد اشد ضروري آهي، ان لاءِ ڪوششون ٿيڻ گهرجن.

سنڌ اندر مذهبي ۽ سيڪيولر نظرين جو ٽڪراءُ سوين سال پراڻو آهي، ان جو پاڙون ڪلهوڙن ۽ شاهه عنايت جي تحريڪن ۾ ڪتل آهن. شاهه عنايت شهيد "جو ڪيڙي سو کائي" جو اقتصادي پروگرام ڏنو. جڏهن ته ان جي سڄي تحريڪ انتها پسندي جي مخالف هئي. انهي ڪري هي ٽڪراءُ فڪري ۽ معاشي هو. ساڳي ريت ڏسئون ٿا ته مخدوم بلاول جي بلاولي تحريڪ به ڪٽرپڻي خلاف هئي.

هن ڪتاب ۾ ڪنيي گم ڪرڻ توڙي بلوچن جي لانگ مارچ متعلق مضمون شامل آهن. ويجهي ماضي ۾ هڪ ڏهاڪي کان رياستي دهشتگردي جو هي نئون روپ سڄي دنيا آڏو آهي. هيءَ ڪرت تاريخ ۾ بار بار دهرائبي رهي آهي، نازي، ساواڪ، موساد ۽ اهڙا ٻيا ادارا هن قسم جو عمل ڪندا رهيا آهن. پر 2 سال اڳ گڏيل قومن طرفان ڪنيي گم ڪيل ماڻهن جي وارثن کان معلومات وٺڻ لاءِ آيل ٽاسڪ فورس سنڌ ۽ بلوچستان مان 25 هزار ماڻهو ڪنيي گم ڪرڻ جا انگ اکر ڏنا هئا، جن ۾ خود هن ڪتاب جو مصنف به شامل هو. ان مان واضع ٿئي ٿو ته سنڌ ۽ بلوچستان اندر رياستي جبر جي انتها آهي. توتڪ ۾ اجتماعي قبرون ۽ کوهن ۾ لاش ڦٽا ڪري ڪيميڪل هاري باهه ڏيڻ يا وري باکوڙي ۽ ٻيريا جهڙا هنيانءَ ڏاڙيندڙ واقعا، جن ۾ سرائي قربان کهاوڙ، روپلو چولياڻي، نورالله تنيو، مقصود خان قريشي، سلمان وڏو کي انتهائي بي دردي سان گوليون هڻي قتل ڪري پوءِ سندن تڙپندڙ جسمن کي انتهائي بي رحمي سان باهه ڏئي ساڙيو ويو ۽ جڏهن بلوچستان جي

گادي واري هنڌ ڪوئيٽا کان اسلام آباد تائين ماما قدير بلوچ ۽ ٻين بلوچ نياڻين لانگ مارچ ڪيو تہ بار بار کين مارڻ جون ڪوششون ڪيو ويون. کين ٽي وي چينل تي ڪوريج ڏيڻ جي ڏوھ ۾ جيو ٽي وي جي اينڪر حامد مير کي گوليون هنيون ويون. هتي پارليامينٽ، عدالتون ۽ وردي پوش رياست جا پرزا آهن، جن جو ڪم عوام ۽ قومي ڪارڪنن کي ڪچلڻ آهي. آزادي جي رستي تي هلندڙ سنڌي ۽ بلوچ قومن مٿان رياستي عذاب هڪ گهڙي بہ هٽڻ جو نالو ئي نہ ٿو وٺي. دنيا ۾ قومون آزادي جي واٽ تي هلندي بي پناھ قربانيون ڏينديون آهن، پر انهن قومن جي قربانين بعد انهن جون پارٽيون سندن سياسي وارث ۽ قومي اڳواڻ انهن قربانيون ڏيندڙ ڪارڪنن جي ڪٽنب، دوستن، عزيزن ۽ ساٿين کي همٿن ۽ جرئتن سان اڳيان وٺي هلندا آهن ۽ ڌرتي توڙي وطن جي آزادي لاءِ جدوجهد کي اڃان وڌيڪ منظم ۽ مربوط انداز ۾ هلائيندا آهن. اسان جو عوام وطن دوستي جي حب رکندڙ آزادي پسند هڪ اهڙو سرواڻ آهي جنهن کي دنيا جي ڪا بہ طاقت ۽ طوفان روڪي نہ ٿا سگهن، پر جيڪا سڀ کان وڏي بد قسمتي آهي سا اها آهي تہ اسان گهڻ طرفي ظلم ۽ جبر جو شڪار آهيون: نظرياتي ڪمزوريون، پارٽي جو مڪمل نہ هجڻ، ڪمينٽمينٽ جي کوٽ ۽ جاگيردار معاشرو: اهي سڀ غيبتون بهرحال آزادي جي راھ ۾ وڏي رڪاوٽ آهن. اها الڳ ڳالھ آهي تہ اسان وٽ سنڌ دوستي جيان جمهوريت پسندي، سهپ ۽ رواداري جي شاهدي تہ 3500 سال قبل مسيح موئن جي دڙي جي تهذيب ڏئي ٿي. انهي ڪري اسان سمجهون ٿا تہ روادار ۽ جمهوري معاشري جوڙڻ جا تہ تمام وڏا امڪان موجود

آهن. پر جيستائين اختيار ۽ اقتدار سنڌين وٽ نہ هوندو، تيستائين سهپ ۽ رواداري تي وار ٿيندا رهندا. انهي ڪري آزاد وطن ۾ ئي رواداري ۽ جمهوريت جا خوشبودار ٻوٽا پوکي سگهجن ٿا. سنڌ سهپ ۽ رواداري جهڙي معاشري ۾ هزارها سال گذاريا آهن. اڄ جڏهن سڄي خطي ۾ بلڪ پوري دنيا ۾ انتهاپسندي عروج تي آهي، پاڪستان طالبان تحريڪ، پنجاب طالبان تحريڪ، لشڪر جهنگوي، سپاهہ صحابہ جهڙا هٿياربند جٿا موجود آهن، اهڙي دور ۾ جڏهن سنڌ ۾ هڪ فقير منش انسان صادق فقير جو ايڪسيڊنٽ ۾ موت واقع ٿئي ٿو يا پريا واقعي ۾ مقصود خان قريشي ۽ سلمان وڏي کي گولين هڻڻ بعد باهہ ڏني وڃي ٿي تہ ڪراچي جي تبت واري روڊ توڙي ٿرپارڪر جي مٺي هاءِ اسڪول ۾ لکين ماڻهو گڏ ٿين ٿا. عورتون ۽ مرد، هندو ۽ مسلمان، شيعا ۽ سني، سڀ هڪ صف ۾ بيهي جنازي نماز ادا ڪن ٿا. اها آهي سنڌ جي رواداري. پر آزاد سنڌ ۾ سنڌ جي سهپ ۽ رواداري بابت مهنجي رهبرِ اعظم سائين جي ايم سيد واضع چيو آهي تہ سنڌ اهو ملڪ آهي جيڪو سڄي دنيا ۾ امن قائم ڪرائي سگهي ٿو. سائين اهو پڻ صاف چيو آهي تہ سنڌو ديش اسانجي منزل ناهي، پر سنڌو ديش جو پليٽفارم سڄي دنيا جي بني نوع آدم لاءِ امن جي جدوجهد جاري رکڻ جو ذريعو آهي.

هن وقت تہ زرعي معاشري اسان جي عورت کي ٻٽي ظلم جو شڪار بڻائي ڇڏيو آهي. مرداڻي سماج جي موجودگي عورتن جي ترقي کي محدود ڪري ورتو آهي، جنهڪري قومي آزادي جي ويڙهہ ۾ عورتن

کي حصو ونڻ ۾ انيڪ مشڪلاتون درپيش آهن. قومي آزادي جي ويڙهه سنڌ جي اڌ آبادي عورت کانسواءِ وڙهڻ ممڪن ناهي. انهي ڪري قومي تحريڪ کي عورتن جي سوال تي انتهائي سنجيدگي سان سوچڻو پوندو.

مجموعي طور تي سنڌ جي انتهائي اهم موضوعن تي هن ڪتاب ۾ بحث ٿيل آهي، جيڪي اڄوڪي سنڌ جا اهڙا عنوان آهن جن سان نئين سنڌ جوڙڻ سگهجي ٿي. نئين سنڌ لاءِ جديد سنڌ جي باني سائين جي ايم سيد جي فڪر جي روشني ۾ جن معاملن کي نواز خان زئور ڇهيو آهي، ان مان ليکڪ جي سنجيدگي جي پروڙ پوي ٿي. بنيادي طور تي هن ڪتاب جو جيڪو آخري موضوع آهي"آزادي: عالمي ڪردار جو وسيلو". ان حوالي سان سنڌي قوم کي سنڌ جي آزادي بعد دنيا جي ڀلائي، حسناڪي، امنِ عالم، ترقيءِ بني آدم، بقاء باهمي ۽ اتحاد انساني لاءِ پنهنجو عالمي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ چيو ويو آهي. پر مان سمجهان ٿو ته شهيد بشير خان ريشي عالمي قوتن کي مخاطب ٿيندي 23مارچ 2012ع ۾ اهو چيو هو ته سنڌ جو 6 ڪروڙ عوام 1940 جي قرارداد کي انهي ڪري رد ٿو ڪري ته 64 سالن ۾ پاڪستان قومن جي هن عظيم عهد نامي تي عمل ناهي ڪيو ۽ هن گڏيل قومن ۾ ويٽو پاور رکندڙ ملڪن جا نالا ڪڻي چٽي انداز ۾ اها ڳالهه ڪئي هئي ته هاڻي سنڌو ديش جي قيام لاءِ اسان جي مدد ڪئي وڃي. انهي حوالي سان سمورين قومپرست آزادي پسند قوتن کي گهرجي ته هو طاقت کي يڪجا ڪن ۽ آزادي جي ويڙهه لاءِ نئين حڪمت عملي ۽ تدبيري واٽ جوڙين. اهو ئي هڪ رستو بچيو آهي

جنهن سان سڄي سنڌ کي متحد ۽ منظم ڪري رياستي شوشن تي جدوجهد ڪرڻ بجاءِ سنڌ وطن جي آزادي جي گهڙ طرفي همگير جدوجهد ڪئي ويجي. بهرحال هي ڪتاب قومي ڪارڪنن لاءِ انتهائي اهم سياسي ۽ نظرياتي مواد مهيا ڪري ٿو. انهي ڪري قومي ڪارڪنن کي گهرجي تہ وڏ مان وڏ ساٿين سان گڏجي هن ڪتاب جو مطالعو ڪن.

**پنهل ساريو**

2اپريل 2015

حيدر آباد

ليکڪ پاران

# هڪ سپني جي ساپيا جي پنڌ تي

منهنجو هڪ عظيم سپنو آهي، جنهن سپني جو نالو سنڌ جي آزادي آهي. آئون انهي سپني سان ايتري محبت ڪندو آهيان جو انهي جي ساپيا جي پنڌ تي هلندي ڪيترين ئي واٽون ووڙيون اٿم، ڪيترائي رڻ اڪريا اٿم، ڪيترائي جبل جهاڳيا اٿم، ڪيترائي لڪ لانگها لنگهيا ۽ تڙ اوتڙ اوليا اٿم، جدوجهدن ۾ هليو آهيان ۽ نور نچويو اٿم. مون ان سپني جي ساپيا لاءِ پنهنجن پيرن کي جدوجهد جي پرواز پئي عطا ڪئي آهي تہ جيئن آزادي کي اوڏڙو ٿي سگهان، پنهنجي شعور کي ڏيئا ڏيئا ڪري پئي ٻاريو آهي، تہ جيئن آزادي جي راهن کي وڏيڪ روشن ڪري سگهان ۽ انهي روشني ۾ منهنجي قوم آزادي جي لال ڪنوار جو سدا سهڻو من مهڻو مُکڙو چٽائي سان ڏسي سگهي ۽ سندس دل ۾ ان جي حاصلات لاءِ سچي تڙپ پيدا ٿي سگهي. مون پنهنجي تحرير توڙي تقرير ۾ انهي دلڪش چهري جي جلوي نمائي پئي ڪئي آهي. زيرِ نظر ڪتاب پڻ انهي سپني جي ساپيا جي پنڌ تي وڌايل وک آهي.

جڏهن ڪنهن بہ سماج جي اندر سياست ڪمزور ٿي ويندي آهي ۽ سياسي عمل لاٿ جو شڪار ٿي ويندو آهي، تڏهن سياسي ادب جي سرجڻ جي رفتار پڻ ڍري ٿي ويندي آهي. ڪو وقت هو جو سنڌ اندر سياسي نظرياتي بحث مباحثا تمام وڏي پئماني تي ٿيندا هئا، سياسي ادب وڏي مقدار ۾ سرجيو ويندو هو

۽ جيڏي وڏي مقدار ۾ سرجيو ويندو هو. اوڏي ئي دلچسپي ۽ دلجمعيءَ سان پڙهيو ويندو هو. نه رڳي اهو ته تن ڏينهنَ ۾ سياسي ادب مقداري لحاظ کان گهٽ ۾ هو. پر اهو معياري لحاظ کان پڻ بلندين تي بيٺل هوندو هو. جنهن جي نتيجي ۾ هڪ قسم جي نظرياتي پختائي جنم ورتو. جنهن سياسي عمل کي بلوغت جي اڳئين ڏاڪي تائين رسايو. اهو دؤر سنڌ ۾ سائين جي ايم سيد جو دؤر هو. جنهن کي عبدالواحد آريسر وڏيڪ جلا بخشي هئي. لکڻ پڙهڻ جو اهو دؤر اڄ جهڪو ۽ جهيڻو ٿي ويو آهي. قومي سياست جي هيٺي ٽيڻ جي ڪري نظرياتي، فڪري ۽ سياسي ادب جي لکجڻ ۾ پڻ ڍرائي اچي وئي آهي. آئون چاهيان ٿو ته سياسي ادب تخليقجڻ ۾ آيل اها ڀاڙائي ختم ٿئي. ڇاڪاڻ جو سياسي ادب جيتريقدر وڏيڪ سرجندو، سياسي عمل ايتريقدر وڏيڪ پڪو پختو ۽ اثرائتو ثابت ٿيندو.

هن دراز ڪارِ جهان تي محيط هيءَ ڪائنات هڪ عظيم هيڪڙائي آهي، جنهن جي هر شئي ٻي شئي تي آڌارڪ آهي، هر شئي ٻي شئي سان ڳنڍيل آهي. سماج پڻ ايئن آهي. سماجي اصولن جو جهان ٻڌائي ٿو ته علم ۽ عمل جي وچ ۾ باهمي ڳانڍاپو آهي، جيڪو شين تي ٻنا ۽ گهڻ رخا اثر وجهي ٿو. نتيجي ۾ هڪ شئي جي ڪمزوري ٻي شئي کي ڪمزور ڪري ٿي. ساڳئي وقت هڪ شئي جي مضبوطي ٻي شئي کي مضبوط ۽ سگهارو بڻائي ٿي. ساڳي ڳالهه ابتڙن تي پڻ ٻئي نموني ۾ اثرانداز ٿئي ٿي.

جتي سرگرم ۽ سگهاري سياست سياسي ادب جي تخليق جو ڪارڻ بڻجي ٿي، اتي سگهارو سياسي ادب ڪمزور ٿي ويل سياست کي سگهه ۽ طاقت جا نوان بنياد مهيا ڪري ٿو.

تنهنڪري سياسي ادب سرجڻ گهرجي. اهو جيترو گهڻو سرجندو، سنڌ جي قومي سياست جي واڌويجهه ۽ ترقي ۾ اوترو گهڻو ڪردار ادا ڪندو.

ٻي ڳالهه ته سياست، فڪر، سماج ۽ معيشيت جهڙا شعبا هر وقت متحرڪ رهندڙ لقاءَ آهن. جيڪا شئي متحرڪ هوندي، اها تغيرپسند هوندي ۽ لحظي بلحظي تغير ۽ تبديل جي ور چڙهندي رهندي. جتي به ۽ جڏهن به ڪو تغير رونما ٿيندو، تڏهن نوان سوال، نوان مامرا ۽ نوان بحث ڪر کڻندا. عالمي وايومنڊل ۾ آيل تبديلين جي ڪري سنڌ پڻ ڪيترن ئي نون سوالن سان منهان منهن آهي. خاص طور تي بين الاقوامي محاذ تي دوستين ۽ دشمنين جي تعين جهڙا سوال هڪ پيرو ٻيهر ڳاٽ ايا ڪريو بيٺا آهن. اسان جي دوستن جي هڪ وڏي گهڻائي اڃا تائين بدقسمتي سان سرد جنگ واري ذهن سان سوچي رهي آهي. حالانڪ حقيقت هيءَ آهي ته دنيا هاڻي سرد جنگ واري صورتحال کان ايڏي ته گهڻي پري نڪري وئي آهي جو ان راهه جي ڏوڙ به ڏسڻ ۾ نه ٿي اچي. تنهنڪري حالتن تي نئين زاويي کان سوچڻ جي گهرج آهي. پراڻا بند ذهن هاڻي ڪارائتا ٿي نه ٿا سگهن. کليل دماغن کان ڪم وٺڻو پوندو. دنيا کي نئين نگاهه سان ڏسڻو پوندو. اهڙي نگاهه، جيڪا تبديل ٿيل حالتن ۾ اسان جي درد جو دارون ڳولي سگهي. مون هتي ان قسم جي صورتحال تي به بحث ڪيو آهي. ان بحث جو ڪارڻ صرف هيءَ آهي ته جيئن اسان تبديل ٿيل حالتن ۾ پنهنجي ملڪ جي آزادي لاءِ نون امڪانن جي افقن کي ڳولي سگهون.

ڪتاب جيئن ته مختلف مضمونن تي مشتمل آهي، ان ڪري مخلف مامرن تي بحث ڪري ٿو. جيتوڻيڪ ڪجهه اهڙا موضوع به آهن، جيڪي هڪٻئي کان سراسر مختلف آهن؛ پر

مضمونن جي ڪتاب جي خوبصورتي ئي اها هوندي آهي تہ اهو هڪ ئي وقت گهڻن مامرن تي بحث ڪندو آهي ۽ ڪيترن ئي ڳالهين جا رنگبرنگي ٿان کولي پڙهندڙن جي آڏو رکندو آهي. ان ڪري هن ڪتاب ۾ بہ موضوعن جي گهڻائي آهي، پر انهي گهڻائي ۾ بہ هڪڙي اهم هڪجهڙائي هيءَ آهي تہ اهو مجموعي طور تي قومي تحريڪ ۽ قومي معاملن تي مخاطب ٿئي ٿو. خارجي معاملا هجن يا داخلي، اهي آهن سنڌ جي قومي تحريڪ سان لاڳاپيل. قومي تحريڪ جي اوک ڊوک ڪندي مختلف معاملن جي مختلف پاسن جو جائزو ورتو ويو آهي. ڳالهہ ڪيئن بہ هجي، پر ڳالهہ جو مرڪز قومي فڪر آهي. اهو ئي ڪتاب جو مرڪزي نقطو آهي ۽ انهي ڪري منجهس هڪڙو زبردست تسلسل ۽ جَڙاءَ موجود آهي.

سنڌ جي آزادي سنڌي عوام جي قومي جدوجهد جي نتيجي ۾ ئي حاصل ڪري سگهجي ٿي. ان ڪري ضروري آهي تہ سنڌي عوام جي اندر ۾ آزادي جو عشق پيدا ڪجي. عشق تڏهن پيدا ٿيندو آهي، جڏهن سونهن جو ڪو جلوو اکين جي آڪاس تي ڪوئي نئون عڪس چٽيندي دل جو در ڪڙڪائي  ويندو آهي. ڪا مرڪ، ڪا نگاهہ، ڪو آواز، ڪو لفظ، ڪو جملو، ٻولي جي ڪا دلڪشي، دليل جو حُسن، رتو رت جسم سان اوچو ڳاٽ، ڪردار جي اجرائي، ڳالهہ جي سادگي جي سونهن، دل ۾ لهي ويندڙ حرف، وطن جو حسناڪ بدن، آزادي جون خوابناڪ اکيون. آئون چاهيان ٿو تہ انهن سيني شين کان پنهنجي قوم کي آگاهي ڏجي. انهي حُسن، انهي سونهن ۽ انهي دلڪشي کان ڪيس واقف ڪجي. اها سياسي طور تي جيتري آگاهہ، واقف ۽ باشعور هوندي، اوترو ئي پنهنجي وطن کي پنهنجي دل ۾

ڏڙڪندي محسوس ڪري سگھندي. ان لاءِ ضروري آهي ته هو سياسي ادب جو مطالعو ڪري.

سياسي ادب غلام قوم جون اکيون ٿيندو آهي، جنهن سان اها آئيندي جي اڻ ڏٺي ماڳ کي ڏسي سگھندي آهي ۽ پنهنجي شعور ۽ ارادي جي قوت سان ان ماڳ کي پنهنجي خوابن جي ساپيا جي روپ ۾ رنگيندي آهي.

هن ڪتاب لکڻ جو مقصد به قومي ڪارڪنن ۽ پنهنجي عوام جي قومي شعور کي پڪو پختو بنائڻ ۽ سياست کي هٿي ڏيڻ آهي.

آئون تهه دل سان ٿورائتو آهيان، انهن سڀني دوستن جو جن جي سهڪار سان هيءَ ڪتاب توهان پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچي سگھيو آهي. آئون منهنجي دوست منهنجي ياءَ پنهل ساريي جو به دلي ٿورائتو آهيان، جنهن هن ڪتاب جو مُهاڳ لکي ڏيڻ لاءِ وقت ڪڍيو.

هيءَ ڪتاب آزادي جي سپني جي ساپيا جي پنڌ تي وڌايل هڪ وک آهي، هڪ جوت آهي. جيڪڏهن ان سان ڪن ذهنن ۾ روشني جون ڪي لاٽون ٻري ٿيون پون ته آئون ڀانئيندس ته منهنجو پورهيو ساب پيو آهي.

**نواز خان زئور**
8 اپريل 2015ع
ميرپور بٺورو سنڌ.
03332538084
nkzaor@yahoo.com

**آخرين ڪاميابي اسان جي آهي. خلق جي آواز منجهہ خدا جي ازغيبي مدد لڪل آهي ۽ آخر فتح عوام جي ٿيڻي آهي.**

جي. ايم. سيد

“نئين سنڌ لاءِ جدوجهد”، 404 صفحو.

# خوشحالي آزادي ۾ ئي ممڪن آهي

عوام يا قوم جي خوشحالي هڪڙو اهڙو سوال آهي، جيڪو سياست ۾ ور ور اُڀرندو آهي ۽ هوشيار ۽ چالاڪ سياستڪار انهيءَ سوال سان ور ور کيڏندا رهندا آهن. اهي عوام جي غربت تي ڳوڙها ڳاڙيندا آهن، غريبي ۽ خوشحاليءَ جي وچ ۾ پيٽ ڪندا آهن، خوشحاليءَ جو وڻندڙ ۽ دل آويز خواب ڏيکاريندا آهن ۽ هڪڙي خاص مند ۾، جيڪا گهڻو ڪري چونڊن جي مند هوندي آهي، عوام سان خوشحاليءَ جا وچن ۽ واعدا ڪندا آهن، پر اهو عمل صرف چونڊن جي وقت ڪون ٿيندو آهي. سياست جي دنيا ۾ وقت بوقت اهڙا ڪيترا ئي موقعا ايندا آهن، جڏهن هيءُ سوال اُڀري پيو ايندو آهي ۽ انهيءَ جي جواب ۾ ٿيڪا ٽپڻي پئي ٿيندي آهي، تنقيد ۽ تبصرا پيا ٿيندا آهن ۽ وچن وعيد پيا ورجائبا آهن. سماجي ۽ اقتصادي اُٿلن پُٿلن، لوڏن لمن ۽ هيناهين مٿاهين ۾ هيءُ سوال پيو اُڀرندو آهي ۽ طالع آزمائي گهٽي پاڻي هيءَ کيڏ، غلام اڻ سڌريل ۽ پٺتي پيل ملڪن ۾ ئي کيڏندا ئي رهندا آهن.

جهڙيءَ ريت سماج هڪڙو مسلسل لقاءُ آهي، بلڪل اهڙي ئي ريت سياست ۽ اقتصاديات پڻ هڪڙو مسلسل تحرڪ ۽ نہ رُڪجندڙ عمل آهي. پر ڪو بہ تحرڪ سڌي لڪير ۾ سفر نٿو ڪري، جتي تحرڪ آهي، اُتي هيٺ مٿانهيون آهن. انهيءَ ڪري سياست، سماج ۽ اقتصاديات پڻ اوپارين لهوارين ۽ هيٺ مٿانهين وارين ور وڪڙ واٽن

جا مسافر هجن ٿا. ساڳيا ماڻهو جيڪي هڪڙي وقت ۾ خوشحاليءَ جي بلندين تي بيٺل ملن ٿا، ٻئي وقت تي انهن جي جڳهه هيٺ گهٽي هيٺ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. آزاد قومن جا معاشرا ۽ عوام پڻ اقتصادي بحرانن ۾ ڦاسندا ۽ مالي مشڪلاتن جي ور چڙهندا رهن ٿا. جيتوڻيڪ غربت هڪڙو عامي مسئلو آهي. تنهن هوندي بہ آزاد ۽ غلام، سڌريل ۽ پٺتي پيل ملڪن جي صورتحال ۾ هڪڙو چٽو فرق موجود هجي ٿو.

آزاد سڌريل ۽ ترقي يافتا ملڪ بنيادي طور خوشحال ملڪ هجن ٿا، ايئن بلڪل آهي تہ آزاد، سڌريل ۽ ترقي يافتا ملڪ بہ معاشي بدحالي، بيروزگاري ۽ اقتصادي بحرانن جي ور چڙهي وڃن ٿا، پر هر قسم جي خراب صورتحال جي باوجود، نہ تہ اتي جو عوام بکن ۾ پاهہ ٿي مرڻ لڳي ٿو ۽ نہ ئي وري معاشي ابتري اُن سطح تي پهچي ٿي، جو ماڻهو بنهہ ڪنگال، سقيم ۽ بدحال ٿي، غربت جي عالمي لڪير واري پد کان هيٺ زندگي گهارڻ تي مجبور ٿي وڃن، آزاد ۽ سڌريل ملڪن ۾ بيروزگاري ۽ بدحاليءَ سبب جيڪا ٿوري گهڻي غربت پيدا ٿئي ٿي، اها مڪاني يا عالمي اقتصادي بحران جو نتيجو هجي ٿي، جيئن ئي اهو بحران ختم ٿئي ٿو تيئن ئي اها بدحالي، غربت ۽ ابتري ختم ٿيو وڃي ٿي، آزاد ۽ سڌريل ملڪن ۾ عوام جي معاشي بدحالي هڪڙو عارضي ۽ بنهہ مختصر لقاءُ هجي ٿي، ان جي ابتڙ غلام، پٺتي پيل ۽ ترقي پذيريءَ جي نالي ۾ نهال ملڪن ۾ غربت هڪڙو دائمي لقاءُ ٿي پئي آهي ۽ ختم ٿيڻ جو نالو ئي نٿي وٺي.

آزاد دنيا ۾ غربت ۽ بدحاليءَ جا سبب پيداواري عمل ۾ ايندڙ لوڏن لمن ۽ هيٺاهين مٿاهين ۾ لڪل هجن ٿا، جڏهن تہ غلام ملڪن ۾

غربت ۽ بدحاليءَ جو ڪارڻ قومي استحصال ۽ ڦرلٽ هجي ٿي. غاصب ملڪ يا قومي قبضي هيٺ آيل ملڪ يا قوم جي پيداواري وسيلن جي بيدرديءَ سان ڦرلٽ ڪري اُن قوم کي تباهيءَ جي ور چاڙهيو ڇڏي، استحصال جو شڪار قوم جا فرد غربت جي عالمي لڪير کان بہ هيٺ زندگي گهارڻ تي مجبور ٿيو پنڻ پيڙا ٿيو وڃن، جڏهن تہ استحصال ڪندڙ قوم جا ماڻهو ڏينهون ڏينهن مچندا مواڙ ٿيندا، شاهوڪار ٿيندا ويندا آهن. غلام بڻ مختلف ڏِسائن ۾ وڌندڙ انهيءَ فرق کي ڏينهون ڏينهن وڌائيندي ويندي آهي.

سنڌ ۾ بہ مختلف وقتن تي غربت ۽ خوشحاليءَ جا سوال ايندا رهن ٿا، طالع آزما سياستڪار غربت تي ڳوڙها ڳاڙيندا ۽ خوشحاليءَ جا خواب ڏيکاريندا، ماڻهن کي هرڪائيندا رهن ٿا، پر هتي وعدن جو جيترو فصل پوکجي ٿو نتيجن جو اوڏو ڦل نٿو ملي، وعدا اڻ منداڻتن ميون وانگر بي سوادا ۽ کسارا ٿي پيا آهن، غربت ڪتاري وانگر ماڻهن جا مٿا چيرصي رهي آهي. خوشحاليءَ جي خوشبوءِ ديس جي ڳلين ۾ وکرڻ ۽ ماڻهن جي منن ۾ مهڪڻ کان نابري واري ڇڏي آهي. بک ۽ بدحالي آهي، جيڪا ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي. سوڪاري سنڌ جا ماڻهو ڏڪارا آهن، سوڪاريل سنڌ ديس جو ڏڪاريل عوام عربت جي عالمي لڪير کان هيٺ زندگي گهارڻ تي مجبور آهي. آخرڪار اهڙو ڪهڙو سبب آهي، جو سنڌي عوام جي زندگين مان نہ تہ ڏک ختم ٿو ٿئي، نہ غربت جو انت ٿو اچي ۽ نہ ئي قوم آزديءَ سان جي سگهي ٿي، ان هڪڙوئي ڪارڻ آهي، جيڪو آهي ’قومي غلامي‘.

قومي غلاميءَ ۾ قومون ترقي نہ ڪنديون آهن. قومي غلامي، ترقي، خوشحالي ۽ خوشين جا در بند ڪري ڇڏيندي آهي، اها بدحالي، مسئلا ۽ غربت جنم ڏيندي آهي. جنهن جي نتيجي ۾ غلام يا قبضي هيٺ آيل قوم، ڪمزور، لاچار ۽ هيٺي ٿي ويندي آهي. جيڪا قوم جبر، ڏاڍ ۽ ڦرلٽ جو شڪار هجي، اها ترقي ڪيئن ٿي ڪري سگهي؟ جنهن عوام کي پنهنجي قومي پيداواري وسيلن مٿان ڪو اختيار نہ هجي، اها خوشحال ڪيئن ٿي ٿي سگهي؟سياست ۽ اقتصاديات کي ڪنهن بہ صورت ۾ الڳ ڪري نٿو سگهجي. جيڪا قوت سياسي طور بالادست ٿي ويندي آهي. اها اقتصادي لحاظ کان بہ بالادستي قائم ڪري وٺندي آهي. ساڳئي نموني اقتصادي بالادستي رکندڙ قوت هوريان هوريان سياسي طور بالادست ٿي ويندي آهي. سياست ۽ اقتصاديات هڪٻئي کان اڻ ڇڄندڙ ۽ هڪٻئي جا مددي عنصر آهن. جيڪڏهن ڪو هڪ پاسو سگهارو ۽ بالادست ٿي ويندو. اهڙي ئي نموني جيڪڏهن ڪو هڪ پاسو ڪمزور هوندو تہ ٻيو پاسو پڻ ڪمزور ٿي ويندو. جيڪا قوم سياسي لحاظ کان ڪمزور هوندي، اها پنهنجا پيداواري وسيلا بچائي يا انهن مان ڀرپور لاڀ حاصل ڪري نہ سگهندي. نتيجي ۾ ڏينهون ڏينهن وڌيڪ ڪمزور ٿيندي ويندي، تان جو ان جي سياسي خودمختياري ۽ آزادي پڻ خطري جي ور چڙهي ويندي ۽ سندس پيداواري وسيلا پڻ سندس هٿن مان هليا ويندا. اهڙيءَ ئي ريت پيداواري وسيلا کسايل قوم پنهنجي سياسي آزادي وڃائي محڪوم بڻجي ٿي وڃي. ڪا بہ قوم تڏهن ئي خودمختيار رهي سگهي ٿي، جڏهن پنهنجي سياسي آزادي برقرار رکي: سياسي آزادي تڏهن ئي

برقرار رهي سگهي ٿي، جڏهن پيداواري وسيلن جي مالڪي ڪري. جڏهن سندس پيداواري وسيلا، سندس مالڪيءَ ۾ اختيار هيٺ هوندا، تڏهن ئي اها ترقي ڪري سگهندي. آزادي، سياسي اختيار ۾ پيداواري وسيلن جي مالڪيءَ کانسواءِ نہ تہ ڪا قوم ترقي ڪري سگهي ٿي ۽ نہ ئي پنهنجو قومي تشخص بچائي سگهي ٿي. سياسي اختيار ۽ پيداواري وسيلا صرف قومي آزاديءَ جي صورت ۾ ئي قوم پنهنجي هٿ ۾ رکي سگهي ٿي. تنهن ڪري خوشحالي ۽ ترقي پڻ قومي آزاديءَ جي صورت ۾ ئي ممڪن آهي. غلام قوم ترقيءَ جي شاهراه تي اڳتي وڌڻ بدران تنزلي، زوال ۽ ابتريءَ جي اونهيءَ کڏ ۾ ڪري پوندي آهي. جنهن مان ڪيس قومي آزاديءَ کانسواءِ ٻي ڪا بہ ڏاڪڻ ٻاهر ڪڍي نہ سگهندي آهي. عالمي ادارن جي مختلف جائزن ۽ سروين موجب سنڌ، ورهاڱي کان اڳ وڏيڪ شاهوڪار هئي، سنڌ جا ماڻهو وڏيڪ خوشحال هئا ۽ اڄ جي ڀيٽ ۾ في ڪس آمدني وڌيڪ هئي. ورهاڱي کانپوءِ سنڌ جا ماڻهو غربت، بدحاليءَ ۽ ابتريءَ جي ور چڙهي ويا آهن. جيتوڻيڪ ان جي پيداواري شرح ۾ تمام گهڻو واڌارو آيو آهي، پر ان جي باوجود خوشحالي ۽ ترقيءَ جي بدران غربت ۽ ابتريءَ ۾ واڌ آئي آهي. اها ڪيڏي نہ عجيب ڳالهہ آهي، جو ورهاڱي کان اڳ، جڏهن پيداوار جي شرح اڄ کان گهڻي گهٽ هئي، سنڌ جا ماڻهو خوشحال هئا، سندن في ڪس آمدني وڌيڪ هئي ۽ اڄ جڏهن سنڌ جي پيداواري شرح آسمان جي بلندين سان ڳالهيون ڪري رهي آهي، تڏهن سنڌ جي عوام جي اڪثريت غربت جي عالمي لڪير کان هيٺ واري پاتال ۾ ڪري پئي آهي! ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ انگريزن جي

دؤر جي پيٽ ۾ هن وقت سنڌ جي اقتصادي ڦرلٽ وڏيڪ بدترين ٿي وئي آهي ۽ قومي غلامي وڏيڪ ڀيانڪ شڪل اختيار ڪري وئي آهي. اها قومي غلامي ئي آهي، جنهن جي ڪري سنڌ جا پيداواري وسيلا، سنڌ کان کسيل آهن ۽ 'پنجاب سامراج' انهن جي ڦرلٽ ڪري، انهن مان فائدو کڻي رهيو آهي ۽ روز بروز ترقي ڪري رهيو آهي.

سامراجيت ٻين ملڪن مٿان والار قومن مٿان قبضي، بالادستي، ڦرلٽ ۽ غلاميءَ جو نالو آهي. سامراجيت ٻين قومن کي ترقيءَ بدران صرف قومي غلامي آڇيندي آهي ۽ غلام بڻيل قوم جو رت پي، ان جي رڳن کي کوکلو ڪري ڇڏيندي آهي. سامراجيت قومن جي استحصال تي پلبي آهي، نتيجي ۾ ڏينهون ڏينهن مواڙ ٿيندي ويندي آهي، گڏوگڏ سندس قبضي هيٺ آيل قوم کي ڏٻرو، ڪمزور ۽ هيٽو ڪري موت جي منهن ۾ ڌڪي ڇڏيندي آهي. 'پاڪستاني وفاق' جي نالي ۾ 'پنجابي سامراجيت' پهرين بنگالين جو استحصال ڪندي رهي، بنگالين جي آزاد ٿي وڃڻ کانپوءِ سنڌ ۽ بلوچستان ان جي ڏائن هيٺ آيل آهن. اهي رت پياڪ ڏائڻ ايتريون گهريون کُتل آهن، جو محڪوم قومون بي ست بڻيل آهن ۽ انهن جي جسم ۾ جان ڪون رهي آهي.

هڪڙو دور هو جو وچ ايشيا عروج تي هو ۽ ان جي ڪجهه شهرن کي دنيا ۾ افسانوي حيثيت حاصل هئي. اها انهن شهرن جي بي مثال حيثيت، اهميت ۽ قيمت ئي هئي، جو حافظ شيرازي، سمرقند ۽ بخارا کي محبوب جي ڳاڙهي ڳل جي ڪاري تِر تان گهورڻ جي ڳالهه پنهنجي شعر ۾ ڪئي هئي. جڏهن تيمورلنگ دجلا ۽ فرات جي ماٿرين ۽ ميدانن تي فاتح ٿي لٿو هو، تڏهن سندس حڪم تي سپاهي

شيراز جي هن پيڙڙي شاعر کي پڪڙي سندس سامهون ڪٺي آيا هئا، تيمور، حافظ کي چيو هو تہ توکي خبر آهي تہ مون انهن شهرن کي ٺاهڻ لاءِ ڪيڏا نہ جتن ڪيا آهن، ڪٿي ڪٿي نہ حملا ڪيا آهن ۽ ڪٿان ڪٿان نہ دولت هٿ ڪري اُتي آڻي ڪني ڪئي آهي. تون محبوب جي تِر تان ان کي قربان ڪرڻ جون ڳالهيون پيو ڪرين! حافظ شيرازيءَ جو جواب پنهنجي جڳهہ تي، پر حقيقت هيءَ هئي تہ اها ٻين قومن جي ڦرلٽ هئي، جنهن هنن شهرن کي افسانوي حثيت بخشي هئي.

اهڙيءَ ريت اهي برطانوي ٻيٽڪون (colonies) ئي هيون، جن جي ڦرلٽ برطانيا کي نئين زندگي بخشي. هندستان هجي يا آفريقا، ٻيٽڪن جو ڪچو مال برطانيا جي ديو هيڪل ڪارخانن جون چمنيون ٻاريندو رهيو. سامراجيت اوائلي شڪل ۾ هجي يا جديد، اها قومن جي ڦرلٽ جو نالو آهي. ٻيٽڪيت پراڻي هجي يا جديد، اها ملڪن ۽ قومن جي محڪومي، ڦرلٽ ۽ بدحاليءَ جو سبب آهي. اڄ پاڪستاني وفاق جي طلسم ۾ اسلام آباد ۽ لاهور کي جيڪا افسانوي حيثيت حاصل آهي، انهيءَ جو ڪارڻ سنڌ جي وسيلن جي ڦرلٽ آهي.

اها سنڌ جي گئس آهي، جنهن مان پنجاب جي ڪارخانن جون چمنيون ٻرن ٿيون، سنڌ مان نڪرندڙ گئس، سنڌ جي ڪم نٿي اچي. گئس پٽ جبل مان ٿي نڪري، پر ڪاڇي جي ڳوٺن جون عورتون ٻارڻ لاءِ جهنگ مان ڪانيون ٿيون ڪن ۽ پٽين تي ڇيڻا ٿيون ٿڦين. گئس قادرپور مان نڪري ٿي، پر سنڌوءَ جي ڪنڌين تي وينل ماڻهو انهيءَ کان محروم آهن. گئس گولاڙچي، کورواهہ، ٽنڊي محمد خان ۽ سانگهڙ

جي علائقن مان نڪري ٿي، پر لاڙ ۽ ٿر جي ماڻهن کي ان جي بوءِ بہ سُنگھڻ لاءِ نٿي ملي. بلوچستان جي پڻ ساڳي حالت آهي. ايئن بلوچستان ۽ سنڌ مان جتان جتان گئس نڪري ٿي، اتي جي پرپاسي جا ڳوٺ ۽ ننڍا توڙي چڱا خاصا شهر، ان نعمت کان محروم آهن. ان جي ابتڙ اها گئس، لاهور ۽ فيصل آباد سميت پنجاب جي ٻين شهرن جي ڪارخانن جي صنعتن جون چمنيون ٻارڻ سان گڏ پنجاب جي گهرن جي چُلهين کي بہ ٻاري ٿي.

پيٽرول، تيل، گئس، معدنيات، روينيو، صنعت، بئنڪاري، واپار، پاڻي، سمنڊ، سامونڊي بندر، محصول_ مطلب تہ سمورو ناڻو، سمورا پيداواري ذريعا مرڪز جي چنبي ۾ آهن. نہ فقط مرڪز سنڌ جي ناڻي تي هلي رهيو آهي، پر پنجاب پڻ انهيءَ ناڻي مان ترقي ڪري رهيو آهي. انگن اکرن جي هيراڦيرين، ڌاڍ، ڌمر دبڙدٿونس ۽ طاقت جي زور تي سنڌ جي سمورن پيداواري وسيلن تي قبضو ڪيو ويو آهي. سنڌ جا وسيلا دستياب نہ هجن تہ پاڪستان هڪڙو ڏينهن بہ جيڪر هلي نہ سگهي، سنڌ جي وسيلن جي ڦرلٽ جو ٻارڻ ميسر نہ هجي تہ پنجاب سامراج جي ترقيءَ جو راڪيٽ هڪڙي اڏام بہ پري نہ سگهي. اها سنڌ جي ڦرلٽ ئي آهي، جنهن جي ڪري سنڌ ڏينهون ڏينهن وڌيڪ غريب ۽ بدحال ٿيندي وڃي، پنجاب ترقي ڪندو مچندو مواڙ ٿيندو وڃي ۽ پاڪستان پنهنجو ڪن ڦٽ هاڻو گندو وجود کنيو، گهلجندو ٿو هلي. سامراجيت جو گندو ۽ رت پياڪ ديو ٻين جي رت ست ۽ ڦرلٽ تي ئي پلجندو آهي، اهو قبضي هيٺ آيل وجود جو ساه پي ويندو آهي.

ورهاڱي وقت انگريز تہ هتان هليو ويو پر برصغير کي داغ داغ اُجالي ۽ شب گذيدا سحر جهڙي آزادي نصيب ٿي. ملڪ جي آزاد ٿيڻ ۽ ڪنهن ملڪ جي ٺهڻ ۾ فرق آهي. فطري ملڪ آزاد ٿيندا آهن، غير فطري ملڪ ٺهندا آهن ۽ اهي ٺهيل غير فطري ملڪ، ڪي ملڪ نہ هوندا آهن، رياست يا مملڪت هوندا آهن. ملڪ سازشن جي وسيلي نہ ٺهندا آهن، رياست ۽ مملڪت سازشن جي وسيلي ٺهي سگهي ٿي. ملڪ انعام ۾ نہ ملندا آهن، رياست انعام ۾ ملي سگهي ٿي. انگريزن جي سازش ۽ پنجابين لاءِ سندن انعام طور “مملڪتِ خدادادِ پاڪستان” انگريز سامراجيت جي ڪُک مان جنم ورتو. جنهن ۾ بنگال، سنڌ ۽ بلوچستان جي حيثيت ڪالونيءَ واري بڻجي وئي. بنگالي وڙهي پنهنجي آزادي ماڻي ويا. پٺاڻ ’پختون خوا‘ جي لالي پاپ تي شايد خوش آهن! جڏهن تہ بلوچ ۽ سنڌي اڃا غلاميءَ جي انهيءَ پنجوڙ ۾ ڦاٿا پيا آهن. هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا سنڌ ۽ بلوچستان پاڪستان اندر رهي ترقي ڪري سگهن ٿا؟ جيڪڏهن ڪا بينڪيت ترقي ڪري سگهي ها تہ ايشيا ۽ آفريقا جي قومن کي آزاديءَ جي جدوجهد جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ يقينن ڪا بہ غلام قوم، ترقيءَ جي بُلندين کي نٿي ڇُهي سگهي، آفريقا ۽ ايشيا جا اُهي ملڪ، جيڪي ويهين صديءَ دوران غلاميءَ ۽ ڏڪارن ۾ ڦاٿل هئا، سي آزاديون ماڻڻ کانپوءِ هاڻي نہ صرف پاڻپيرا ٿي ويا آهن، پر ترقي ۽ خوشحاليءَ جي رستي تي بہ گامزن آهن. نہ فقط عالمي تاريخ، پر سنڌ جي تاريخ بہ اهڙن واقعن سان ڀري پئي آهي تہ غلاميءَ جي مختلف دورن دوران ڪيئن نہ ڏکر منهن ڪيندو رهي ٿو. ڏڪار ۽ غلامي، ابتري ۽ غلامي، غربت ۽

غلامي، بدحاليءَ ۽ غلامي هڪٻئي سان ايئن ڇهتيل ۽ چنبڙيل رهن ٿا، جو دنيا جي ڪا به ڪئنچي، ڪو به چاقو ڪا به ڇُري، ڪا به تلوار يا ڪپو به تيز ڌار وارو اوزار، انهن کي هڪٻئي کان الڳ ڪري نٿو سگهي. ڪو به اقتصادي نظريو ڪنهن غلام قوم کي خوشحاليءَ ۽ ترقيءَ جي راه تي وٺي وڃي نٿو سگهي.

سنڌي قوم جي خوشحالي ۽ ترقي پڻ دنيا جي ٻين آزاد قومن وانگر قومي آزاديءَ ۾ ئي لڪل آهي. قومي آزاديءَ کانسواءِ خوشحاليءَ جي وعدن جو فصل پچي ڦر ڏئي نٿو سگهي. سنڌ جيستائين بينڪيت ٻڌيل رهندي، ان جا پيداواري وسيلا ڦربا لُٽبا رهندا. صرف ’سنڌ جي قومي آزادي‘ ئي سنڌي عوام کي پنهنجي قومي پيداواري وسيلن تي مالڪي ۽ اختيار ڏئي سگهي ٿي. پنهنجي قومي رياست ۾ ئي سنڌي قوم، پنهنجي پيداواري وسيلن کي پنهنجي ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ ڪتب آڻي سگهي ٿي؛ تنهن ڪري سنڌي قوم کي پنهنجي وطن ۽ ملڪ جي آزاديءَ لاءِ جاکوڙڻو پوندو، فقط ۽ فقط سنڌ ملڪ ئي سنڌي قوم جي ترقي، خوشحالي، جياپي ۽ وجود جي بقا جي ضمانت آهي.

****

# سنڌي قومپرستي جي اصل واٽ

**سنڌ جو آئيندو قومپرستي سان سلھاڙيل آھي:**

سنڌي قومپرستي جديد سنڌ جو اھو بنياد آھي، جنھن تي سنڌ جي آئيندي جو دارومدار آھي. جيڪڏھن سنڌي قومپرستي ھارائي ٿي وڃي تہ سنڌ پنھنجي قومي وجود جي جنگ ھارائي ويھندي. جيڪڏھن سنڌي قومپرستي جيتي ٿي وڃي تہ سنڌ جو آئيندو، سنڌ جو مستقبل، سنڌ جو ملڪي وجود ۽ سنڌي قوم جو قومي تشخص بچي ويندو. نہ رڳو اِھو تہ سنڌ جو قومي ملڪي تشخص بچي پوندو، پر ھڪ ملڪ ۽ قوم طور سنڌي قوم ترقي ۽ خوشحالي جا نوان افق پڻ ڇَھي سگھندي.

قومپرستي نہ صرف سنڌ جي تاريخي ضرورت آھي، پر اھا ھر غلام ملڪ ۽ قوم جي تاريخي ضرورت پئي رھي آھي. ڇاڪاڻ جو قومپرستي پنھنجي جوھر ۾ قومي آزادي جو نظريو آھي. اھوئي ڪارڻ آھي جو غلام قومن جي سمورن آزادي پسند اڳواڻن يا قومي سورمن پنھنجي سياست ۽ جدوجھد جو بڻ بنياد قومپرستي تي ئي پئي رکيو آھي.

ھر سياست يا جدوجھد ڪنھن نہ ڪنھن نظريي جي ئي پابند ۽ تابع ھوندي آھي؛ ان ڪري جھڙو نظريو ھوندو، جدوجھد ۽ سياست جو رخ بہ اھڙو ئي يا ان آڌار تي ئي جڙندو. ان حساب سان جنھن سياست جو بنياد قومپرستي تي ھوندو، ان جو رخ بہ فطري طور تي قومي آزادي

ڏانهن ئي هوندو. ان جي ابتڙ جنهن سياست جي پيش رفت نظرياتي، سياسي ۽ فڪري حوالي سان قومي آزادي جي رخ ۾ نہ هجي تہ سمجهي چڏڻ گهرجي تہ اها سياست قومپرستي جي بنياد تي بيٺل ڪانهي. پوءِ پل اها قومپرستي جون دعوائون ئي ڇو نہ ڪندي هجي.

اچو تہ ٿورو سنڌي قومپرستي جو تمام مختصر جائزو وٺون تہ اها ڪٿي بيٺل آهي ۽ ان کي ڪهڙن ڪهڙن مفروضن ۽ غلط تصورن ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي؟

## الف ـ آزادي پسند قومپرستي:

سنڌي قومپرستي جو سڀ کان حاوي پاسو آزادي پسند قومپرستي وارو آهي، جنهن کي عرفِ عام ۾ جي ايم سيد جو نظريو يا فڪرِ سيد پڻ ڪوٺيو ويندو آهي. جيتوڻيڪ سائين جي ايم سيد جو فڪر تمام گهڻو وسيع آهي، پر ان جو حاوي پاسو نيشنلزم آهي، ان ڪري فڪرِ سيد جي عام معنا ئي آهي سنڌ جي آزادي وارو فڪر يا جديد سنڌي قومپرستي. جيئي سنڌ هلچل جي سياست ان نظريي تي آڌارڪ آهي.

## ب ـ تنگ نظر ڪاٻي ڌر واري قومپرستي:

سنڌي عوامي تحريڪ يا پوءِ رسول بخش پليجي واري عوامي تحريڪ بہ ڪنهن حد تائين قومپرستي جي دعويداري ڪندي رهي. جنهنجي قومپرستي ۾ ڪاٻي ڌر واري مرچ مسالي جو ذائقو پڻ رلمل رهيو. پليجي صاحب جي سياست جي بوڙ ۾ اهو سوشلزم، مائوازم جو داڳ ئي هو. جنهن جي آڌار تي ان ۾ جي ايم سيد جي مخالفت جو

ڪڙو ذائقو پيدا ٿيو. هو انهيءَ مخالفت ۾ ان حد تائين عدم توازن ۾ هليا ويا جو عوام دشمن قوتن، رياست يا استحصالي طبقن ڪان به وڌيڪ مخالفت سيد جي ڪرڻ لڳا. هڪڙا تعصب پرست ۽ شاونسٽ ڪميونسٽ اهي هئا، جيڪي قومي سوال کي رجعت پسندي قرار ڏيندي جديد قومپرستي جي مخالفت ڪندا هئا، جڏهن ته هيءُ تنگ نظر لڏو پاڻ کي ترقي پسند ۽ عوام دوست قومپرست يا سوشلسٽ قومپرست جي روپ ۾ پيش ڪندي سنڌي قومپرستي جي مخالفت ڪرڻ لڳو.

**ب ـ تنگ نظر لساني قومپرستي:**

ويهين صدي جي پڇاڙڪن سالن دوران ٿيندڙ سنڌي پناهگير جهيڙن جي ڪُک مان جنم وٺندڙ سياست جو سڄو دارومدار به قومپرستي جي نالي تي ئي آهي، پر ان ۾ گهڻي ۾ گهڻي مخالفت اردو ڳالهائيندڙ لڏي سان ئي آهي. جنهن ڪري ئي سنڌ جو قومپرست دانشور خاڪي جويو ان کي فرقيوار لساني قومپرستي جي نالي سان سڏيندو آهي.

**پ ـ واٽڙي، موقعي پرست ۽ اقتداري قومپرستي:**

ڪجهه ماڻهو پ کي به هڪ حد تائين قومپرستي جي نظر سان ڏسڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. خود ڪجهه پ پ اڳواڻ به قومپرستن جي ردعمل ۾ هاڻي پاڻ کي سڀ کان وڏو قومپرست ڪوٺڻ لڳا آهن. پر اهو

سپ کان وڏيڪ غلط مفروضو هوندو جيڪڏهن ڪير پ پ کي قومپرستي جي نظر سان ڏسڻ ۽ ڪوشش لڳي.

اهڙي طريقي سان سنڌ ۾ قومپرستي جا ٽي چار نمونا ڏسي سگهجن ٿا.

## ڇا هيءَ واقعي ٻہ قومپرست آهن!؟

پيپلز پارٽي هڪڙو چون چون جو مربو آهي. اها دعوا اها ڪندي آهي تہ عوام طاقت جو سرچشمو آهي ۽ ٺاهہ انهن قوتن سان ڪندي آهي جيڪي عوام بدران پاڻ کي طاقت جو اصل ۽ اڪيلو سرچشمو سمجهندي ساري اڇي ڪاري جا مالڪ ٿيڻ جا خواهان رهن ٿا ۽ پوءِ جيئن ئي کين موقعو ملي ٿو، هو سيني سياسي ڌرين کي اقتدار مان ٻاهر هڪلي گهر ڀيڙو ڪري پاڻ اڪيلا اقتداري وارث ٿي ويهن ٿا. اها سياست وفاق جي ٿي ڪري، پاڻ کي وفاق جي ڳانڍاپي جي علامت ٿي سمجهي ۽ مٿان سڏائي وري سنڌين جي پارٽي ٿي. اها اقتدار سنڌي قوم جي ووٽن تي ٿي ماڻي ۽ وري تين وال ٻہ سنڌين جي ئي قومي مفادن کي ٿي ڪري. ان جا سانڍي جيان ڪيترائي رنگ آهن ۽ هن سادي سُودي قوم سان هزارين موقعي پرستيون ۽ ويساهہ گهاتيون آهن. ان ڪري ان کي ڪنهن بہ ريت قومپرستي جي دائري ۾ نہ ٿو آڻي سگهجي.

## هئا اڳهين گڏ

جيئن پ پ پنهنجي جوهر ۾ هڪڙي قومپرست تنظيم ٿي نه ٿي سگهي، بلڪل تيئن ئي تنگ نظر ماڻهو به قومپرست ٿي نه ٿا سگهن، پوءِ ڀل سندن اها تنگ نظري قومپرستي جي نالي ۾ ئي ڇو نه هجي. ڇو ته تنگ نظري نيٺ قومي ۽ عوامي مفادن کي پٺي ڏيندي آهي ۽ انت ۾ صرف پنهنجي گروهي مفادن کي ئي ملحوظِ خاطر رکندي آهي.

جيئن هتي هڪڙا تعصب پرست ۽ شاونسٽ ڪميونسٽ هئا، تيئن هتي ٻيا وري تنگ نظر ڪميونسٽ هئا. شاونسٽ ۽ تعصب پرست ڪميونسٽن وٽ قومپرستي شجرِ ممنوع هئي، جڏهن ته تنگ نظر ڪميونسٽن وٽ اها وري ڪوتاهه نظري جي ور چڙهيل هئي. هنن وٽ قومپرستي جي وصف آزادي پسندي کان ڪوهين ڏور بيٺل هئي. هنن جديد قومپرستي جي مخالفت ڪندي قومپرستي جي اڌو گابري يا وري بنهه غلط معنا ٿي ڪئي. اهو ڪيڏو نه وڏو الميو آهي ته جديد ترقي پسند فڪر جي مجيندڙن وٽ قومپرستي جو مدي خارج تصور هو. هنن قومي تضاد جي بجاءِ فروعي تضادن کي اوليت ٿي ڏني. انهي مدي خارج تصور ۽ جديد آزادي پسند قومپرستي جي انڪار نيٺ کين ان هنڌ تي آڻي بيهاريو، جتان سندن فڪري ۽ تنظيمي زوال شروع ٿي ويو.

ٽئي پاسي تنگ نظر لساني قومپرستي هئي، جنهن پڻ قومي تضاد کان ڪن لاٽار ڪندي پنهنجي هئڻ جي جواز لاءِ فروعي تضادن کي ٿي اپاريو. جنهن لاءِ سڀ کان سٺي شڪل اها ئي ٿي پئي سگهي ته سنڌ پنجاب تضاد بدران سنڌي پناهگير جهيڙي تي زور ڏنو وڃي.

هوڏانهن سوويت يونين جي زوال کانپوءِ تنگ نظر ڪميونسٽن وٽ نظرياتي لحاظ کان ڪجهه ڪونه بچيو، جنهن ڪري انهن جو ڪباڙو نڪري ويو. اهي جديد قومپرستي جا مخالف پڻ هئا. تنهن ڪري انهن وٽ بہ سواءِ ان واٽ جي ٻيو ڪو رستو ڪونہ بچيو تہ هو سنڌ اندر موجود لساني ٽڪراءُ منجهان پنهنجي سياست جو قوُتِ حاصل ڪن. اهڙي طريقي سان تنگ نظر ڪميونسٽ ۽ تنگ نظر فرقيوار قومپرست اڄ اردو ڳالهائيندڙن جي مخالفت ۾ هڪ ٿيا گڏيا بيٺا آهن. اهي اردو ڳالهائيندڙن جي سوال تي تہ هاءِ گهوڙا مچائين ٿا، پر پنجاب پاران سنڌ جي وجود جي خلاف ٿيندڙ ارهہ زورائين ۽ سنڌ ملڪ جي قومي غلامي جي خلاف ٻڙڪ بہ ٻاهر ڪڍڻ لاءِ تيار ناهن.

## اهو سڀ ڇا آهي؟ ڇو آهي!؟

سنڌ جي اندر زبردست فڪري، نظرياتي ۽ سياسي انتشار پکڙيل آهي. جنهن کي تمام وڏي چالاڪي سان روز بروز وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. جهڙي نموني سان مارشلائن ۽ آمريتن خلاف اپريل شعور کي پ پ جي موقعي پرستي ۽ عوام دشمني وارن گٽر جهڙن عملن ۾ ٻوڙيو ويو آهي، اهڙي ئي نموني سنڌ جي جديد آزادي پسند قومپرستي کي مسخ ڪرڻ جي لاءِ لساني ٽڪرائن واري سياست کي اپارڻ جا انيڪ جتن ڪيا پيا وڃن. هر ان ماڻهو کي سنڌين جو هيرو ۽ شينهن ڪري پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، جيڪو اڙدو ڳالهائيندڙن جي خلاف ڳالهائي ٿو پوءِ ڀل ان ۾ گدڙ يا جهرڪي جيتري دل بہ نہ هجي. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ اصل اقتداري ۽ رياستي

قوتون آزادي پسند قومپرستي کان ڊنل آهن. تنهن ڪري اهي قومپرستي جا اهڙا وائڙا انداز ۽ وصفون اپارڻ ۾ مشغول آهن، جن سان سنڌن مستقل مفادن کي ڪنهن قسم جو ڪو لوڏو نہ اچي. ان سلسلي ۾ اهڙو ماحول جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، جنهن ۾ هڪڙي قسم جي هلڙبازي، غيرسنجيدگي ۽ فهم فراست کان خالي سوچ کي هٿي ملي. جيڪڏهن ڪوبہ ماڻهو گروهي فرقيوار سياست جي مخالفت ۾ ڪو سچ ڳالهائي تہ ان کي ٻڌڻ لاءِ ڪير تيار نہ هجي. ان سڄي عمل جي پٺيان جيڪا اصل ڏر آهي، اها آهي رياست. پنجاب جي سامراجي مفادن جي سالميت لاءِ ان اهي سڀ هٿڪنڊا پڪيڙي رکيا آهن. حد اها آهي جو سنڌي ڪالم نگارن جي اڪثريت پنجاب جي خلاف هڪڙو اکر بہ ڪڇڻ لاءِ تيار ناهي. اهي محبت سنڌ ريلي تي ٿيل فائرنگ تي تہ لکن ٿا (۽ ان جي اصل جوابدارن تي پڙدي پوشي ڪندي ان واقعي کي بہ سنڌ جي مستقل آبادين وچ ۾ ٽڪراءُ لاءِ استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا)، پر شهيد مظفر ڀُٽي جي ٽارچرسيل ۾ تشدد ڪري گوليون هڻي اڇلايل چچريل لاش تي هڪڙو لفظ بہ نہ ٿا لکن. ڇاڪاڻ جو مظفر ڀُٽي تي لکڻ سان هڪ تہ پنجاب جي خلاف لکڻو پوندو، ٻيو تہ اصل ۽ بنيادي قومي تضاد تي لکڻو پوندو، جنهن سان وڏي سرڪار جي ڏمرجڻ جو خطرو آهي. جڏهن تہ اڙدو ڳالهائيندڙن جي خلاف لکڻ سان سرڪار جي عتاب جو ڪوئي ڊپ ڊاءُ ڪونهي، پاڻ اهو آسرو آهي تہ پٺي ٺپري ويندي.

## قومپرستي معنا آزادي پسندي

هر نظريو جانبدار هوندو آهي ۽ اهو پنهنجي مجيندڙن جي مشڪل ڪشائي ڪندو آهي. هر نظريو نہ رڳو پنهنجو فڪري سٽاءُ رکندو آهي، پر اهو پنهنجي انقلاب جي ڪا نہ ڪا مخصوص شڪل و صورت پڻ رکندو آهي. اهڙي طريقي سان قومپرستي پڻ هڪ نظريو ئي آهي ۽ ان جي انقلاب جي شڪل قومي آزادي آهي. اهو پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي قومي تشڪيل ڪندو آهي. اهو قومي رياست جي حاصلات ۽ بقا لاءِ ٻيننڪي ۽ سامراجي قوتن سان ڦيٽ ڪائيندو آهي. قومپرستي آزادي بعد پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ جاکوڙيندي آهي.

قومپرستي جيئن تہ پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي قومي آزادي لاءِ جاکوڙ ڪندي آهي، ان ڪري قومپرست اهو ئي ٿي سگهي ٿو جيڪو قومي آزادي لاءِ ويڙهاند، جدوجهد يا جاکوڙ ڪري. جيڪو ماڻهو ڪارڪن، اڳواڻ يا جماعت قومي آزادي لاءِ نہ ٿي جاکوڙي، انهيءَ کي ڪنهن بہ صورت ۾ قومپرست چئي نٿو سگهجي. پوءِ ڀل تہ اهي قومپرست هجڻ جون اهڙيون سڪٽيون دعوائون ئي ڇو نہ ڪندا هجن.

قومپرست فقط اهو آهي، جيڪو آزادي پسند آهي. اها جديد قومپرستي جي مجيل عالمي وصف آهي تہ اها قومي آزادي جو فڪر ۽ نظريو آهي. ۽ اها ئي قومپرستي جي اصل، حقيقي ۽ سچي واٽ آهي.

❋ ❋ ❋

12 ڊسمبر 2012ع

# پارٽيون عوامي ملڪيت هونديون آهن

سنڌ ۾ ڪيترين ئي شين جي باري ۾ ڪيترائي غلط مفروضا مروج آهن. ڪيترائي غلط تصور ماڻهن جي ذهنن ۾ گهر ڪري ويٺل آهن. جن مان هڪڙو غلط تصور سياسي پارٽين جي شخصي ملڪيت هجڻ بابت آهي.

عام طور تي ايئن سمجهيو ويندو آهي ته پارٽيون اڳواڻن جون شخصيتي ملڪيتون آهن. اهي ئي انهن جا هلائيندڙ سنڀاليندڙ ۽ مالڪ آهن؛ ۽ سندن پڄاڻان وري انهن جا پونيئر انهن جا مالڪ ٿيڻا آهن.

ماڻهن جي ذهنن ۾ موجود انهن مفروضن جو هڪڙو ڪارڻ ته خود موروثي سياست آهي. ننڍي کنڊ جي ورهاڱي ڪانپوءِ هتي سياست تي لاڳيتو موروثي غلبو رهيو آهي. پيءُ، پيءُ ڪانپوءِ وري پٽ، وري ان جو اولاد. ايئن نسل در نسل، پيڙهي در پيڙهي هڪڙو سلسلو هلي ٿو، جيڪو ڪُتڻ جو نالو ئي نه ٿو وٺي. سياسي ورثو عام ماڻهو ڏانهن منتقل ٿئي ئي نه ٿو. هِتي سياسي ورثا عام ماڻهن سان ونڊجن ئي نه ٿا.

ٻيو ڪارڻ هيءُ آهي ته اقتدار ۾ رهندڙ سياسي پارٽين ڪڏهن به عام ماڻهوءَ سان اها ويجهڙائپ ئي پيدا نه ڪئي آهي، جيڪا سڌريل سماجن جي سياست جو خاصو آهي. هتي سياسي پارٽين لاءِ ماڻهو رڳو ووٽن ڏيڻ جون مشينون آهن، جن کي پولنگ بُوٿن تي اچڻو آهي، نعرا هڻڻا آهن، قطارن ۾ بيهڻو آهي، ووٽ ڏيڻا آهن ۽ پوءِ ماٺ ڪري گهر

هليو ويٺو آهي. جن سان ڪوڙا واعدا ڪرڻا آهن. اليڪشنن جي منڊ ۾ تہ دل کولي ڪوڙا واعدا ڪرڻا آهن؛ ۽ جڏهن نياڻ جي تقاضا ٿئي يا اهڙو ڪو موقعو اچي تہ نت نئاءَ ڪرڻو آهي. هتي جي اقتداري سياست عوام لاءِ بي فيض آهي، ڪوڙ جو طلسم آهي، مداري جي اک بندي آهي، مال ميڙڻ لاءِ گهڙيءَ کن جو رؤنشو ۽ چئن گهڙين جو چُٽڪو آهي. اها عوام جي نالي ۾ ضرور آهي. پر اها عوام جي ناهي، عوام لاءِ ناهي. ان ڪري عوام اهڙين پارٽين کي پنهنجو سمجهڻ جي بجاءِ انهن کي سندن اڳواڻن جي ئي ملڪيت سمجهي ٿو. ڀُل چُڪ وچان سنڌ جي عوام پيپلز پارٽي کي هڪڙي وقت ۾ پنهنجي پارٽي سمجهڻ شروع ڪيو هو پر اها تہ وري صفا پرائي ثابت ٿي. پيپلز پارٽي ۾ ئي سڀ کان وڏي موروثيت آهي، سڀ کان گهٽي ملڪيت پسندي ۽ خانداني والار آهي.

حد تہ اها آهي تہ ڪابي ڌر جي انقلابي سياست ڪرڻ جي دعويدار پارٽين ۾ پڻ خطرناڪ حد تائين موروثيت پسندي جا لاڙا آهن. رسول بخش پليجي جهڙي جديديت پسند، گهڻ پڙهيي اديب، روشن خيال دانشور ۽ ترقي پسند سياستدان بہ پنهنجي پارٽي جو ورثو ڪجهہ مهينن اندر ئي سندس پارٽي جي هڪ ٻئي درويش صفت اڳواڻ ڏاڏا قادر رانتي کان ڦُري نيٺ پنهنجي پٽ جي حوالي ڪري ڇڏيو.

رڳو سائين جي ايم سيد ان بدعت کان بچيل رهيو. ڪوششون ٿيون. زور بار وڏا ويا. سفارشون ڪيون ويون. ٻاڏايو ويو. پر ”زمين جنبد، نہ جنبد گل محمد“ واري بلوچي چوڻي موجب سائين پنهنجي ڳالهہ تان تِر جيترو بہ نہ چُريو. چي: ”منهنجو جانشين اُهو ٿيندو

جيڪو صالح هوندو.“ نہ رت نہ رشتو نہ آل نہ اولاد، فقط صالح. اهو رويو سنڌ جي سياست لاءِ بنهہ نئون نڪور آهي.اهڙي سياست ۾ اهڙي پارٽي جي وارث آخرڪار عوام يا قوم ٿيندي آهي.

جتي هڪ پاسي قومپرست سياست ۾ اهي آڏ وڏايون، خوبيون ۽ خصلتون آهن، اتي ٻئي پاسي هيءَ بہ حقيقت آهي تہ قومپرست پارٽيون اڃا هاڻي اسرڻ، وڌڻ ويجهڻ ۽ عوام سان ڪلهو ملائي بيهڻ جهڙيون پيون ٿين. ڊگهي عرصي تائين محض ورڪرن جي حد تائين محدود رهڻ ڪانپوءِ هاڻي انهن عوام ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو آهي. جيڪا هڪ خوش آئند ۽ اميد افزا ڳالهہ آهي.

حقيقت هيءَ آهي تہ قومپرست پارٽيون نظرياتي ۽ فڪري حوالي سان طاقتور ۽ سگهاريون هجڻ جي باوجود حڪمت عملين ۽ پاليسين ۾ مار کائي ويون آهن. ڏنو وڃي تہ سائين جي ايم سيد حڪمت عملي جو تمام وڏو ماهر سياستدان هو. ان هوندي بہ سندس تحريڪ سندس ان خوبي جو ڪو فائدو وٺي نہ سگهي آهي. نتيجي ۾ اها جمود جو شڪار ٿي ويئي آهي. بشير خان قريشي انهي جمود کي ٽوڙڻ ۽ قومي تحريڪ کي عوامي شڪل ڏيڻ جي لاڳاتي ڪوشش ڪئي. جنهن رياست کي خائف ڪيو. نتيجي ۾ ٻن ٽن قاتلاڻن حملن مان بچي وڃڻ ڪانپوءِ ڪيس نيٽ زهر پياري اجل جي راهہ وٺرائي وئي.

جي راهہ اجل ڪنهن ورتي آ، هِن پونءَ ڪئي ٻي پرتي آ،

هيءَ ڌرتي توکي پرتي آ، مهمان هزارين مان نہ رڳو.

اهڙي طريقي سان قومي تحريڪ خلاف رياست وقت بوقت سازشون ڪندي رهي آهي. انهن سازشن جو سبب اهو ئي آهي تہ قومي

تحريڪ عوام ۾ پنهنجون پاڙون کوڙي نہ سگهي. ڪابہ پارٽي، ڪابہ تحريڪ جيستائين عوام ۾ پنهنجون پاڙون نہ کوڙيندي، تيستائين ڪامياب ٿي نہ سگهندي. ان ڳالهہ کان حاڪم ٽولا چڱيءَ پر واقف آهن. ان ڪري انهن جي هميشہ اها ڪوشش رهي آهي تہ سنڌي سماج کي وڏ کان وڏ غيرسياسي بڻايو وڃي. سياسي پارٽيون جيترو ڪمزور ۽ هيٺيون هونديون، سماج اوترو ئي غيرسياسي هوندو. سماج جيترو منتشر، هيٺو ۽ غيرسياسي هوندو، سياسي پارٽيون اوترو ئي ڪمزور، نبل ۽ غيرمنظم هونديون.

منتشر، هيٺو ۽ غيرسياسي سماج سياست يا سياسي پارٽين جي وارثي ۽ مالڪي ڪندو ئي ڪونهي. سنڌ جي قومپرست ۽ روشن خيال سياست جي ڪمزوري ۽ نبلتا جو هڪڙو اهم ڪارڻ اهو بہ آهي تہ سنڌي سماج ارتقا جي جنهن تاريخي ڏاڪي تي بيٺل آهي، اهو سياست لاءِ مددي ۽ سازگار ناهي. نتيجي ۾ سنڌ ۾ نہ معياري سياسي ڪارڪن ٿو پيدا ٿئي ۽ نہ ئي وري سياسي پارٽيون وسيلن جي حساب سان ئي پاڻيريون ٿيون ٿين. سنڌ جو ماڻهو ڪنهن چڱي ڪم لاءِ هڙان وڙان گهٽ مدد ٿو ڪري، عام ماڻهو تہ وري بہ پنهنجي پهچ آهر ڪنهن چڱي ڪم لاءِ پنهنجي ڪيسي مان ڏوڪڙ ڪڍي ٿو. پر سنڌ جي پڙهيل ڳڙهيل نوڪري پيشا وچئين طبقي جي ماڻهن ۽ ڪامورن جي تمام وڏي اڪثريت شراب ڪباب جهڙن دوستن جي پڙوت وارن ڪمن ۾ تہ پئسا خرچي ٿي، پر ڪئين چڱن ڪمن، ماڻهن جي فائدي جي ڪمن، ڏکيءَ ويل پنهنجن ماڻهن جي مدد مدارت ۽ سياست لاءِ پئسا نہ ٿي ڏئي. ساڳئي نموني واپاري برادري جي اڪثريت جي ڪيسن کي بہ

هن سلسلي ۾ ڪانئا لڳل هوندا آهن. ان جو هڪڙو سبب هيءَ به ٿي سگهي ٿو ته سنڌ جي اسرندڙ واپاري وچئين طبقي پنهنجي معاشي مفادن جو شعور ته حاصل ڪيو آهي، پر اهو اجا سياسي شعور کان پالهو آهي ۽ پنهنجي اقتصادي معاشي مفادن کي سياسي مفادن سان هم آهنگ ڪري نه سگهيو آهي؛ تنهن ڪري اهو ڪنهن سياسي پارٽي جي مالي مدد نه ٿو ڪري. وچئين طبقي جي سياسي معاشي مفادن ۾ هم آهنگي نه هجڻ جي ڪري ئي وچئين طبقي جي ڪا نمائندا جماعت اجا پيدا ٿي نه سگهي آهي.

سنڌين کان، چڱن ڪمن ۾ ڪنجوسي واري، ساڳي شڪايت مهاتما گانڌي کي پڻ هئي. هن 1934ع ۾ جڏهن سنڌ جو دؤرو ڪيو هو، تڏهن چيو هيائين ته ”آئون سنڌ اچڻ تي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. پر مون کي اجا گهڻي خوشي تڏهن ٿئي ها جڏهن سنڌ مان سوايو يا گهٽ ۾ گهٽ مناسب چندو ملي ها.“ ورهاڱي وقت هندستان لڏي ويندڙ ديوانن کي ڇڏي ڪري، سنڌ جو ماڻهو مجموعي طور تي سياسي، سماجي، تعليمي ۽ عام ڀلائي جي ٻين ڪمن ۾ پئسا ڏيڻ جي ڏس ۾ تمام گهڻو ڪنجوس آهي. ڪير ڇا به چئي، ڇا به ڪري، پر هيءَ حقيقت آهي ته سنڌ جي قومي سياست کي سگهارو ڪرڻ لاءِ سنڌ جي ماڻهن کي پهچ سارُو ان جي هڙان وڙان مدد ڪرڻي پوندي. پارٽي ڪنهن فرد جي ذاتي ملڪيت ڪانه هوندي آهي ۽ نڪي ڪنهن اڪيلي فرد جي خرچ تي هلندي آهي. پارٽي عوام جي ملڪيت هوندي آهي، عوام جي چندي تي هلندي آهي ۽ عوام جي ڀلائي لاءِ ئي ڪوشان هوندي آهي. ان ڪري سنڌ جي ماڻهن کي پنهنجي سياسي

پارٽين جي مدد، مالڪي ۽ وارثي ڪرڻي پوندي. گڏوگڏ سياسي پارٽين کي پڻ عوام کي پنهنجي صفن ۾ جاءِ ڏئي، ڀرپور اهميت ڏيڻي پوندي ۽ خانداني موروثيت مان جان ڇڏائڻي پوندي. ڪاميابي لاءِ انهن کي موروثيت بدران سائين جي ايم سيد واري ”صالح“ هجڻ واري ڳالهه کي پنهنجي پلاننگ ۾ بڌڻو پوندو ۽ پنهنجي عوام کي گڏ ڪڻي هلڻو پوندو.

* * *

ڦهرين اپريل 2014ع

# ٻٽو مڪاني نظام سنڌ لاءِ ايئن خطرناڪ آهي، جيئن نندي ڪنڊ لاءِ ڌار اليڪشني سرشتو هو

جيئي سنڌ قومي محاذ ٻٽي مڪاني نظام کي سنڌ جي لاءِ هڪڙو انتهائي نقصانڪار نظام سمجهي ٿو. موجودا حالتن ۾ جنهن انداز ۾ سنڌ جي وڏن شهرن کي متحدا قومي موومينٽ ۽ موقعي پرست پوٽارن جي حوالي ڪيو پيو وڃي، ان مان ڪنهن قسم جي فائدي بدران نقصان ئي نقصان آهي. ايم ڪيو ايم هڪڙي زبردست قسم جي موقعي پرستي ۽ مهمجوئي جو شڪار آهي ۽ پ پ مصلحت پسندي جي نالي ۾ مفاد پرستي ۽ بزدلي جي ور چڙهيل آهي. سنڌ جو وڏيرو نهايت ئي بزدل آهي. اهو جيڏو بزدل آهي، اوڏو ئي ويڪائو ۽ مفاد پرست آهي؛ ۽ اهو پنهنجن مفادن کي ڳجهه جي اک سان ڏسندو آهي. جنهن ڪري ان مان ڪنهن چڱائي جي اميد ٻبرن کان ٻير گهرڻ جي برابر آهي.

آئون سمجهان ٿو ته موجودا ٻٽو مڪاني نظام سنڌ لاءِ ايئن خطرناڪ آهي، جيئن نندي ڪنڊ لاءِ مسلمانن ۽ هندوئن لاءِ ڌار چونڊ نظام هو. چونڊن جي انهي الڳ نظام مسلمانن ۽ هندوئن کي ان نهج تي پهچايو جتي اهي قومي بنيادن تي سوچڻ بدران فرقيوار ذهنيت جي ور چڙهي ويا ۽ تاريخي قومون پنهنجي الڳ قومي تشخص کي وساري يا ته هندو يا ته مسلمان ٿي پيون. جنهن جي نتيجي ۾ برِصغير ۾ ورهاڱي ۽ ملڪ ٺهڻ جي نالي تي جيڪو گند ٿيو آهي، ان جي ڏپ اڄا تائين ساهه منجهائي رهي آهي.

تنهن ڪري اسين ٻٽي مڪاني نظام کي مڪمل طور تي رد ڪريون ٿا. اسين پ پ ۽ ايم ڪيو ايم ٻنهي کي تنبيهه ٿا ڪريون ته اهي موقعي پرستي، مفاد پرستي، مهمجوئي، لالچ ۽ خصيص مفادن جي ڏٻڻ منجهان ٻاهر نه نڪتا ته تاريخ کين گند جي ڍير تي اڇلائي ڇڏيندي.

البت اسين ان معاملي کي ايئن نٿا ڏسون، جيئن لساني سياست ڪندڙ ڌريون ڏسن ٿيون. اهي هن معاملي تي ان انداز ۾ هلڙبازي مچائي رهيون آهن، جو ان سان قومي تضاد جو رخ بدلائڻ واري پنجاب سامراج جي سازش تي عمل ٿيندي نظر اچي رهيو آهي. ٻٽي مڪاني نظام کي به سنڌ جي قومي غلامي جي تناظر ۾ سمجهڻو پوندو. ان ۾ اسلام آباد جو جيڪو ڪردار آهي، ان کي ڪيئن ٿو نظرانداز ڪري سگهجي؟ اسلام آباد سنڌ جي هر سياسي معاملي ۾ ايئن شامل آهي، جيئن ورهاڱي کان اڳ ۾ انگريز يا لنڊن هندستاني معاملن ۾ هوندو هو. جيئن هر بينڪ قوت پنهنجي بينڪيت ۾ هوندي آهي. ان ڪري هن مامري پٺيان اسلام آباد جي، پنجاب سامراج جي ڪردار کي نظرانداز ڪندي ان کي رڳي ئي رڳي سنڌي پناهگير يا پ پ ايم ڪيو ايم تناظر ۾ ڪڻڻ نهايت ئي سادگي ڀري سياسي سوچ آهي. سنڌ جو ڪوبه فيصلو اسلام آباد جي آشيرواد يا اک ٽيٽ کانسواءِ نٿو ٿئي، پوءِ ڀل مرڪزي اقتدار ڪنهن وٽ به هجي. ان ڪري اسان سمجهون ٿا ته ان جي پٺيان "اصل تي وڏين قوتن" جي غليظ ڪردار تي پردي پوشي نه ٿيڻ کپي. ۽ هن معاملي کي به سنڌ جي قومي غلامي جي تناظر ۾ ڪڻڻ کپي. اهڙي طريقي سان ئي هي معاملو حل ٿي سگهندو. ٻي

صورت ۾ اهو به پيِن ڪيترن ئي اهم مامرن وانگر آهستي آهستي پسمنظر ۾ هليو ويندو. جيڪا يقينن هڪڙي خراب ڳالھ هوندي ۽ ان جا سياسي طور تي خراب اثر مرتب ٿيندا.

(پارٽيءَ اڳواڻ طور سنڌي رسالي "مزاحمت" کي ڏِنل مکاني نظام بابت ڏنل مؤقف)

# جيئي سنڌ هلچل جي اختلافن تي مٿاڇري نظر

سنڌ جي اندر سياسي ٽوڙ ڦوڙ ماضي قريب کان هڪڙو اهڙو لقاءُ بڻيل آهي، جيڪو نه ڏسي سگهڻ جي لائق آهي ۽ نڪي وري ان کان اکيون ئي ڦيرائي سگهجن ٿيون. پر جيڏو وڏو هيءُ مامرو آهي، اُن کان وڌو ان کي اڇاليو ويو آهي. شين کي غيرضروري طور تي تڌهن ئي اڇاليو ويندو آهي، جڏهن انهن ڏانهن غيرحقيقي روش روا رکبي آهي. سنڌ اندر سياسي ٽوڙڦوڙ کي پڻ ڏاڍي غيرسنجيدگي، ابهرائي ۽ اڇاترائي سان ورتو ويو آهي. جيئي سنڌ جي صفن يا قومي تحريڪ اندر موجود اختلافن يا ٽوڙڦوڙ کي سڀ کان وڌيڪ بحث هيٺ آندو پئي ويو آهي. خود سنڌي عوام پاران ان تي بارها ڳڻتي جو اظهار ٿيندو رهيو آهي. ان جو هڪ ڪارڻ ته عوام جي دل ۾ موجود اها آرزو آهي ته سنڌ جي سياست متحد ۽ هڪ جاءِ تي گڏ هجڻ گهرجي، پر ٻيو اهم ڪارڻ هيءُ آهي ته اُن ٽوڙ ڦوڙ کي ته ڏٺو وڃي ٿو پر ان جي پويان موجود ڪارڻن جي اوک ڊوک کان لنوايو ويندو آهي. ان ڪري ضروري آهي ته هڪ مٿاڇري نگاهه انهن ڪارڻن تي پڻ وڌي وڃي، جيڪي سياسي ۽ تنظيمي ٽوڙڦوڙ جا محرڪ رهيا آهن. منهنجي خيال ۾ ٿلهي ليکي هيءُ اهم ڪارڻ آهن:

### الف ـ طبقاتي ۽ نظرياتي ٽڪراءُ:

سائين جي ايم سيد جي زندگي ۾ سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ جيڪا ٽوڙڦوڙ ٿي، ان جو هڪڙو اهم ڪارڻ طبقاتي ۽ نظرياتي

ٽڪراءَ ۾ اختلاف هئا. عام طور تي قومي تحريڪ مختلف طبقاتي بيهڪن آڌار پارٽين جي شڪل وٺندي آهي. پوءِ اڳتي هلي تاريخي ضرورتن جي ڪري ۾ هڪڙي ئي دشمن خلاف برسر پيڪار هجڻ ڪري ڪنهن واحد مرڪز تي جمع ٿيندي آهي.

ان جي برعڪس سنڌ ۾ ايئن ٿيو تہ سائين جي ايم سيد فڪري ۽ عملي طور تي سنڌ جي قومي تحريڪ جي سرواڻي ڪندي ايڏي وڏي شخصيت بڻجي ويو. جو سڄي قومي تحريڪ سندس تاريخ ساز شخصيت جي چوڌاري گڏ ٿي. سائين جي ايم سيد جي معاملا فهم ۽ فڪري توڙي عملي حوالي کان ديو قامت شخصيت سڀني کي گڏ ڪٺي هلڻ جي صلاحيت رکندڙ هئي. ان ڪري هو سنڌيت جي اها شمع بڻجي پيو جنهن تي سمورا پتنگا اچي ڳاهٽ ٿيا. جدوجهد جي لهس اچڻ ڪانپوءِ هنن سڀني پتنگن جي پرن تي نظرياتي ۽ طبقاتي ڪاراهٽ جا پاچا پوڻ لڳا. جنهن جي نتيجي ۾ هڪڙي اهڙي سلسلي جو آغاز ٿيو جيڪو بنهہ بيمعنا ۽ فضول هو. دانشورانا ذهني عياشي هو. سياسي نابالغي ۽ چڙواڳي هو. سياسي ڪچ وهيءَ جي ابهرائي ۽ مهمجوئي هو.

ڪنهن قوم جي آزادي جي جدوجهد ۾ طبقاتي سوال ڪيتري اهميت ٿو رکي؟ ان سوال کي درست تناظر ۾ سمجهڻ بدران ان تي ڪاٻي ڌر جي ساٿين پاران سوشلزم جا بي رنگ پردا وجهي مبهم بڻايو ويو. ٻئي پاسي ساڄي ڌر وارن موقعي پرستي کي پنهنجو وچاڻو بڻائي ورتو. حيرت انگيز ڳالهہ هيءَ آهي تہ ڪاٻا ساڄا، ٻيئي ڌڙا سنڌ جي قومي تحريڪ کي ڇڏي ويا. ڀريڻ مهمجوئي ڪئي، ٻوٻن موقعي

پرستي. رڳو قومپرست، جن جي اڪثريت هيٺئين ۽ وچئين طبقي سان لاڳاپيل هئي، قومي تحريڪ جي رستي تي ثابت قدمي سان سائين جي ايم سيد سان گڏ بيٺا رهيا. چوڻ جو مطلب ته اهي نظرياتي ۽ طبقاتي ٽڪراءُ هئا، جن جي ڪري سنڌ جي قومي تحريڪ يا جيئي سنڌ اندر ٽوڙڦوڙ ٿي. باقي ڪير ڪهڙي لڏي جو مهندار هو، ڪنهن ڪهڙي ڏڙي جي اڳواڻي پئي ڪئي، ڪنهن ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو؟ ان موضوع جي تفصيلي اوک ڊوک ڪي پاڻ آئيندي جي مؤرخن لاءِ ڇڏيون ٿا. پاڻ هتي ٿلهي ليکي رڳو اهو سبب ٿا ظاهر ڪيون، جيڪو ان مخصوص وقت ۾ جيئي سنڌ اندر اختلافن يا انتشار جو هڪڙو محرڪ بڻيو. بعد وارين ٽوڙن ڦوڙن ۾ اهو سبب ڪارفرما نه هو.

## ب ـ حڪمت عملين ۽ پاليسين توڙي روين جا اختلاف:

حڪمت عملين ۽ پاليسين تي اختلاف سائين جي ايم سيد جي زندگي ۾ پڻ هيا. پر گهٽي پاڳي اهي تنظيمي صفن اندر ئي رهيا. اڳتي هلي هن سبب وڏيڪ تيزي ورتي ۽ جيئي سنڌ جي اڪثر انتشارن ۽ ٽوڙن ڦوڙن ۾ ان ڪي گهڻو ورجايو ويو. نظرياتي ۽ فڪري ساڳيائپ جو راڳ ڳائيندي حڪمت عملي ۽ پاليسي جي اختلافن تي زور ڏنو ويو.

چي: ”ادا فڪري طور تي اسان سڀ سائين جي ايم سيد جي آزادي واري نظريي جا پيروڪار آهيون، بس رڳو حڪمت عملي ۽ پاليسين تي اختلاف آهن، ان ڪري ڌار ٿيا آهيون.“

ڳُوڙهائي سان ڏنو وڃي ته حڪمت عملي ۽ پاليسي رڳو ٻن ڌرين جي مختلف آهي. هڪ جيئي سنڌ متحدا محاذ وارن جي ۽ ٻي خالق

جوڙيجي واري جيئي سنڌ محاذ جي. نہ تہ ٻيون سڀ ڌريون عدم تشدد ۽ غيرپارلياماني حڪمت عملي ۽ پاليسي تي گامزن آهن.

ان ڪري جيڪي اختلاف حڪمت عملين ۽ پاليسين جا چيا ٿا وڃن، اهي اصل ۾ گُرن ۽ اٽڪلن جا اختلاف آهن. ان کان اڳتي اهي روين جا اختلاف آهن، پسند ناپسند جا اختلاف آهن، اڻ سهپ جو اظهار آهن.

ڏسجي تہ مجموعي طور تي سنڌ جي سياسي اڳواڻن ۾ هڪٻئي لاءِ اڻ سهپ بہ ڏاڍي رهي آهي.

اها اڻ سهپ ۽ روين ۽ مزاجن جي الڳتا معاملن کي اختلافن جي شخصي نوعيت ڏانهن ڌڪي ٿي. نتيجي ۾ گڏ هلڻ ويتر وڌيڪ ڏکيو ٿي ٿو پئي. تان جو ڳالهہ هلي ڪنهن ٽوڙ تي ئي کُٽي ٿي.

## پ ـ مفادن جو ٽڪراءُ:

سياسي اڳواڻي تي لاڳيتي والار جي نتيجي ۾ اڳواڻ مخصوص قسمن جا مفاد جوڙي وٺن ٿا. اهي مفاد جيئن تہ سياسي اڳواڻي سان ئي منسلڪ هجن ٿا، ان جي ڪري ڪوبہ اڳواڻ ڪڏهن بہ پنهنجو عهدو يا اڳواڻي ڇڏڻ لاءِ راضي نہ ٿو ٿئي. ان جي نتيجي ۾ پڻ ڇڪتاڻ ٿئي ٿي، جيڪا بالآخر اچيو پارٽي جي ٽُٽڻ تي دنگ ڪري.

حضرت علي عليہ السلام وٽ بہ مايون آيون. ٻيئي ساڳئي ٻار جون وارث يا مائرون هجڻ جون دعويدار هيون. حضرت علي چيو تہ ٻار بہ اڌ ٿا ڪيون. هڪ اڌ هڪ ماءُ کڻي، ٻيو اڌ ٻي ماءُ. ڪوڙي مائي ان

ڳالهہ تي آمادا ٿي ويئي. پر ٻار جي اصل ماءُ چيو تہ نہ، ٻار کي ماريو نہ، ڀلي هُن مائي کي ڏيئي ڇڏيو.

پر سياست ۾ ايئن نہ ٿو ٿئي. ٻار جهڙي پارٽي ٻن اڳواڻن جي جهيڙي ۽ مفاداتي ڇڪتاڻ جي ور چڙهيو ٻہ اڌ ٿيو وڃي. سياسي، معاشي، شخصي ۽ گروهي مفادن جي ٽڪرائن جي نتيجي ۾ پارٽيون ٽٽن ٿيون.

## پ ـ ڳُجهن هٿن جون ڪارگذاريون:

جيئن ٻين سياسي پارٽين سان ٿيندو رهيو آهي، ايئن جيئي سنڌ سان پڻ ٿيندو رهيو آهي. هن مملڪتِ خدادادِ پاڪستان جا ڳجها ادارا سياسي پارٽين کي هميشہ ڪمزور ۽ منتشر ڏسڻ ٿا چاهين، ان ڪري هنن سمورين پارٽين جي خلاف وقت بوقت سازشون پئي سٽيون آهن. پوءِ اهي قومي پارٽيون هجن، جمهوري پارٽيون هجن يا وري سندن ئي پيدا ڪيل پارٽيون ڇو نہ هجن؛ وس پڄندي هُنن ڪنهن کي بہ بخش ڪونہ ڪيو آهي. جارح ۽ آمراڻي رياست هميشہ سگهاري فوجيت ۽ ڪمزور سياست چاهيندي آهي. سياست جيتري ڪمزور هوندي، ڳجها ادارا ۽ عسڪري ادارا اوترا ئي طاقتور هوندا ۽ اوترو ئي رياست تي مسلط ٿيل هوندا. ان ڪري پاڪستان قسم جون رياستون هميشہ غيرسياسي نظام ۽ منتشر معاشري جون خواهان هونديون آهن. تنهن ڪري هٿ وٺي سياست ۾ انتشار پکيڙيو ويو آهي.

اهڙو انتشار جيئي سنڌ ۾ پکيڙڻ جي ڪوشش پڻ ٿيندي رهي آهي. اهڙا هٿڪنڊا بہ ٽوڙن ڦوڙن جو سبب بڻجندا رهيا آهن. پر هن ڏس ۾ وڏاءَ بہ تمام گهڻو ڪيو ويو آهي.

ٻين پارٽين جي پيٽ ۾ جيئي سنڌ هن قسم جي هٿڪنڊن جي مزاحمت بہ وڏي سطح تائين ڪئي آهي.

**ت ـ ڊگهي مدي واري چِٽي حڪمت عملي جو نہ هجڻ:**

جيئي سنڌ نظرياتي نقطي نگاهہ کان جيتري مضبوط ۽ چِٽي آهي، حڪمت عملي جي لحاظ کان اوتري ئي منجهيل ۽ ڪمزور آهي. نتيجي ۾ اُها ڪا واضح، چِٽي ۽ ڊگهي مدي واري مضبوط حڪمت عملي جوڙي نہ سگهي آهي. حڪمت عملي جي ان فقدان جي نتيجي ۾ اُها اُهي شاندار ۽ تاريخي ڪاميابيون ماڻي نہ سگهي آهي، جيڪي سنڌس مقدر آهن.

حڪمت عمليون هميشہ گهڻ طرفيون هونديون آهن. اهي گهڻن ئي پاسن کان پنهنجي مقصد ڏانهن اڳڀرائي ڪرڻ ۾ معاون ثابت ٿينديون آهن. حڪمت عمليون جيتريون طاقتور ۽ عملي هونديون، پارٽي جي اڳتي وڌڻ جي رفتار اوتري ئي تيز هوندي ۽ مقصد جي حاصلات اوتري ئي تيزي سان ممڪنات جي مرحلي ۾ داخل ٿيندي.

ڪوبہ سگهارو، تاريخ ساز ۽ سچ تي ٻيٺل نظريو ڪمزور حڪمت عملي سان فاتح نہ ٿو ٿي سگهي. طاقتور نظريي کي بہ سگهاري حڪمت عملي جي ضرورت هوندي آهي. سگهاري حڪمت

عملي جي اڻهوند ۾ سچ تي ٻڌل نظريا بہ وقتي طور تي هارائي ويندا آهن.

سنڌ جي آزادي ڏانهن فيصلائتي اڳڀرائي نہ ٿيڻ جو هڪ اهم ڪارڻ جيئي سنڌ وٽ ڊگهي مدي واري طاقتور حڪمت عملي جي اڻهوند پڻ آهي. گڏوگڏ ايئن بہ آهي تہ انهيءَ فقدان جي نتيجي ۾ جيئي سنڌ ٽٽندي بہ رهي آهي. جڏهن پارٽيون سگهارين حڪمت عملين سان جاکوڙ ۾ هونديون آهن، تڏهن داخلي اختلاف، جي هوندا آهن تہ، ڊٻيل هوندا آهن يا وري وقت سِر حل ٿي پيا ويندا آهن. اختلاف وڏي وڻ رڳو تڏهن ٿيندا آهن، جڏهن پارٽيون اڳيتي هلچل ۾ نہ هونديون آهن. لاڳيتي هلچل نئين مدي توڙي ڊگهي مدي وارين سگهارين حڪمت عملين ڪانسواءِ ممڪن ئي ڪانهي.

## ٿ۔ سنڌي سماج ۾ موجود انتشار:

ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌي سماج کي هٿ وٺي جنهن بحران ۽ انتشار ڏانهن ڌڪيو ويو آهي، اهو هاڻي وڏي وڻ ٿيڻ ڪان بہ اڳتي نڪري هڪڙو اهڙو جهنگ ٿي پيو آهي، جنهن ۾ رڳو ڪنڊا، ڪسڙ ۽ گندگاهہ ئي آهي. ورهاڱي جي نتيجي ۾ سنڌي قوم کي جيڪو نقصان رسيو آهي، اهو ناقابل تلافي آهي. انهيءَ ننقصان جي گهٽتڻ پاسن جو پورائو شايد ڪڏهن بہ نہ ٿي سگهي.

اهڙن انيڪ نقصانن جو هڪ نتيجو سنڌي سماج ۾ پيدا ٿيل انتشار آهي. سماجن ۾ جڏهن انتشار وڌندا آهن، تہ اتي يا تہ انقلاب رونما ٿيندا آهن يا وري انارڪي پکڙبي آهي. سنڌي سماج جيترو

منتشر ٿي رهيو آهي، اوترو ئي انارڪي ڏانهن ڏِڪجي رهيو آهي. اهو ڪنهن سنئين دڳ ڏانهن وڃڻ، پنهنجي مرندڙ ڍهندڙ وجود منجهاران ڪنهن نئين شئي کي جنم ڏيڻ بجاءِ هر ڏسا تباهيون، بحران ۽ انتشار پکيڙي رهيو آهي.

سنڌي سماج ۾ وڌندڙ اهو انتشار انتظامي، سماجي، سياسي، معاشي ۽ تعليمي شعبن سوڌو سمورن شعبن توڙي ڪٽنبي ايڪي تي پئجي رهيو آهي. اسان جا ڳوٺ، شهر، پاڙا، ڪٽنب، پنچائتي نظام ــ هر شئي ٽوڙڦوڙ ۽ انتشار جي ور چڙهيل آهي. اسان جا ڪٽنب ٽُٽي رهيا آهن، گهر گهر کان جدا آهي، پاڙو پاڙي مان بيزار آهي، ڳوٺ ڳوٺ کان ڌار آهي، شهر شهر جو حريف آهي. هر گهر ۾ ”چڱ مڙسي“ جو جهيڙو آهي. هر ڳوٺ ۾ ”چڱن مڙسن“ جي بيهودي قطار آهي. هر پاڙي، هر شهر ۾ ”نام نهاد چڱ مڙسي“ لاءِ جهيڙا ۽ سازشون آهن. هر ڪو سوا سير آهي، ڪوبہ پاءَ ٿيڻ لاءِ تيار ناهي. ڪوبہ ٻئي کي جڳهہ ڏيڻ لاءِ تيار ناهي. هر ڪو وتائي وانگر اڪيلو سيرو کائڻ ٿو گهري. انتشار ۽ افراتفري ايڏي آهي، جو ماڻهو ماڻهو پيڙو ڪونهي.

سنڌ ۾ سماجي ۽ معاشي ارتقا جي هن ڏاڪي تي جيڪو انتشار آهي، ان جو اولڙو سنڌ جي سياست تي پڻ پوي ٿو. سنڌ جو سياسي انتشار هڪ حد تائين سنڌ جي سماجي انتشار منجهان ئي ڦُٽي ٿو نڪري. جيڪڏهن سنڌ معاشي ۽ سماجي استحڪام ۾ هجي ها، تہ هوند سنڌ ۾ هيڏو سياسي انتشار هرگز نہ هجي ها.

سماج تاريخي ارتقا جي جن ڏاڪن تي بيٺل هوندا آهن، نتيجا بہ ان سطح جا ئي ڏيندا آهن. ان ڪري سياست بہ انهن اثرن کان آجي ٿي نہ ٿي سگهي.

**سياست جي نفي ناهي ڪرڻي:**

سياست جيئن تہ سماج جي اڳواٽي ڪندي آهي؛ ان ڪري آخرڪار اُها هر قسم جي اُنهن اثرن مان جان ڇڏائي وٺندي آهي، جيڪي سندس پيرن ۾ پنجوڙ ٿي پوندا آهن. اُها ڪيتري بہ ڪمزور ڇو نہ هجي، پر نيٺ ڳُڙي ڳُڙي چڙهي ويندي آهي، لُڏي لَمي تري ويندي آهي. سياست کي سڄي سماج جي سرواٽي ڪرڻي هوندي آهي، جيڪا اها تڏهن ئي ڪري سگهندي آهي، جڏهن پنهنجي پيرن مان هيٺائي جا ڏانوڻ توڙي وجهندي آهي، ۽ انت اها ايئن ڪري ئي وجهندي آهي.

سنڌ جي سياست کي بہ سمورن بحرانن، ٽوڙن ڦوڙن ۽ انتشارن تي حاوي پوڻو آهي. انهيءَ لاءِ ان کي نوان گس ڳولڻا آهن، نيون حڪمت عمليون جوڙڻيون آهن، ڪمزورين کي ختم ڪري خوبيون پيدا ڪرڻيون آهن ۽ سڄي سماج تي نئين سري سان اثرانداز ٿي ان جي اڳواٽي ڪري نئون انقلاب برپا ڪرڻو آهي.

پر اهو سڀ ڪرڻ لاءِ اسان مان سڀني کي پنهنجي پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. سياست جي نفي ڪرڻ بدران انهيءَ کي سگهہ وٺائڻي پوندي.

***

8 اپريل 2014ع

# سنڌ ۾ سياسي اتحادن جو الميو

سنڌ ۾ سياسي اتحادن جي تاريخ چڱي خاصي پراڻي آهي ، جنهن جا پيرا ويهين صدي جي پهرئين اڌ تائين وڃن ٿا. برطانوي راج هيٺ 1936ع ۾ جيئن ئي سنڌ جي نسبتن خودمختيار حيثيت بحال ٿي ۽ نئون سياسي ماحول پيدا ٿيو تيئن ئي سياسي اتحادن جي جوڙجڪ ۽ جوڙ توڙ جا بنياد پڻ پيا. پر ورهاڱي کان اڳ وارا اهي سياسي اتحاد گهڻي ڀاڱي پارلياماني دائري اندر سرگرم رهيا. پارليامينٽ کان ٻاهر به انهن جو وجود ڪڏهن ڪڏهن نظر اچي ٿو پر اهو ڪڏهن ڪڏهن ئي آهي، نه ته گهڻو ڪري اهي اتحاد پارليامينٽ اندر ۽ حڪومتي ڪار وهنوار ۾ شراڪت جي سلسلي ۾ ئي ظهور پذير ٿيندا رهيا. جنهن جي ڪري اهي هڪ حد تائين غيرمؤثر ۽ غيرعوامي شڪل ۾ رهيا ۽ سنڌي سماج ۾ ڪنهن غير معمولي يا وڏي اٿل پٿل جو ڪارڻ بڻجي نه سگهيا.

ورهاڱي کانپوءِ سنڌ اندر تمام وڏيون تبديليون آيون. جنهن نئين قائم ٿيل رياست کي سنڌ لاءِ هڪڙي آفاقي نعمت ۽ ڪير جي ندي طور پيش ڪيو پئي ويو، اها سنڌ جي لاءِ هڪ خطرناڪ زحمت ۽ وبال بنجي پيئي. جنهن جي نتيجي ۾ سنڌي قوم ڏينهون ڏينهن مختلف مسئلن، مونجهارن، پريشانين ۽ استحصال جي ور چڙهندي ويئي. چونڊيل پارليامينٽ، جيڪا جديد سياسي سرشتي ۾ ملڪن ۽ قومن جو سياسي ڪار وهنوار هلائڻ ۽ معاملا نبيرڻ جو اهم

۽ بنيادي ميدان هجي ٿي، تنهن کي غير مؤثر، غير فعال ۽ ڪاغذي شينهن بنائڻ جا ايترا جتن ڪيا ويا جو اها واقعي ئي ڪِي ڪين رهي. رهي کهي ڪسر ون يونٽ لاڳو ڪري پوري ڪئي ويئي. هاڻي ناني وڏڻ واري ۽ ڏوهتا ڪائڻ وارا هئا. البت ان عرصي ۾ ايترو ضرور ٿيو جو سائين جي-ايم-سيد اتحاد يا جوڙتوڙ وارا حربا ڪتب آڻيندي ون يونٽ خلاف مرڪزي اسيمبلي ۾ نهراءُ پاس ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. اهو سنڌ جي مسئلي تي آخري پارلياماني اتحاد هو. جنهن جي نهراءُ جي نتيجي ۾ ون يونٽ تہ ڪونہ ٽٽو پر خود ان مرڪزي اسيمبلي کي سزا طور گهر پيڙو ٿيڻو پيو. ان کانپوءِ ايندڙ اسيمبلين اندر پارلياماني پارٽين جي وچ ۾ جيڪي بہ اتحاد ٿيا آهن، اهي سنڌ جي مسئلن جي حل يا عوامي معاملن جي اڪلاءَ جي بجاءِ صرف اقتداري شراڪت ۾ حصي پتي جي بنيادن تي ٿيا آهن. جنهن جو هڪ ڪارڻ اهو بہ آهي تہ جيڪي سياسي پارٽيون سنڌ جي معاملن کي سنجيدگي ۽ ذميواري سان ڏسي رهيون هيون، اهي سياسي بساط تي آيل تمام وڏين اٿلن پٿلن جي سٽ نہ سهي سگهيون ۽ ستر جي ڏهاڪي کان سنڌ جو پارلياماني مورچو سندن هٿن مان ڇڏائجي روايتي پوتارن ۽ سندن ڇپر ڇانءُ ۾ ٻڌيل وفاقي پارٽين جي هٿن ۾ هليو ويو. جڏهن تہ سنڌ جي معاملن ۽ مسئلن جي حل لاءِ جاکوڙيندڙ قومپرست پارٽين پارليامينٽ کان ٻاهر جدوجهد جي رستي جي چونڊ ڪئي.

## ويجهي ماضي جا ڪجهه اتحاد:

سنڌ جي سياست ۾ آيل انهي تبديلي ڪانپوءِ سياسي پارٽين وچ ۾ اتحاد جي انداز طريقيڪار ۽ بيهڪ ۾ به تبديلي آئي. اڳي جيڪي اتحاد حڪومت ذريعي معاملن جي حل لاءِ ٺهندا هئا، اهي هاڻي اقتدار کان ٻاهر رهي جدوجهد ڪرڻ لاءِ ٺهڻ لڳا. شروعاتي طور تي انهن اتحادن جي شڪل گهڻي ڀاڱي نظرياتي هئي. جنهن جو هڪ اهم مثال جيئي سنڌ محاذ جي اڳواڻي ۾ ”راڄوڻي اتحاد“ آهي، جنهن ۾ عبدالواحد آريسر جي سربراهي ۾ جيئي سنڌ محاذ، مولانا عزيز الله ٻوهيي جي سنڌ ساگر پارٽي ، قاسم پٽر جي سنڌ نيشنل ڪانگريس ۽ مرحوم سنڌ دوست انقلابي پارٽي شامل هيون.سنڌي قوم ۾ قومي تشخص جي سڃاڻپ ۽ سياسي بيداري پيدا ڪرڻ لاءِ ان اتحاد جي پڌر تان ننڍين وڏن شهرن، ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ جلسا ڪري سڄاڳي جي زبردست مهم هلائي ويئي. جنهن ڪانپوءِ رسول بخش پليجي جي سربراهي ۾ ”سنڌي عوام جو قومي اتحاد“ جوڙيو ويو. پر اهو اتحاد مختلف پارٽين بدران فقط عوامي تحريڪ ۽ ان جي ذيلي فرنٽن تي مشتمل هو. جنهن کي اتحاد جو نالو ڏنو ويو هو. البت ايترو ضرور ٿيو جو سنڌي عوام جي قومي اتحاد جي نالي ۾ پليجي صاحب سنڌ جي سياست ۾ هڪڙو وڏو دٻاءُ پيدا ڪيو. جنهن سان صرف نظرياتي اتحاد بدران وسيع تر سياسي قومي اتحاد لاءِ ماحول سازگار بڻيو. جنهن جي نتيجي ۾ اڳتي هلي سائين جي-ايم-سيد جي اڳواڻي ۾”سنڌ قومي اتحاد“ جو بنياد پيو. سنڌ قومي اتحاد (ايس اين اي) نه فقط سنڌ جي اتحادي سياست، پر مجموعي قومي سياست ۾ هڪڙي تمام وڏي ڇلانگ هو. جنهن سنڌ جي قومپرست سياست تي تمام گهڻا فوري ۽

دور رس اثر ڇڏيا. اهوئي ڪارڻ آهي جو سنڌ قومي اتحاد جو پڙاڏو سنڌ جي سياست ۾ اڄ به ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.

سنڌ قومي اتحاد جي وڪرڻ ڪانپوءِ اسان کي هڪ ٻيو نظرياتي اتحاد ”جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي“ جي نالي سان نظر اچي ٿو.جنهن ۾ صرف جيئي سنڌ هلچل سان تعلق رکندڙ پارٽيون شامل هيون. سائين جي-ايم-سيد جي لاڏاڻي ڪانپوءِ جيئي سنڌ جي سيني ڌڙن وچ ۾ ٿيل انضمام جو هڪڙو نتيڄو سبب جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي به هئي. جيڪا ڪجهه وقت غير سرگرم رهڻ بعد سائين جي-ايم-سيد جي علالت دوران وري متحرڪ ٿي ويئي هئي.

ويجهڙي ماضي ۾ به قومپرستن جو وڏو اتحاد ممتاز علي ڀٽي جي سربراهي ۾ سنڌ قومي اتحاد (ايس ڪيو آءِ) جي نالي سان ميدانِ عمل ۾ آندو ويو. جنهن به ڪجهه وقت تائين سنڌ جي سياست ۾ زبردست غوغاءَ پيدا ڪيو. پر جلد ئي اهو اتحاد به اڳين اتحادن جيان مانار جو شڪار ٿي وکري ويو.

## ادو مئو ادي ڄائي، اسين اوتري جا اوترا:

سنڌ ۾ هڪ ڀيرو وري اتحاد جو چوٻول تڏهن اٿيو جڏهن ڪجهه مهينا پهرين سوات ۾ فوجي آپريشن دوران لڏپلاڻ ٿي ۽ انهن لڏيندڙن جي تمام وڏي حصي سنڌ ڏانهن پنڌ ڪرڻ شروع ڪيو. ڌارين جي انهي يلغار کي روڪڻ لاءِ سنڌ ۾ احتجاجن جي لهر شروع ٿي. جنهن سان هڪ طرف ڌارين آبادڪاري خلاف سنڌي عوام ۾ تحرڪ پيدا ٿيو. ته ٻئي طرف سياستدانن تي گڏجي جدوجهد ڪرڻ

لاءِ دٻاءُ پڻ وڌيو. جنهن جي نتيجي ۾ اتحاد جي ايجنڊا هڪ دفعو وري ماڻهن جي زبانن تي گونجڻ لڳي. نہ رڳي ايترو پر اتحاد جي لاءِ ڪجهه پيش رفت پڻ ڪئي وئي. تنهن جي باوجود ڪو گڏيل اتحاد نہ ٿي سگهيو. مٿان رمضان شريف جو مهينو شروع ٿي ويو. رمضان ايندي ئي نہ فقط ڌارين آبادڪاري خلاف هلندڙ جدوجهد آهستي آهستي ماٺارجي ويئي، پر خود اتحاد جو ايجنڊو بہ ماڻهن کان ڇڏائجي ويو.

## بنان نالي سپرين:

البت انهن ڏينهن ۾ اتحاد لاءِ جيڪا اڳڀرائي ٿي، انهي سان هڪ تہ مختلف پارٽين جي وچ ۾ ڪنهن حد تائين هم آهنگي پيدا ٿي. ٻيو تہ ان هم آهنگي ٿورڙو اڳيان وڌي سنڌي سماج کي هڪڙي اتساهيندڙ اميد عطا ڪئي تہ هاڻي سنڌ جي سياست جو سينو ڪشادو ٿي رهيو آهي ۽ اسان جا اڳواڻ انائن ۽ اجاين تڪرارن مان نڪري وڏيڪ سنجيدا ٿي رهيا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ تڪڙو نہ ئي سهي، پر اڳيان هلي ڪو وسيع تر قومي اتحاد جڙي سگهي ٿو.

اهو وڏو اتحاد ڪڏهن ٿو جڙي؟ تنهن جي خبر تہ خاوند کي. باقي اهو ضرور ٿيو آهي جو پنجن پارٽين (حقيقت ۾ چئن پارٽين. جو پنجين پارٽي نہ پر فرد آهي) جي وچ ۾ هڪڙو بنا نالي اتحاد ٺهيو آهي. جيڪو سنڌ جي مسئلن تي سرگرمي ڪري رهيو آهي. اها جدا ڳالهہ آهي تہ هيءَ اتحاد نهڻ سان ئي تڪراري ۽ غيرمؤثر نظر اچڻ لڳو آهي. جنهن جو هڪ سبب هيءَ بہ آهي تہ سنڌ جي سڀ کان وڏي سياسي سگهہ ”جيئي سنڌ هلچل“ هن کان ٻاهر آهي. پلا جنهن اتحاد

۾ جيئي سنڌ سان لاڳاپيل ڪا به پارٽي شامل نه هجي، اهو نمائندا اتحاد ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ خير ڪيئن به هجي. پر گڏجڻ وارو عمل وري به بهتر آهي. ٻه پائر به گڏجن ٿا ته چڱي ڳالهه آهي.

## پوتڙو ڪلهي تي، الله ڙي واهي!

ورهاڱي کان اڳ وارا اتحاد هجن يا ورهاڱي کان پوءِ وارا، پارلياماني اتحاد هجن يا پارليامينٽ کان ٻاهر وارا، سنڌ جي اتحادن جو وڏي ۾ وڏو الميو اهو ٿي آهي ته اهي جٽادار ناهن. سنڌ جون سياسي پارٽيون گهڻو وقت اتحاد ۾ گڏ هلي نه ٿيون سگهن. جڏهن به ڪو اتحاد ٺهي ٿو ته ٺهڻ سان ئي پنهنجي خاتمي جا سبب پيدا ڪرڻ لڳي ٿو. جيئن جاندار پنهنجي موت جا سبب پنهنجي اندر ۾ پيدا ٿا ڪن، تيئن سنڌ جا سياسي اتحاد به پنهنجي انت جا سڀ اسباب پنهنجي اندر ۾ پيدا ڪرڻ ۾ ڪا به ڪسر نه ٿا ڇڏين. اهي جڏهن پنهنجي جوڀن تي رسن ٿا ته اچانڪ بي قدرن جي ياري وانگر ٽڙڪ ڪري ٽٽي ٿا پون. پوءِ هر ڪو پوتڙو ڇنڊي الله واهي ٿو ڪري. ڪير نه ڪنهن پيڙو. سنڌي عوام ويچارپ، وائڙپ ۽ اچرج مان ويندڙن کي ويندو ڏسندو، ٽڏا شوڪارا پريندو حيران سرگردان رهجي وڃي ٿو. گڏوگڏ اهي سمورا معاملا ۽ مسئلا جن جي حل لاءِ اتحاد ٺاهيو وڃي ٿو اهي به جيئن جو تيئن رهجي وڃن ٿا.

## آخرڪار پنهنجا اتحاد هلن ڇو نه ٿا؟

اهو هڪڙو اهم سوال آهي ته آخرڪار پنهنجن اتحادن

جي ڄمار ايڏي ننڍڙي، مختصر ۽ ٿورڙي ڇو ٿي ٿئي؟ اهي ڏکيي پنڌ تائين ڇو هلي نہ ٿا سگهن؟ ڪهڙي خرابي آهي جو اسان سڀ هڪڙي ڳالهه ڪندي ۽ پنهنجي وطن کي سنگين خطرا درپيش هوندي، سڀ ڪجهه سمجهندي بہ الڳ ٿيڻ ۾ دير ئي نہ ٿا ڪريون؟ آئون سمجهان ٿو تہ ان جا ڪجهه بنيادي سبب هيٺيان آهن:

__الف:__ سنڌ جي سموري سياسي قيادت زرعي معاشري سان لاڳاپو رکندڙ آهي ۽ بدقسمتي سان سنڌ جو زرعي معاشرو هڪڙي وڏي ڀونچال ۾ ڦاٿل آهي. هڪ طرف اهو اقتصادي زوال جو شڪار آهي، تہ ٻئي طرف سماجي ڀڃ ڊاهہ منجهان گذري رهيو آهي. مثال طور ”اصل تي وڏين“ قوتن جون مهربانيون جيئن پوءِ تيئن مٿس وڌنديون وڃن. جنهن ڪري اهو ڏينهون ڏينهن وڌيڪ انتشار ۽ دٻاءُ جو شڪار ٿيندو پيو وڃي. انهي دٻاءُ، انتشار ۽ ٽوڙڦوڙ جا اثر جتي سڄي سماج تي پون ٿا، اتي اهي سنڌ جي سياست تي بہ پنهنجا پرتوا وجهن ٿا. سنڌ جو سياسي انتشار سماجي انتشار جو آئينو آهي. سماجي قدرن جي ٽٽڻ سان سياسي قدر پڻ ٽٽا آهن ۽ اڳواٽپ دٻاءُ، انتشار ، ويڳاڙپ ۽ هلڪڙائپ جي ور چڙهي آهي. جنهن جي نتيجي ۾ خصيص شخصي انائن ۾ واڌ آئي آهي ۽ شخصي، گروهي ۽ پارٽي مفاد وسيع تر قومي مفادن کان وڌيڪ اهميت وارا ٿي ويا آهن. حيرت انگيز ۽ ڏکائتي ڳالهه آهي تہ اسان جا اتحاد تقرير جي واري تي ڪڙي ٿيندڙ تنازعي تي بہ ٽٽا آهن.

__ب:__ اتحادي سياست هڪڙي تمام لچڪدار ۽ نازڪ

سياست ٿئي ٿي. جنهن جا انگل آرا محبوب وانگر ٿين ٿا. ان ۾ تمام گهڻي ڇڏڇوٽ ڪرڻي، ڪس رس ڪاٽڻي ۽ هڪ ٻئي جو خيال رکڻو پئي ٿو. ان جي برعڪس اسان جا اڳواڻ سياري جي سوڙ وانگر اتحاد کي پاڻ ڏانهن ئي ڇڪيندا رهن ٿا. جنهن ڇڪ ڇڪان ۾ نيٺ اهو ٽڪر ٽڪر ٿيو پنهنجو وجود وڃايو ويهي.

**ٻ:** اتحادن جي نه هلي سگهڻ جو هڪڙو وڏو سبب عوامي پارٽي ۾ مرڪزي شخصيت جي اڻهوند به آهي. سائين جي-ايم-سيد کانپوءِ موجودا وقت ۾ اهڙي ڪا به شخصيت نه جڙي آهي، جيڪا سنڌ جي سياست ۾ مرڪزي حيثيت رکندڙ هجي ۽ ان جي اڳواڻي ۾ گڏجي هلڻ تي ٻيا سڀ رهنما به متفق هجن.

**ڀ:** سنڌ جي مسئلن تي متفق هوندي به انهن کي الڳ الڳ اندازِ نظر سان ڏسڻ به هڪڙو سبب رهيو آهي. هڪ ٻئي تي اعتماد ۽ ڀروسي جي ڪمي به هڪ ڪارڻ آهي. گڏوگڏ هي ڳالهه پڻ اهم آهي ته اصل اقتداري قوتن جي سازشن، اتڪلن ۽ دٻاءَ به پنهنجو ڪم پئي ڏيکاريو آهي. جنهن ڪري اتحاد نه فقط ڪو مؤثر ۽ نتيجي خيز ڪردار ادا ڪري نه سگهيا آهن، پر ٽٽي، وکري ۽ ٽڙي پکڙي پڻ ويا آهن.

**پوءِ به اتحاد ڪيئي:**

جيتوڻيڪ هتي اتحادن وسيلي نه ڪي مسئلا حل ٿيا آهن، نه سنڌ کي اجا تائين ڪو فائدو ٿيو آهي ۽ نه ئي وري اهي ڪو هلي به سگهيا آهن. تنهن هوندي به اتحادن جي ضرورت آهي. اتحاد ۽ ٻڌي جي گهرج، هزار ناڪامين ۽ ٽوڙن جي باوجود، هر دؤر ۾ رهي ٿي. اها اڄ

به آهي. دشمن طاقتور آهي، مضبوط آهي ۽ متحد آهي. خطرا گهڻا آهن، گهڻ طرفا آهن ۽ سنگين آهن. ان جي ڀيٽ ۾ پاڻ اجا گهڻا ڪمزور، هيڻا ۽ ڇڙوڇڙ آهيون. ان ڪري اتحاد، ٻڌي ۽ گڏجڻ جي ضرورت آهي. چو ته جڏهن هيڻا، ڪمزور ۽ بي پهچ ماڻهو گڏبا آهن، تڏهن اهي پاڻ وهيڻا ٿي پوندا آهن. سنڌن ٻڌي ڪرشما ۽ معجزا ڪري ڏيکاريندي آهي. يقينن سنڌي عوام جي قومي ٻڌي به ڪرشماتي ثابت ٿيندي.

***

23 ڊسمبر 2009ع.

# سر درِ قدم يار

تهذيب جو سمورو سفر، ثقافت جي ساري رنگارنگي، علم جي سموري گوناگوني، سائنس جي ارتقا ۽ اڄوڪو عروج، ادب جي سموري پکيڙ ۽ سارو فلسفو جيڪڏهن ڪنهن شئي جو ڇيهه لهي نه سگهيو آهي ته اها شئي خود انسان آهي. ماڻهو ڪالهه به هڪ وڏو ڳُجهه هو ۽ اڄ به هڪ وڏو ڳُجهه ۽ اسرار بڻيل آهي. ان اسرار کي جيترو ٿو اڪيلجي، اوترو ئي اهو وچڙندو، وڌندو ۽ منجهندو ٿو وڃي. ماڻهوءَ جي من جو انت پلا ڪنهن لڌو آهي! ستارن جو سنسار ته ماپي سگهجي ٿو، پر ماڻهو جي من جو انت ڪيئن ٿو لهي سگهجي، ان جي اندر جي پکيڙ کي ڪيئن ٿو ماپي سگهجي. نه رڳي اهو ته ماڻهو جي من جي ماپ ۽ ڪور ڪرڻ ڏکي آهي، پر ماڻهو جي ڪردار جو وزن ڪرڻ به ڏاڍو ڏکيو آهي. تنهن هوندي به تاريخ جي ساهمي ۾ ماڻهو جي وزن لاءِ ڪي ماڻ، ڪي ماپا، ڪي وَٽ ضرور هجن ٿا، جن جي آڌار تي ماڻهو جي ڪردار جي ڪٿ ٿئي ٿي. انهن وٽن، ماڻن ۽ ماپن مان هڪڙو ماڻ ۽ ماپو مقتل به آهي. ڪنهن ماڻهو قتل گاهه جي ڪارن ورانڊن مان لنگهندي ڪيتري حوصلي کان ڪم ورتو، موت جي اکين سان اکيون ڪيئن ملايون ۽ کهڙي شانِ بي نيازي سان موت کي ڳلي لاتو، اهو خود هڪڙو اعليٰ پئمانو آهي.

جس دهج سي ڪوئي مقتل مين گيا، وه شان سلامت رهتي هي،
يه جان تو آني جاني هي، اِس جان ڪي تو ڪوئي بات نهين!

سنڌ ۾ اهڙا انيڪ ڪردار ڄڻيا آهن، جن مقتلن ۾ اوچي ڳاٽ سان داخل ٿي عشق جي سرڪشي کي جواني پئي عطا ڪئي آهي. عشق جو ۾ پنهنجو حُسن ٿيندو آهي، سرڪشي جي ۾ پنهنجي سونهن ٿيندي آهي. انهن عاشقن پنهنجا سرڙا گهوري عشق جي حسن ۽ سرڪشي جي سونهن کي پئي بچايو آهي؛ گڏوگڏ انسانيت جي ضمير کي جرڪائي زنده جاودان بنائي پئي ڇڏيو آهي. سنڌ جي اهڙن لازوال ڪردارن منجهان هڪ امر ڪردار صوفي شاه عنايت شهيد جو پڻ آهي.

شاه عنايت شهيد، جنهن لاءِ ڪوٽ اروڙ جي ڪنگرن ڪان وڏي انا رکندڙ شاعر شيخ اياز پنهنجي هڪڙي غضبناڪ وائي ۾ لکيو هو ته:

منهنجي پيراندي،
ڪيئي ڏاها ڏيهه جا.
شاه عنايت جهوڪ جو منهنجي سيراندي.

اهو شاه عنايت شهيد سنڌ جو پهريون ماڻهو هو جنهن تصوف کي آزادي ۽ انقلاب جي چادر پهرائڻ سان گڏ ان ۾ معاشي ۽ اقتصادي نظريي جي آميزش ڪئي. جيئن اسپارٽيڪس دنيا ۾ غلامن جي پهرين بغاوت جو مهندار آهي، ايئن ئي شاه عنايت شهيد دنيا جو پهريون صوفي ۽ مُهڙيون آزادي پسند انقلابي اڳواڻ آهي، جنهن قومي آزادي ۽ طبقاتي انقلاب جي جدوجهد کي هڪ ئي وقت گڏ هلايو.

سنڌ ڪڏهن ۾ گڏيل هندستان جو حصو نه رهي آهي. اها هميشه الڳ ٿلڳ ۽ آزاد ملڪ رهي آهي. البت اشوڪ اعظم جي زماني ۾ اها

فتحجي گڏيل هندستان جو حصو بڻجي وئي هئي. ان ڪانپوءِ اُهو ٻيو پيرو هو جو سورهين صدي عيسوي جي آخر ۾ اڪبر اعظم ان کي فتح ڪرائي گڏيل هندستان ۾ مغل شهنشاهيت هيٺ آڻي ڇڏيو هو.

ساجن دهاگا پريم ڪا توڙو چُٽڪاءِ جاءِ،

ٽُوٽي جُڙي نهين، بيچ گانٺ پڙ جاءِ.

”اي پرين! پريت جو ڌاڳو ڪڏهن بہ نہ توڙج. جو اول تہ ٽٽل شيون جڙنديون ناهن، پر جي جُڙي بہ وڃن، تڏهن بہ انهن جي وچ ۾ ڳنڍ رهجيو وڃي.“

مٿئين لاجواب دوهي جو تخليقڪار رحيم خان خانان انهيءَ لشڪر جو سپهہ سالار هو جنهن اڪبر پاران سنڌ تي قبضو ڪيو هو.

سنڌ مُلڪ 1520ع ڌاري جيئن ئي ارغونن جي قبضي هيٺ آيو تيئن ئي سنڌ ۾ آزادي جون تحريڪون بيدار ٿيون. هر طرف ويڙهاند ئي ويڙهاند هئي. ارغون ان ويڙهاند کي منهن ڏيئي نہ سگهيا. انهن جي جاءِ ترخانن والاري. ترخان بہ ساڳي صورتحال ۾ قائل رهيا. سنڌن ڪمزوري کي ڏسندي مغل اچي هتي وارد ٿيا. سنڌين جي ويڙهہ مغلن خلاف پڻ ساڳئي ئي نموني سان جاري رهي. لاڙ کان وٺندي اتر تائين ڪوبہ علائقو اهڙو نہ هو جتي مزاحمت نہ هجي. ان مزاحمت اڳتي هلي آخرڪار پنهنجا مرڪز ٺاهڻ شروع ڪيا. اهڙي ريت مغلن خلاف ٽي اهم مزاحمتون ۽ ويڙهاندون ترتيبجڻ لڳيون.

هڪ دادو جي آسپاس پنهورن جي ويڙهاند (بلاولي تحريڪ)

ٻي ڪلهوڙن جي ويڙهاند.

ٽين ۽ شاهہ عنايت شهيد جي ويڙهاند.

مغلن جي خلاف بلاولي تحريڪ يا پنھورن جي ويڙهه تي محققن تمام گهٽ ، بلڪ نہ ڪٿڻ جي برابر، قلم کنيو آھي. حالانڪ ھيءَ تمام اهم ويڙهاند ھئي. ھن ئي ويڙهه جي نتيجي ۾ سڀ کان پھرين مغلن جا پير سنڌ مان پٽجڻ شروع ٿيا ھئا. پنھورن کي دادو، سيوهڻ ۽ ڪاڇي جي آسپاس دولهه دريا خان دفاعي نقطي نگاهه کان آباد ڪيو ھو. سنڌي سئنا جي شڪست کانپوءِ اهي ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي خلاف ايئن گوريلا ويڙهه ۾ لڳا، جيئن آمريڪا جي ھٿان عراق جي شڪست کانپوءِ صدام حسين جي وفادارفوج گوريلا ويڙهه ۾ ھلي وئي آھي. جن ماڻھن کي اقتدار ۽ آزادي جي لذت معلوم ھوندي آھي، اهي ڪڏھن بہ غلامي ۽ محڪومي تي راضي نہ ٿيندا آھن. ان ڪري اهي انھن خلاف ويڙهون ڪندا آھن. سنڌين سمن جي دؤر ۾ پنھنجي آزاد راڄ ڀاڱ ۽ اقتدار جو جيڪو ساءَ چکيو ھو ۽ جيڪا خوشحالي ماڻي ھئي، اھا ڪين ڪٿي ٿي وسري سگهي. تنھن ڪري انھن ويڙهاندون پئي ڪيون. پنھورن گوريلا ويڙهه جي نتيجي ۾ آخرڪار سيوهڻ، دادو، ٿلتي ۽ پرپاسي جا پٽ مغلن کان آزاد ڪرائي ورتا ۽ انھن ٽُڪرن تي پنھنجي آزاد اختياري قائم ڪري ورتي. ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي غلامي خلاف اھا سنڌي قوم جي پھرين وڏي ڪاميابي ھئي.

ڪلھوڙن پڻ مغلن خلاف گوريلا ويڙهه جو رستو ورتو. ميان دين محمد ڪلھوڙي ڪيترن ئي مقابلن ۾ مغل فوجن کي شڪستون ڏنيون. پر نيٺ ھڪڙي معرڪي ۾ شڪست کائي گرفتار ٿيو. کيس ملتان جي مغل گورنر شھزادي معزالدين جي سامھون پيش ڪيو ويو. جنھن کيس موت جي سزا ڏني. سندس پٽ ميان نصير محمد وچيون

رستو اختيار ڪيو. ڪانئس پوءِ ميان يار محمد ڪلهوڙي اچا وڏيڪ مفاهمت ڪئي ۽ دهلي جي دربار مان خدا يار خان جا لقب ماڻيا ۽ جاگيرون حاصل ڪيون. پوءِ ڪلهوڙن جون مصلحتون ان حد تائين ويون، جو اهي مغلن جا ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺا ۽ سنڌ مان ٻين بغاوتن ۽ ويڙهاندن جو پاڙون پٽڻ ۾ مصروف ٿي ويا.

ٽين ويڙهاند صوفي شاهه عنايت شهيد جي هئي. شاهه عنايت پنهنجي عهد جو شعوري ۽ فڪري حوالي ڪان سڀ ڪان اڳتي نڪتل انسان هو. هن تصوف جي مَٽ ۾ وطن دوستي، عوام دوستي ۽ انسان دوستي جو نئون مڌ چِڪايو هو. ان مڌ جا ڪيپ خمار ۽ ڪٿوريءَ ڪشبويون سڄي سنڌ کي معطر ڪري رهيون هيون. ميرانپور سنڌ جو اهڙو مئخانو بڻجي پيو هو ، جو هر پاسي ڪان ماڻهو ڇڪجي شاهه عنايت جهڙي البيلي رانجهڻ جي جهوڪ اچي رهيا هئا. شاهه عنايت نہ رڳي مغل شهنشاهيت جي بالادستي مان ڇوٽڪارو پئي چاهيو، پر هن سنڌ جي هر هڪ هاري ناري، ڪمي ڪاسبي، پورهيت ۽ هيٺئين طبقي جي ماڻهو کي مٿي آڻڻ پئي گهريو. هن انهيءَ ڪري ئي ”جو کيڙي سو کائي“ جهڙو انقلابي نعرو هنيو. ۽ عملي طور تي ان کي پنهنجي پرپاسي جي زمينن تي لاڳو پڻ ڪري ڇڏيو. طبقاتي شعور جو اهو پهريون مربوط ۽ منظم خيال هو، جيڪو ڪارل مارڪس کان لڳ ڀڳ ڏيڍ صدي اڳ پيش ڪيو ويو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو ڪاٻي ڌر جي وڏي دانشور سيد سبط حسن پنهنجي لکڻي ۾ شاهه عنايت کي دنيا جو پهريون سوشلسٽ ڪوٺيو آهي. ڏٺو وڃي تہ جهوڪ جو هيءَ هاري انقلاب حقيقت ۾ ”پئرس ڪميون“ کان بہ وڏو انقلاب هو.

پنهور ويڙهاند سمن جي دور ۾ پيدا ٿيل ترقي پسند وچئين طبقي جي نمائندگي پئي ڪئي، شاهه عنايت سنڌ جي هاري ۽ پورهيت پرت جو روشن خيال نمائندو هو ۽ ڪلهوڙا سنڌ جي موقعي پرست، ڦرٽي گهرٽي ۽ غيرمستقل جاگيردار ۽ زميندار طبقي جي نمائندگي ڪندڙ هئا. مقصد ٽنهي تحريڪن جو سنڌ جي آزادي هو. البت منجهن زبردست قسم جا طبقاتي، سماجي ۽ فڪري ٽڪراءَ موجود هئا. ڪلهوڙن پنهنجي حساب سان دور انديشي کان ڪم وٺندي مغل شهنشاهيت سان مصلحت تحت هڪ پاسي سندن ڏيهي مخالفتن خلاف ڪات ڪهاڙا کنيا. ته ٻئي پاسي مغلن جي ڪمزور ٿيندڙ حڪومت جي وڏيڪ منتشر ٿيڻ جو اوسيئڙو ڪندا رهيا. ڇئي سگهجي ٿو ته ان حڪمت عملي مان ڪين سياسي فائدو ته پهتو جو هو سنڌ جا اڪيلا حڪمران بڻجي ويا. پر هڪ طرف اهو ٿيو جو سنڌ جي آزادي ويهه سال پوئتي پئجي وئي، ته ٻئي طرف ميان نور محمد ڪلهوڙي جي پيشاني تي سنڌ جي هڪ عظيم انسان سان ويڙهه جو ڪڏهن نه لهندڙ داغ چِٽجي ويو.

زوال پذير ٿيندڙ مغل سامراجيت خلاف جيڪڏهن سنڌ اندر اڀرندڙ نين قوتن جي ويڙهه هڪبئي سان ٻانهن ٻيلي ٿي بيهي ها ته جيڪس سنڌ جي حالت اڄ کان گهڻي مختلف هجي ها ۽ آزادي کانپوءِ سنڌ هڪ نئين ۽ وڏي طاقت ٿي اڀري ها. جنهن وٽ هڪ قسم جي نظرياتي سگهه، اقتصادي طاقت، فوجي قوت، گڏيل سياسي قيادت ۽ جمهوري حڪومتي جوڙجڪ هجي ها. اِهي اُهي امڪان هئا، جيڪي هڪڙي قوم کي دنيا ۾ هڪ طاقت ۾ بدلائي ڇڏيندا آهن.

پر ڪلهوڙن ۽ شاهه عنايت جي تحريڪن جي وچ ۾ ٽڪراءَ هڪ حد تائين اڻٽر به هو. ڇاڪاڻ جو هيءَ ٻيئي تحريڪون رڳي سياسي مخالفت ۾ نه هيون، پر معاشي، اقتصادي ۽ فڪري نقطي نگاهه کان پڻ ٽڪراءَ ۾ هيون. ڪلهوڙا مذهبي اثر ۽ بنياد پرستي جي لهر ۾ هيا. اهي مهدي جونپوري جا پوئلڳ هئا. جڏهن ته شاهه عنايت فڪري طور تي مخدوم بلاول جي مسلڪ سان لاڳاپيل هيو. هو سيڪيولرزم، رواداري ۽ صوفياڻي آزاد خيالي جو ميجتائُو هو. سو گهٽي حد تائين ان ٽڪراءَ کان بچڻ ممڪن ئي ڪونه هو. اها الڳ ڳالهه آهي ته جي ايئن ممڪن نه هو ته اهو اجا به ڪر وڌيڪ پلو ٿئي ها ته شاهه عنايت شهيد ميرانپور جي معرڪي ۾ شهادت نه ماڻي ها ۽ سندس فقيرن جي تحريڪ چِڙوچِڙ نه ٿئي ها. جيڪڏهن ”جو ڪيڙي سو کائي“ جي نعري واري سنڌ جي آزادي جي هيءَ تحريڪ ڪامياب ٿئي ها ته سنڌ ۾ اجا وڌيڪ نيون پيداواري قوتون جنم وٺن ها. البت اها الڳ ڳالهه آهي ته تاريخ جي المين کي ڪير ڪيئن ٿو روڪي سگهي.

عظيم انسان عظيم ويساهه رکندڙ هوندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن بي ويساهيءَ جي ور چڙهي ويندا آهن. صوفي شاهه عنايت شهيد سان پڻ ايئن ئي ٿيو. جڏهن ميرانپور جي ڇئن مهينن جي گهيري دوران صوفي فقير سرڪاري فوج مٿان حاوي رهيا، تڏهن حاڪمن پنهنجي حڪمت عملي بدلائي ۽ قرآن شريف کي وچ ۾ آندو. ڳالهين جي نالي تي صوفي سائينءَ کي گهرائي شهيد ڪرڻ جو گهاٽ گهڙيو ويو. پهرين جنوري 1718ع تي صوفي شاهه عنايت کي ڳالهين جي آڇ ڪئي وئي. فقير رنا رڙيا ته سائين هيءَ دوکو آهي. توهان ڳالهين لاءِ نه وڃو.

پاڻ فرمايائون تہ آئون سڀ سمجهان ٿو. پر قرآن کي پٺي نہ ٿو ڏيئي سگهان. پوءِ هو ڳالهين لاءِ ويا.

ڳالهيون ڇا هيون؟ صرف دغا ئي تہ هئي. شاهہ عنايت کي گرفتار ڪري ٺٽي آندو ويو. ڪيس ٺٽي جي مغل صوبيدار اعظم خان جي روبرو وٺي آيا. اعظم خان شاهہ عنايت کان پهريون ئي سوال اهو ڪيو تہ: ”تو هيءَ شورش برپا ڇو ڪئي!؟“ جواب ۾ ڪجهہ چوڻ جي بدران شاهہ عنايت فارسي جي عظيم شاعر حافظ جي هيءَ رباعي پڙهي:

آن روز ڪہ توسنِ فلڪ را زين ڪردند،

آرائش مشتري ز پروين ڪردند،

اين بود نصيبِ ماز ديوانِ قضا،

مارا چہ گناہ، قسمتِ ما اين ڪردند!؟

”جنهن ڏينهن آسمان جي گهوڙي تي سنج رکيا ويا، مشتري کي پروين سان سينگاريو ويو. ان ڏينهن کان ئي قضا جي ڪاڳرن تي اسان جو اهو نصيب لکيو ويو. اسان کي تہ ايئن ڪرڻو ئي هو.اِن ۾ اسان جو ڪهڙو ڏوهہ آهي؟“

ڪيس مٿي ۾ اُٺ ويٺل حڪمران آڪڙ مان ڌمڪيون ڏنيون، تہ شاهہ عنايت هڪڙي ئي جملي ۾ هن جي تڪبر ۽ غرور جي محل کي ڊاهي چڪنا چوُر ڪري ڇڏيو:

البلاءِ لِلولاءِ ڪاللهب للذهب.

”دوستيءَ لاءِ آزمائشون ايئن آهن جيئن سون لاءِ باهہ ڙي. ۽ باهہ تہ پاڻ سون کي تهائين وڏيڪ چمڪائي ڇڏيندي آهي.“

ڪيس جيل ۾ بند ڪيو پئي ويو تہ پاڻ فرمايائون:

ساقيا برخيز درده جام را،
خاڪ برسر ڪن غمِ ايام را.
”اي ساقي! اٿ جام ڀر تہ جيئن زماني جي ڏکن جي مٿي ۾ مٽي وجهي ڇڏيون.“

سنڌس ئي اکين اڳيان سنڌس پاءُ ۾ پاٽثيي کي قتل ڪيو ويو. اهو سڀ ڪجهہ ڏسندي هن سرمست عاشق وراڻيو تہ:

ميڪُشد اين غم ڪہ مي گويد، توبہ ڪردي زعشق ما نہ هنوز،
بہ اداءِ نماز شو باالله، عالمي توبہ ڪرد، ما نہ هنوز.

”تون عشق ۾ توبهہ ڪرڻ جي ڳالهہ ٿو ڪرين، تہ ان ڳالهہ جو ڏک مون کي ماريو وجهي. خدا جو قسم سڄي دنيا توبهہ تائب ٿي سگهي ٿي، پر اسان ايئن نہ ٿا ڪري سگهون.“

هاڻي اها گهڙي اچي پهتي هئي. خود شاهہ عنايت کي سوريءَ سزاوار بڻايو پئي ويو. جنهن مهل کين قتل گاهہ ڏانهن نيو پئي ويو پاڻ حافظ جو شعر چيائون تہ:

رها نيدي مرا از قيدِ هستي،
جزاڪ الله في الدارين خير را.

”تو مون کي زندگي جي قيد مان آزاد ڪري ڇڏيو. الله سائين توکي ٻنهي جهانن ۾ ان جي جزا ڏئي.“

هوڏانهن جلاد تلوار اپي ڪئي ۽ هيڏانهن شاهہ عنايت پنهنجو ئي شعر وڏي آواز سان اچاريو:

سر در قدمِ يار فدا شُد چہ بجا شُد،
اين بارِ گران بود ادا شُد چہ بجا شُد.

”هيءَ سر يار جي قدمن ۾ قربان ٿيو ڏاڍو سٺو ٿيو. هي سِسيِ وڏو بار هئي، اهو بار ادا ٿيو ڏاڍو سٺو ٿيو.“

اهڙي ريت 18 جنوري 1718ع تي اهو عظيم انسان جيڪو نه فقط سنڌ لاءِ پر سڄي دنيا لاءِ روشني جو مينار هو، ازلي حُسن سان ملي سدائين لاءِ تاريخ جي سونهن بڻجي ويو. اها سونهن فڪر، جدوجهد ۽ شهادت جي جوت بڻجي هميشه لاءِ جاڳندي ٿي رهي. آزادي ۽ انقلاب جو اهو فڪر، اها جوت اڄ جهيڻي آڳ آهي ۽ هڪ ڏينهن شعلو بڻجي ويندي.

* * *

19 ڊسمبر 2013ع

بلوچن جو لانگ مارچ

# ھيءَ پير پٽيھر جھڙا ھا

ڪوئيٽا ڪان بلوچن جو نڪتل پيادل لانگ مارچ سنڌ جي رستن تي روان دوان آھي. ھو ھڪڙو ننڍڙو، جائز ۽ قانوني مطالبو کڻي نڪتا آھن. سندن گھُر ھر مذھب، فلسفي، اصول، انساني حقن ۽ قانون جي رُوءِ ڪان جائز ۽ واجبي آھي. ھو ٻيو ڪجھہ ڪونہ پيا گھُرن؛ رڳو ايترو ٿا چون تہ اھي بلوچ نوجوان، جن کي ھِن ”مملڪتِ خدادِ پاڪستان“ جا طاقتور ڳجھا ادارا گرفتار ڪري کڻي ويا آھن ۽ ڪين گم ڪري ڇڏيو آھي، انھن کي ظاھر ڪيو وڃي. جيڪڏھن ڪنھن نوجوان تي ڪا تھمت، الزام يا ڏوھاري ھجڻ جو گمان آھي تہ ان کي عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي. ھونئن بہ ڪنھن جي گناھگار ھجڻ يا نہ ھجڻ جو فيصلو ڪرڻ، ڪنھن کي بري ڪرڻ يا سزا ڏيڻ عدالتن جي ئي دائري اختيار ۾ آھي. ڪنھن بہ طاقتور ڌر، اداري يا گروھہ کي اھو قانوني حق حاصل ناھي تہ اھو ڪنھن کي کڻي گم ڪري ڇڏي. اھوئي ڪارڻ آھي جو سياسي، سماجي ۽ انساني حقن جي تنظيمن ڪان ويندي ھر باشعور، انسان دوست، آزادي پسند، انصاف پسند ۽ ساجاھہ وند ماڻھو سندن مطالبي جي حمايت ڪري رھيو آھي.

ٿورڙن ماڻھن، جن ۾ ٻارڙا ۽ عورتون پڻ شامل آھن، تي ٻَڌل ھيءَ پيادل قافلو ان شھر ڏانھن روان دوان آھي، جنھن کي امر جليل گدڙن جو

شهر سڏيندو هو. ۽ ڪن دوستن جو خيال آهي تہ اهو ٻوڙن ۽ انڌن جو شهر آهي. جو ان شهر ڪي  ظلم ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو آهي ۽ مظلومن جون آهون ٻڌڻ ۾ ڪونہ ايندديون آهن. معنا تہ ڪوئيٽا کان نڪتل هي پنڌ قافلو اسلام آباد پهچي دم پٽيندو. هو اسلام آباد دانهڻ پيا وڃن. اتي موجود گڏيل قومن جي آفيس ۽ سفارتخانن جي معرفت عالمي ضمير کي جهنجهوڙڻ وڃي رهيا آهن. سنڌ مان لنگهندي مهل هو پنهنجي روئداد مختلف هنڌن تي گڏ ٿيندڙ ماڻهن کي بہ ٻُڌائيندا پيا وڃن.

قافلي ۾ موجود هر ماڻهو وٽ پنهنجي درد ڪٿا آهي، هر هانءَ ۾ دکندڙ درد جو هڪ وڏو داستان آهي. هنن مان هر هڪ جو ڏک پنهنجو آهي، الڳ الڳ آهي. ان جي باوجود هنن جو ڏک ساڳيو آهي، هڪجهڙو آهي. هنن جي پيارن کي گهرن مان، آفيسن مان، ٻنين مان يا گس هلندي کنيي گم ڪيو ويو آهي. سالن جا سال ٿي ويا آهن. جو گم ڪيلن جو ڪو ڏس پتو نہ ٿو ملي، ڪو کُر پير نہ ٿو ملي. ڪٿان بہ ڪا سڻائي وائي نہ ٿي اچي، تہ اهي ڪهڙي حال ۾ آهن. ڪٿي آهن؟ پر جيڪڏهن ڪي واپس اچن ٿا تہ چچريل لاش جي صورت ۾ واپس ڏنا وڃن ٿا. ۽ ڏک ۽ رت جي هڪڙي واڏاري لڪير جڙي وڃي ٿي.

هن پنڌ قافلي جي اڳواڻي ڪندڙ ماما قدير بلوچ جو ڏک بہ ٻين هزارين بلوچن جهڙو ئي آهي. سندس پٽ جليل ريڪي بلوچ کي رياستي ادارا کنيي ويا. ٽن سالن تائين هو لاپتا ٻڌيل هو. ماما قدير بلوچ سندس پٽ جي ان جبري گمشدگي خلاف احتجاج شروع ڪيو. آهستي آهستي ٻين گم ٿيل بلوچ ڪارڪنن لاءِ ٿيندڙ ڌار ڌار احتجاج هڪ مرڪز تي گڏ ٿيڻ لڳو. جڏهن اهو سگهارو آواز بڻجي

پيو. تڏهن ماما قدير کي چيو ويو تہ ”توهان احتجاج ختم ڪريو، توهان جي پٽ کي آزاد ڪريون ٿا.“ هن جي ورنديءَ اها هئي تہ ”منهنجو احتجاج رڳي منهنجي پٽ لاءِ ناهي، اهو سڀني گم ڪيل بلوچ نوجوانن لاءِ آهي.“ جنهن ڪانپوءِ ٽن سالن جي گمشدگي بعد سندس پٽ کي تحويل ۾ قتل ڪري سندس مئل جسم کي نامعلوم قرار ڏئي لاهور جي اسپتال جي تجربيگاهہ جي حوالي ڪيو ويو، جتي سيکڙاٽ ڊاڪٽر ان جي وڍ ٽڪ ڪندا رهيا. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ جيئن ئي ماما قدير وارن کي ان ڳالهہ جو علم ٿيو تہ هنن اتان ويجي لاش وصول ڪيو. جليل ريڪي بلوچ جي تصوير ڏسي لڳي ٿو تہ هو ڏاڍو سهڻو جوان هيو. هو بلوچ ريپبلڪن پارٽي جو مرڪزي عهديدار هو.

قافلي جي ٻي اڳواڻ فرزانا مجيد بلوچ آهي، جنهن جي ڀاءُ ذاڪر مجيد بلوچ کي گرفتار ڪري گم ڪيو ويو آهي. ذاڪر مجيد جي گرفتاري کي سڄا سارا ٽي سال ٿي ويا آهن؛ هو اڄا تائين ٽارچرسيل جي ڪال ڪوٺڙين ۾ واڙيل آهي. سندس گهر وارن کي سندس باري ۾ ڪا خبرچار نہ ٿي ملي تہ ڪيس ڪٿي ۽ ڪهڙي حال ۾ رکيو ويو آهي. ذاڪر مجيد بي ايس او (آزاد) جو مرڪزي سينيئر وائيس چيئرمين آهي.

پنڌ ويندڙ هن قافلي ۾ ٻارڙا پڻ شامل آهن. جن ۾ هڪڙو ٻارنهن ورهين جو ٻار محمد رمضان پڻ آهي، جنهن جي پيءُ غلام حيدر بلوچ کي چار سال اڳي سندس ئي اکين اڳيان گهر مان کنييو ويو هو. ان وقت رمضان جي ڄمار 8 سال هئي، پر کيس اها چٽي يادگيري آهي تہ اهلڪار ڪيئن نہ تشدد ڪندي سندس پيءُ کي کنيي کڻي ويا هئا.

قافلي ۾ موجود هڪ ٻيو قلندرانا صفت پِير مرد اهڙو بہ آهي، جنهن جي گهر جو تہ ڪو بہ ڀاتي نہ کنيو ويو آهي، پر جيڪي کنيا ويا آهن، اهي هن لاءِ گهر ڀاتين جيان ئي آهن. اهو بلوچ ڪاز سان انتها جي حد تائين لاڳاپيل آزادي پسند جهونو استاد مير محمد علي ٽالپر آهي. جنهن کي بلوچ نوجوان ڇوڪرا توڙي ڇوڪريون استاد چئي مخاطب ٿيندا آهن. هو چئي ٿو تہ منهنجي پنجاهي کن شاگردن کي ٻڌي گم ڪيو ويو آهي ۽ اڌائي سئو کان مٿي تہ ماريا ويا آهن. ستر واري ويڙهہ ۾ پنهنجي ٻنهي هٿن جون آڱريون وڃائيندڙ هي جهُونو جڏهن "اُن جي چوري ۾ بانبڙا ڪونہ پائبا آهن" جهڙي بلوچي چوڻي ٻڌائي ٿو تہ بلوچ قومي تحريڪ سان سندس ارپنا ۽ عشق ڪنهن شعلي وانگر ڌڳڻ لڳي ٿو ۽ ان جي روشني سندس چهري تي ٻَکندي پائنجي ٿي.

اهڙي ريت قافلي ۾ موجود هر ڀار، عورت ۽ مرد جي گهر جو ڪو نہ ڪو ڀاتي گم ڪيو ويو آهي. ڪنهن جو ڀاءُ گم آهي، ڪنهن جو پٽ گم آهي، تہ ڪنهن جو پيءُ گم آهي. ڪير بہ اهڙو ڪونهي، جنهن وٽ ٻڌائڻ لاءَ ڪو قصو نہ هجي ۽ ونڊڻ لاءِ ڪو ڏک نہ هجي. هر هڪ وٽ پنهنجي درد ڪهاڻي آهي. پر ڳالهہ صرف اِتي دنگ ڪانہ ٿي ڪري. هيءَ درد انهن ماڻهن جي تعداد کان هزارين ڀيرا وڏو آهي. "بلوچستان ۾ ڪو اهڙو گهر ڪونهي، جنهن ۾ ڪا شهادت نہ هجي، ڪا گرفتاري نہ هجي، ڪو ڇاپو نہ لڳو هجي يا ڪا گمشدگي نہ ٿي هجي." قافلي ۾ موجود هڪ نوجوان ٻڌائي ٿو. هو ڳالهہ کي اڃا بہ اڳتي سوريندي ٻڌائي ٿو تہ "نہ فقط بلوچ نوجوان گم ڪيا ويا آهن، پر زرينا مري بلوچ سميت

ڏيڍ سئو کان وڌيڪ عورتون پڻ گرفتار ڪري گم ڪيون ويون آهن. جن جا اسان وٽ تفصيلي انگ اکر موجود آهن. ايئن به ٿيو آهي ته اسان جا سڄي جا سڄا ڳوٺ گرفتار ڪيا ويا آهن.“

رات جو ڪچهري هلندي مون کان هڪڙي بلوچ نوجوان پڇيو ته ”توهان اسٽيڊي سرڪل هلائيندا آهيو؟“ مون ورندي ڏنيمانس ته ”اوڻيهه سئو نوي واري ڏهاڪي ڌانپوءِ اسان وٽ سياسي پارٽين ۾ توڙي ادبي ڪلاسن ۾ اسٽيڊي سرڪل هلڻ بند ٿي ويا آهن. باقي ڪارڪنن يا عام ماڻهن جي ذهني تربيت لاءِ ڇٽي ڇماهي ليڪچر پروگرام ضرور ٿيندا آهن.“ ان تي هن ٻڌايو ته ”اسان وٽ اسٽيڊي سرڪل باقاعدگي سان ٿيندا آهن. اسان وٽ سياست ۽ تنظيمڪاري تي سنڌيءَ مان ڪتاب اردو ۽ بلوچي ۾ ترجمو ڪيا ويا آهن، جيڪي اتي پڙهيا ويندا آهن.“ اها ڳالهه مون لاءِ ڪنهن حد تائين حيرت جوڳي هئي.

ٻيءَ جيڪا ڳالهه ڪچهري ۾ سامهون آئي، اُها اِها هئي ته بلوچ قومي تحريڪ عورتن کي ڪافي اڳتي آندو آهي. اهي هاڻي سياست ۽ جدوجهد جو اهم ۽ فيصلائتو حصو آهن. قومي تحريڪ ۾ عورتن جي ڪردار کين جتي اعتماد، سياسي سماجي شعور ۽ فيصلي جي سگهه ڏني آهي، اتي انهن کي صدين جي روايتي پابندين مان نڪرڻ جي آزادي پڻ ڏني آهي. قومي آزادي جي جدوجهد ساڳئي وقت عورتن جي آزادي جي جدوجهد پڻ هوندي آهي. اها ڳالهه بلوچ عورت جي هاڻوڪي بيهڪ کي ڏسي اجائين وڌيڪ سچي ثابت ٿئي ٿي. هن

لانگ مارچ ۾ هنن نياڻين جي حوصلن، جذبن ۽ سندن ارپنا کي ڏسندي اياز جون لازوال سٽون ياد اچيو وڃن:

هو پير پٿيهر جهڙا ها،
جي پنڌ پيا پربت لوڪو!
هينئن ڪير سڏيندو سوريءَ کي؟
ڪنهن ڳالهه مٿان آ ڳت لوڪو!

هن ننڍڙي قافلي جي ٻي جيڪا ڳالهه ماڻهو جو ڌيان ڇڪائي ٿي، اُها ان جو ضابطو آهي. ڪو به ڪارڪن، سفر هلندي يا ڪنهن جڳهه تي ٽڪڻ دوران، پنهنجي جاءِ تان نه ٿو هٽي. طئي ٿيل نعرن کانسواءِ ڪير به ٻيو ڪو نعرو نه ٿو هڻي. ڪير به اضافي ڳالهه ٻولهه نه ٿو ڪري. جنهن تي جيڪا ذميواري رکي وئي آهي، هو اها بنان ڪنهن رنجهه ڪنجهه يا بار بار چوڻ جي، پاڻ هرتو ادا ٿو ڪري. ڪوبه ڪارڪن صحافين جي گڏ ٿيڻ تي ڦوٽوءَ ڪڍائڻ لاءِ اڳين صف ڏانهن لوُهه نه ٿو وڃي. هلندي مهل نه ڪو اڳيان ٿو ڊوڙي، نه پويان ٿو رهجي؛ هر ڪو پنهنجي جاءِ تي هجي ٿو. گذريل ٽن ڏينهن کان قافلي سان مختلف هنڌن تي ٿوريون ٿوريون وکون کڻڻ دوران يا رات مون وٽ ٽڪڻ دوران مون منجهن جيڪو جذبو ۽ ضابطو ڏٺو آهي، اهو نه رڳو ساراهڻ جوڳو آهي، پر وڏي حد تائين مثالي پڻ آهي، انهيءَ ضابطي ۾ رکنو ان مهل پوي ٿو جنهن مهل سنڌ جا سياسي ڪارڪن قافلي جي آجيان لاءِ اڳتي وڌن ٿا. پوءِ ڏِڪ ڏِڪان ۽ هڪٻئي کي ٺونٺيون هڻي اڳيان نڪرڻ جي جستجو شروع ٿي وڃي ٿي. جنهن ۾ ڪنهن ڪنهن مهل ته ايئن به ٿئي ٿو جو ماما قدير، فرزانا مجيد، مير محمد علي به پٺتي

رهجي ٿا وڃن ۽ پاڻ وارا همراهه اڳيان اڳيان هجن ٿا. سنڌ جي سياسي ڪارڪنن جو اهو انداز ڏسي سندن لاءِ اِها راءِ جڙي ٿي ته اهي ڏاڍا هُوڙا آهن ۽ ضابطي کان نابلد آهن. انهن جي ڀيٽ ۾ وري سنڌ جو عام ۽ سادو سُودو ماڻهو ڪنهن حد تائين ضابطي جي پوئيواري ڪري ٿو. ٿي سگهي ٿو ته ڪو دوست چئي ته قافلي ۾ ضابطي تي وڏي حد تائين عمل درآمد جو ڪارڻ قافلي جو ننڍو هجڻ آهي. پر اصل ۾ ايئن ناهي. ننڍي قافلي جو ضابطو وڏي تحريڪ جي ضابطي جو هڪڙو عڪس آهي. حقيقت ۾ سنڌ جي قومي ڪارڪنن کي بلوچن کان اهي ڳالهيون سکڻيون پونديون.

پرامن طور اڳتي وڌندڙ هن قافلي جو هڪڙو تمام اهم اهڃاڻ هٿ سان ڌڪجندڙ گاڏو يا ريڙهو آهي. جنهن کي ماما قدير پاڻ هڪلي رهيو آهي. سندس مدد لاءِ هڪڙو هڪڙو نوجوان واري سان ڊيوٽي ڏئي ٿو ته جيئن ريڙهو رستي کان هيٺ نه لهي وڃي. هو اهو ريڙهو ڇوڻ جي باوجود به ڌِڪڻ لاءِ ٻئي ڪنهن جي حوالي نه ٿا ڪن .هن ريڙهي تي گم ٿيل ماڻهن جون تصويرون رکيل آهن. ڪجهه تصويرون بلوچ شهيدن جون پڻ آهن. اهو ريڙهو هن لانگ مارچ جو علامتي اهڃاڻ آهي. ان کي ڏسي مون کي حضرت عيسيٰ ياد اچيو وڃي. حضرت عيسيٰ جڏهن گڏهه تي سوار ٿي ڪنعان جي پٽن ۾ پنهنجو پيغام پئي پکيڙيو، تڏهن رومي شهنشاهيت ايڏي گهٻرائجي ۽ وائڙي ٿي ويئي هئي، جو ان گڏهه جي سواري تي پابندي لاڳو ڪري ڇڏي هئي. ماما قدير ۽ مظلوم بلوچن جو هيءُ گاڏو به حضرت عيسيٰ جي سواري وانگر هڪڙو انقلابي اهڃاڻ ٿي پيو آهي. باشعور، عشق جي جذبي سان

سرشار فرد ۽ قومون جڏهن جدوجهدون ڪنديون آهن، تڏهن اهي ڪيئن نہ ننڍڙين ننڍڙين شين کي بہ تاريخي اهڃاڻن ۾ بدلائي ڇڏينديون آهن.

هاڻي اهم سوال اهو آهي تہ جڏهن هيءَ پيادل قافلو اسلام آباد پهچندو، تڏهن (يا ان کان اڳ ۾ ئي، جو متان ان کي اسلام آباد پهچڻ ئي نہ ڏنو وڃي)حڪومتي ڌر ۽ هن ملڪ جا سگهارا ادارا ان کي ڪيئن ٿا ڏسن؟ هڪ ڳالهہ تہ ضرور آهي تہ هيءَ قافلو اسلام آباد پهچي يا نہ پهچي، ٻنهي صورتن ۾ اهو هڪڙي نئين تاريخ ئي رقم ڪندو. پر ان سان هن مملڪتِ خدادادِ پاڪستان جي اربابِ اختيار ۽ اقتدار جي مٿي تي ڪا جوں سُري ٿي يا نہ، ان جي خبر بہ ايندڙ ڪجهہ ڏينهنَ ۾ پئجي ويندي. البت منهنجو خيال آهي تہ حڪومت ان کان هر ممڪن حد تائين ڪن ٽار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي. پنجاب جون سياسي پارٽيون، پوءِ اهي حڪومت ۾ هجن يا مخالف ڌر ۾، هن معاملي کان صفا الڳ ٿلڳ ٿيو ويٺيون آهن. ان جو تجربو اسان کي ڪجهہ هفتا اڳ ۾ لاهور جي دوري دوران تڏهن ٿيو جڏهن پنجاب اسيمبلي ۾ تحريڪ انصاف جي ميمبر ۽ مخالف ڌر جي اڳواڻ ميان محمود رشيد سان ان معاملي تي سوال جواب ٿيا. گمشدگين تي جڏهن ڪانئس سوال ڪيو ويو تہ هن وٽ آمنا مسعود جنجوعا جو حوالو تہ هو، پر بلوچ ۽ سنڌي قومي ڪارڪنن جي باري ۾ هن اهو چئي لنوايو تہ اسان وٽ انهن جا ڪي تفصيل ناهن. توهان مون کي اِي ميل ڪريو تہ اسان انهن بابت ڳالهائينداسين. جڏهن ڪيس سندس اي ميل ايڊريس ڏيڻ جو چيو ويو تہ هن پنهنجي سيڪريٽري سان رجوع ڪرڻ جو چيو.

سندس سڪيلڊي سيڪريٽري وري اي ميل ائڊريس ڏيڻ بدران اسان جي دوست جي هٿ ۾ فون نمبر پڪڙائي ڇڏيو تہ بعد ۾ ان نمبر تي فون ڪري اي ميل ائڊريس وٺي لائجو. ان ڪي سنڌيءَ ۾ چئبو آهي ”ڏنو پيڙ، پُني مراد“. ساڳي ڪار پنجاب حڪومت جي توڙي وفاقي حڪومت جي پڻ نظر اچي ٿي. پارليامينٽ ۾ اهي ان تي تہ گوڙ ڪن ٿا تہ بنگلاديش ۾ مُلي عبدالقادر کي ڦاسي ڇو ڏني وئي آهي؟ پر ڪين سنڌ ۽ بلوچستان ۾ ٿيندڙ ڌاڌاين، ناجائزين، انساني حقن جون پيچڪڙين، ماوراءِ عدالت قتل، ٽارچرسيلن مان تشدد ڪري گولين هڻي ماري اڇلايل ڇچريل لاش، مارڻ ڪانپوءِ گاڏين سان گڏ ساڙيل ٻاريل مڙهہ ۽ جبري گمشدگيون نظر نہ ٿيون اچن. آئون پانيان ٿو تہ اهي حڪمران هن لانگ مارچ کي بہ ٻوڙي ڪنين ٻڌندا ۽ نابينا اکين سان ڏسندي ان تان نظرون چورائڻ جي ڪوشش ڪندا. خير، حڪمرانن جو رويو کهڙو بہ بيهي، پر هنن حوصلن، جذبن، ارپنا ۽ ڪمٽمينٽ کي ڏسندي هڪ ڳالهہ يقيني طور تي چئي سگهجي ٿي تہ فرزانا بلوچ جي سر تي ڪاميابي ۽ آزاديءَ جو هُما ضرور پنهنجن سياڳن پرن سان ڇانوَ ڪندو.

* * *

22 ڊسمبر 2013ع

# گمشدگين واري معاملي کي ڪيئن منهن ڏجي!؟

سنڌ ۽ بلوچستان جي اندر سياسي ڪارڪنن جي گمشدگين وارو معاملو جيئن پوءِ تيئن شدت اختيار ڪري رهيو آهي. نئين روز نوان ماڻهو ڪنيجي رهيا آهن ۽ سندن ڪو اتو پتو نہ ٿو پئي. مهينن جا مهينا، سالن جا سال لڳاتار غائب رهڻ ڪانپوءِ جنهن انداز ۾ صورت ۾ اهي جڏهن واپس موٽن ٿا، تڏهن سندن گهر ڀاتي بہ کين پهرينءَ نظر ۾ سڃاڻڻ کان قاصر هوندا آهن. تمام گهٽي وڌيل ڏاڙهي، اٽيا وار، ڏرا ڏنل اکيون، لٿل مُنهن، زخمي جسم، ميرا ۽ ڦاٽل ڪپڙا. سڄي حالت اڌڙيل اڌڙيل، اجڙيل اجڙيل. جڻ ڪي ننڊڻڪا، ابالا ۽ يتيم. پر وري بہ خوشقسمت آهن اُهي، جيڪي ان انداز ۾ ئي سهي پر زنده واپس موٽن ٿا. نہ تہ اڄڪلهہ تہ ڳالهہ ان کان گهڻو اڳتي وڌي هلي آهي. هاڻي تہ ماڻهو يا تہ هلنديءَ گاڏي تي فائرنگ ڪري ماري ساڙيا ٿا وڃن (شهيد سرائي قربان کهاوڙ وارو واقعو ۽ شهيد مقصود قريشي وارو واقعو لڳ ڀڳ هڪجهڙا آهن) يا وري پڪڙي گم ڪري تشدد جو نشانو بنائي، پوءِ گوليون هڻي چچريل لاش ٿا اڇلايا وڃن. صورتحال ڏپ واري نہ ئي سهي، ڳڻتي جوڳي ضرور آهي. بهادري جي نالي ۾ بي اونو ٿي نہ ٿو سگهجي؛ ۽ نہ ئي وري اپائن کان غافل ٿيڻ گهرجي. هڪ ڳالهہ ٻي بہ آهي تہ انهن ڪاروائين کي اوستائين ٻنجو بہ نہ ٿو ڏيئي سگهجي، جيستائين قومي غلامي منجهان جان آجي نہ ٿي ٿئي. غلامي دوران اهڙا

واقعا وقت بوقت رونما ٿيندي رهڻ جو امڪان هميشہ موجود رهندو. ان ڪري جو قابض قوتون آزادي جي جدوجهدن ڪي روڪڻ لاءِ نهن چوٽيءَ جا زور لائيندئيون آهن. هتي بہ ايئن پيو ٿئي ۽ پنجاب سامراج جي شڪست تائين ايئن ٿيندو رهندو. تنهن هوندي بہ جيتري قدر ممڪن ٿي سگهي ٿو، هن معاملي تي اثرائتو آواز اٿاريندو رهڻ گهرجي. اسان ڪي پنهنجن ٻچن جي ٽارچرسيلن ۾ وڃڻ، مارجڻ، گم ڪري ڇڏڻ يا تشدد جو نشانو بنائڻ وارن عملن تي مائيڪو ٿيڻ يا هٿ تي هٿ ڏيئي ويهي رهڻ ڪنهن بہ صورت ۾ نہ ڄُڳائيندو. تنهن ڪري هن اهم معاملي تي آواز اٿارڻ نهايت ضروري ۽ لازمي آهي. خود مون کي بہ ڪجهہ عرصو ٽارچرسيل ۾ واڙي گم ڪيو ويو هو. تنهن ڪري ڪجهہ منهنجي اُن تجربي يا مشاهدي ۽ ڪجهہ حالتن جي اڀياس جي نتيجي ۾ آئون ان خيال تي پهتو آهيان تہ هيٺين ريت هن معاملي کي منهن ڏيڻ جي ڪوشش ڪري سگهجي ٿي.

## 1. عدالتون:

جيئن ئي ڪو سياسي ڪارڪن (يا ڪو عام ماڻهو يا زندگي جي ڪنهن بہ شعبي سان لاڳاپو رکندڙ ڪوبہ ماڻهو) ڳجهن ادارن (يا ڪنهن بہ رياستي اداري) هٿان گرفتار ڪري گم ڪيو وڃي تہ هڪدم ان جي گرفتاري واري عمل کي اعليٰ عدالت ۾ چئلينج ڪيو وڃي. گرفتاري ۽ گم ڪرڻ واري عمل خلاف بنان دير جي، سٺن وڪيلن جي صلاح مشوري سان، هاءِ ڪورٽ ۾ پٽيشنون داخل ڪرڻ کپن. گمشدگين جو معاملو ڪافي وقت کان سپريم ڪورٽ ۾ پڻ ٻڌڻيءَ

هيٺ آهي؛ تنهن ڪري هن معاملي ۾ اُن سان پڻ لهه وچڙ ۾ اچي سگهجي ٿو. سپريم ڪورٽ يا هاءِ ڪورٽ، جنهن ۾ به پٽيشنون داخل ڪجن، اتي انهن پٽيشنن جي باقاعدي سان پوئيواري پڻ ڪرڻ گهرجي. ڪنهن به قسم جي مونجهه، سستي، آسري، ڊپ يا ڌمڪين جي اثر ۾ پٽيشن تان هٿ نه کڻڻ گهرجي.

عام طور تي ايئن به ٿيندو آهي ته ڪڏهن ڪڏهن مائٽن کي آسرو ڏنو ويندو آهي ته توهان ڪورٽن مان پنهنجون پٽيشنون واپس وٺو، توهان جي همراهه کي آزاد ڪريون ٿا. اهڙن آسرن ۾ گهڻي ياڱي ماڻهو ويچارا رليو ۽ مار کايو وڃن. تنهن ڪري قطعي طور تي اهڙي ڪنهن لب لالچ ۾ اچڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي. پنهنجي موقف تي عدالت ۾ ڄمي بيهجي.

ڪڏهن وري ڪن ماڻهن کي پٽيشنن تان هٿ کڻڻ لاءِ ڌمڪايو يا ڊيڄاريو ويندو آهي. مثال طور ” جي عدالت مان درخواست واپس نه وٺندا ته توهان جي همراهه کي ماري ڇڏينداسين“ يا وري اهو ته ”درخواست تان هٿ کڻ نه ته توکي به گم ڪري ڇڏينداسين“ وغيرهه وغيرهه. ڌمڪي توڙي ڪنهن آسري، ٻنهي صورتن ۾ پٽيشنن تان هٿ نه کڻڻ گهرجي.

## 2سياسي جدوجهد ۽ ميڊيا:

ڪنهن به سياسي ڪارڪن يا عام ماڻهو جي گرفتاري ۽ گمشدگي جي صورت ۾ ٻي اهم ڳالهه سياسي جدوجهد آهي. هن ڏس ۾ سياسي جدوجهد، احتجاج ۽ ميڊيا واري پاسي تي زور ڏيڻ تمام

ضروري آهي. جيترو هن معاملي کي ميڊيا ۾ ڪٽبو اوترو ان جي اهميت وڌندي، روز روز جا بيان، خبرون ۽ احتجاج غاصبن يا گم ڪندڙن کي ڏاڍو تنگ ڪندا آهن. هيءَ اُها شئي آهي، جيڪا ڳنڍ وانگر هنن جي ڳُرن ۾ اٽڪي پئي ٿي ۽ هو چاهيندي بہ ايڏي سئولائي سان اُن مان جان ڇڏائي نہ ٿا سگهن.

گمشدگي اهڙو معاملو آهي، جو ان ۾ گم ڪيل نوجوانن جي آڪهن، پاڙي، راڄ ڀاڳ، برادري، سيول سوسائٽي، وڪيلن جي تنظيمن، واپاري جماعتن، صحافين، اديبن، دانشورن ۽ سياسي پارٽين سميت زندگي جي هر شعبي، هر مڪتبِ فڪر جي ماڻهو کي سؤلائي سان متحرڪ ڪري سگهجي ٿو.

### 3. انساني حقن ۽ انصاف جي عالمي ادارن سان لکپڙهہ:

ڪنهن بہ گمشدگي جي صورت ۾ جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي انساني حقن جي مڪاني تنظيمن توڙي عالمي تنظيمن سان رابطو ڪرڻ گهرجي. گڏوگڏ انصاف جا جيڪي بہ عالمي ادارا آهن، انهن سان هن ڏس ۾ لکپڙهہ ڪرڻ گهرجي. هيومن رائيٽس ڪميشن، ايشين هيومن رائيٽس ڪميشن، ايمنسٽي انٽرنيشنل، اولهہ جا انساني حقن جا ادارا ۽ گڏيل قومن جو انساني حقن وارو شعبو هن ڏس ۾ گهڻا ڪارائتا ثابت ٿي سگهن ٿا.

هن قسم جي لکپڙهہ ۾ ايف آءِ آرن ۽ عدالتن ۾ داخل پٽيشنن جي ڪاپين وغيرهہ توڙي اخباري خبرن جي تراشن وغيرهہ جي ضرورت پوي ٿي. عالمي سطح تي ڪم ڪندڙ انساني حقن جون تنظيمون توڙي

انصاف جا عالمي ادارا يا تنظيمون هوائي اندازن بدران بنهہ ٺوس انداز ۾ ڪم ڪنديون آهن. تنهن ڪري انهن کي مڪمل ڪيس ٺاهي موڪلڻ گهرجن. جڏهن ڪاڳر پٽن جي جانچ جونچ ڪانپوءِ اهي مطمئن ٿي ويندا تہ هن ڏس ۾ وڏو آواز اٿاري سگهن ٿا.

## 4. تڪ جي چونڊيل نمائندن تي دٻاءُ وجهڻ:

هيءَ جيتوڻيڪ بنهہ گهٽ ڪارگر ۽ مؤثر طريقو ڪونهي، پر پوءِ بہ ان کي عمل ۾ ضرور آڻڻ کپي. تڪ جي چونڊيل نمائندن کان هن سلسلي ۾ پڇاڻو پيو ڪجي، مٿن دٻاءُ وجهجي تہ هو گم ٿيل همراهہ جي آزادي لاءِ ڪوششون وٺن، اسيمبلي ۽ ميڊيا ۾ ڳالهائين ۽ حڪومت توڙي ڳجهن ادارن کان اسيمبلين ۾ پڇاڻا ڪن.

جيتوڻيڪ اجوڪي سنڌ جي پارلياماني سياست ڪندڙن جي تمام وڏي گهڻائي ياڙجا ٽُنبا آهي، پر پوءِ بہ انهن کي انهي ذميواري کان آجو ڪري نہ ٿو سگهجي تہ هو پنهنجي تڪ جي ماڻهن کي انصاف ڏيارڻ لاءِ اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻ جا پابند آهن. تنهن ڪري انهن سان هن معاملي ۾ ضرور رجوع ڪرڻ گهرجي.

گڏوگڏ ايئن پڻ آهي تہ اسيمبليون جيڪڏهن سنجيديون ٿين تہ هن معاملي ۾ توڙي هر سياسي معاملي ۾ هڪڙو تمام وڏو دٻاءُ پيدا ڪري سگهن ٿيون. جنهن جي نتيجي ۾ ڳجهن ادارن کي بہ پير پوئتي هٽڻو پئجي سگهي ٿو. اِهو ئي ڪارڻ آهي جو سنجيدا، عوام دوست، محب وطن ۽ سچار ماڻهن جي بجاءِ اهڙن ماڻهن لاءِ اسيمبلين ۾ اچڻ جي آساني پيدا ڪئي وڃي ٿي، جيڪي اڳڙين جا گڏا ۽ هٿ ٻڌا ٻانها

هجن. پر ڪڏهن ڪڏهن هٿ ٻڌا ٻانها بہ عوامي دٻاءَ تي ڇڏ چوري وجهندا آهن.

## 5. سنڌين جي عالمي تنظيمن سان رابطو:

سنڌ کان ٻاهر سنڌين جون ڪافي ثقافتي، ادبي ۽ نيم سياسي تنظيمون ڪم ڪري رهيون آهن. انهن مان ڪي تنظيمون سنڌ جي سياسي مسئلن تي پڻ پرڏيهہ ۾ آواز اٿارينديون رهن ٿيون. جن منجهان ورلڊ سنڌي ڪانگريس تہ تمام گهڻي سرگرم، مؤثر ۽ سنجيدا جماعت آهي، جيڪا ڏيساور ۾ سنڌين جي آواز کي سگهاري انداز ۾ پيش ڪرڻ لاءِ لاڳيتو جاکوڙيندي رهي آهي.

گمشدگين جي معاملي تي بہ ورلڊ سنڌي ڪانگريس جو آواز هميشہ ڏاڍو وقتائتو ۽ مؤثر پئي رهيو آهي. جنيوا ڪانفرنسن کان وٺي برطانوي سرڪار جي ايوانن سامهون تائين هن تنظيم پنهنجي پهچ آهر اثرائتي انداز ۾ احتجاج پئي ڪيا آهن ۽ آواز پئي اٿاريو آهي. سياسي قتلن جي خلاف بہ ورلڊ سنڌي ڪانگريس جا احتجاج پرڏيهہ ۾ سنڌين جي قومي وجود جو احساس ڏياريندا پئي رهيا آهن. سچ تہ ورلڊ سنڌي ڪانگريس ڏيساور ۾ سنڌين جو قومي آواز آهي.

تنهن ڪري هن معاملي تي ورلڊ سنڌي ڪانگريس کي بہ تفصيلي رپورٽون ناهي موڪلڻ گهرجن، تہ جيئن اها ڪنهن بہ ماڻهو جي گمشدگي يا قتل کي عالمي فورمن تي کڻي سگهي.

## ڇچريل لاشا ملڻ ڪانپوءِ:

شهيد مظفر ڀٽو سجاد مرڪنڊ، عامر ڪهاوڙ ديوان پريم ۽ صاحب خان گهوٽي توڙي مقصود خان قريشي ۽ سلمان وڏي يا هينئر آصف پنهور ۽ وحيد لاشاري ۽ ان بعد وري سرويچ پيرزادي ۽ واجد لانگاهه جي لاشن ملڻ ڪانپوءِ ٿي سگهي ٿو ته ڪي دوست ان راءِ جا هجن ته هاڻي جڏهن رياست چڇريل لاش ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو آهي ۽ ماڻهن کي پڪڙي فوري طور تي ماري باهيون ڏيئي ٿي ڇڏي، يا سنت ئي چڇريل لاشا ٿي اڇلائي، تڏهن مٿين قدمن ڪٽڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ منهنجو خيال آهي ته جيڪو به ماڻهو پڪڙي گم ڪيو وڃي ٿو، اهو ان ڳالهه جو حقدار آهي ته سندس مؤثر پوئيواري ڪئي وڃي. ان آسري ۾ ماٺ ڪري ويهڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي ته همراهه کي ماري ڇڏيندا، ان ڪري ڪجهه ڪيئن ڪجي. رياست پلي لاشا ڏيندا رهي، پر هِن پاسان مٿي ڄاڻايل انداز ۾ تحرڪ ضرور ورتو وڃي.

جيڪڏهن عدالت تائين پنهنجي پهچ کان اڳ ۾ ئي ڪنهن گرفتار همراهه جو لاش اڇلايو ٿو وڃي، ته ان صورت ۾ وري ماوراءِ عدالت قتل جي موقف سان ڪورٽن سان رجوع ڪرڻ گهرجي. گڏوگڏ مٿي ڄاڻايل ٻين ادارن سان پڻ انهيءَ انداز ۾ لکپڙهه ڪري پنهنجو موقف پيش ڪرڻ گهرجي.

**هڪ ٻي اهم ڳالهه:**

هن سلسلي ۾ هڪ اڌ ٻيون اهم ڳالهيون پڻ سمجهڻ جي ضرورت آهي. پهرين ڳالهه هيءَ آهي ته اسان جا ماڻهو عام طور تي ايئن

سمجهندا آهن تہ ڪجهہ ناهي ٿيڻو. حقيقت ۾ ايئن ڪونهي. دنيا جي اندر سڀ کان وڏي طاقت خود ماڻهو يا عوام آهي. عوام جي تحرڪ سان ئي عظيم تبديليون رونما ٿينديون آهن. سو هن معاملي تي بہ عوامي تحرڪ خوش آئند نتيجا ڏيڻ جو ڪارڻ بڻجندو.

منهنجي ٽارچرسيل ۾ هجڻ دوران، جيڪو منهنجو پنهنجو تجربو يا مشاهدو آهي اُهو ڪجهہ هينئن ٿو چئي تہ ٽي ڳالهيون هُنن کي خاص طور تي پريشان ڪن ٿيون. پهرين ڳالهہ عدالتن جون پيشيون ۽ پڇاڻا آهن. ٻيءَ ڳالهہ روڊن رستن تي ٿيندڙ احتجاج، مظاهرا، ڌرڻا، هڙتالون، جلسا جلوس ۽ اخبارن توڙي ٽي وين تي هلندڙ خبرون ۽ بيان آهن. ٽينءَ ڳالهہ پرڏيهہ ۾ ٿيندڙ احتجاج ۽ عالمي فورمن مان هِنن تي ڪڄندڙ آڱريون آهن، جيڪي هنن کي تمام گهڻو پريشان ڪن ٿيون ۽ کين دنيا اڳيان وضاحتون ڏيڻيون پون ٿيون ۽ دفاعي انداز اختيار ڪرڻو پئي ٿو.

ٻيءَ ڳالهہ رياستي ادارن جي انداز کي سمجهڻ جي آهي. گهڻي وقت کان گهڻن مامرن ۾ رياستي ادارن هڪڙي پاليسي جوڙي رکي آهي تہ ماڻهن کي چڙي ڏيو تہ پلي جلسا جلوس ڪندا گهمن، گاريون ڏيندا رهن ۽ مخالفتن جا طوفان اٿاريندا وتن. کين احتجاجن کان نہ روڪيو. پر کين بي اثر هينئن بڻايو جو سندن مطالبن تي ڪن نہ ڏيو، سندن مسئلي تي ڌيان نہ ڌريو، سندن ڳالهہ نہ ٻڌو. پاڻهي رڙي رڙي ماٺ ٿي ويندا. ڪنٽار ڪرڻ واري اها پاليسي هن معاملي تي پڻ روا رکي وڃي ٿي. ايئن ٿو لڳي جڻڪ ڪجهہ ٿيو ئي نہ هجي، ڪا ڳالهہ ئي نہ هجي، سڀ خير لڳو پيو هجي. ماڻهو رڙيون پيا ڪن، احتجاج پيا

ڪن: ۽ حڪمرانن توڙي ٻجهن ادارن جي ڪنن تي ڪا جونءَ ئي ڪانہ ٿي سُري. اها هُنن جي نظرانداز ڪرڻ واري پاليسي آهي. هو ظاهري ڏيک اِهو ٿا ڏين. پر اِن جو مطلب اِهو ناهي تہ هو ڪو پريشان ئي نہ ٿا ٿين. مٿيون ٻالهيون هُنن کي تمام گهڻو پريشان ڪن ٿيون. ان ڪري احتجاج، عدالتون، عالمي فورمن تي آواز، انصاف ۽ انساني حقن جي ادارن سان لکپڙهون مؤثر نمونې جاري رهڻ کپن. جيڪڏهن ممڪن ٿي سگهي تہ همراهہ جي موتي اچڻ ڪانپوءِ بہ عدالت مان پٽيشن واپس وٺڻ بجاءِ جوابدارن جي نشاندهي ڪرڻ گهرجي ۽ مٿن عدالتن جي توسط سان ڪيس داخل ڪرائڻ گهرجن. پر جي ڪنهن سبب ڪري اهو ممڪن نہ ٿي سگهي تہ بہ ڪنهن ماڻهو جي کڄڻ جي صورت ۾ تہ فورن متحرڪ ٿي وڃجي ۽ مٿي ڄاڻايل نقطن تحت، جيترو تڪڙو ۽ مؤثر ٿي سگهي، لاڳيتو آواز اٿارجي.

آئون سمجهان ٿو تہ هو جيترو ڪنتار يا نظرانداز ڪرڻ واري پاليسي اختيار ڪن، اوترو ئي اسان کي مؤثر ۽ سگهارو آواز اٿارڻ گهرجي. هو نظرانداز ڪرڻ ڪان نہ ٿا مُڙن تہ پاڻ پنهنجي آواز تان هٿ ڪيئن کڻون! ياد رکڻ گهرجي تہ اهو پنهنجو آواز، جاکوڙ ۽ سياسي جدوجهد ئي آهي، جيڪا آخرڪار ظلم جي قوتن کي گوڏا کوڙڻ تي مجبور ڪندي. فِلحال تڪليفون تہ ڪٽي پنهنجي حصي ۾ آهن، پر شڪست ۽ تباهي هُنن جو مقدر آهي. ايران جي عظيم قومي شاعر ۽ شاهنامي جي تخليقڪار فردوسي ڪيڏو نہ سچ چيو آهي تہ:

گرگ ميرو، سگ وزيرو، موش ديوان مي شود،

زاغ ضيابت، کر نيابت، ملڪ ويران مي شود.

”جنهن ملڪ جو بادشاهه بگهڙ هجي، ڪتا سنڌس وزير هجن، سيَهڙ جج هجن؛ ڪانگ هجن ڪامورا ۽ گڏهه سپاهي هجن، اُهو ملڪ ضرور تباهه ٿيندو.“

* * *

30 مارچ 2014ع

(نوٽ هن مضمون ۾ پهرين ڊسمبر 2014ع تي معمولي واڌارا ڪيا ويا آهن.)

# پنجاب سامراج گھيري ۾

حالتون سدائين ھڪ ڳريون ۽ ھڪجھڙيون نہ ٿيون رھن. تبديلي قدرت جو اٽل اصول آھي، جيڪو سڄي ڪائنات جي مٿان لاڳو آھي. ھن ڪائنات ۾ ڪابہ شيءِ ساڪن، جامد، ھڪ ھنڌ بيٺل ۽ اڻ بدلجندڙ نہ آھي. ھن پوري سرشٽيءَ ۾ جيڪي ڪجھہ بہ آھي، اھو لاڳيتو ھڪڙي سفر ۾ آھي، متحرڪ آھي ۽ تبديليءَ جي مرحلن مان گذرندڙ آھي. تبديلي، ھن ڪائنات جو اٽل ۽ سدا حيات سچ آھي.

جڏھن پوري ڪائنات ئي متحرڪ ۽ متغير ھجي تہ پوءِ انساني سماج ھڪ ھنڌ ڪيئن بيھي سگھي ٿو. اھو بہ متحرڪ ئي رھڻو آھي. اھو تحرڪ ئي آھي، جنھن جي نتيجي ۾ انساني سماج، ڪمال ۽ زوال، چاڙھ ۽ لاڙھ، ھيٺاھين مٿانھين ۽ تبديلين جا انيڪ لقاءُ پسي ٿو. انھن بدلجندڙ لقائن جي تاريخ ۾ اسان کي جيتامڙيون ۽ ڪمزوريون سگھاريون ٿينديون، اُپرنديون، آزاد ٿينديون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون؛ ھيٺا فاتح ٿيندا نظر اچن ٿا، نيون قُوتون اُڀرندي پسجن ٿيون ۽ ڇَٽ پٽن سان لڳندا ۽ ڦھڪا ڪندا ڏسجن ٿا.

ساڳيو لقاءُ اسان کي موجوده زماني ۾ ۽ پنھنجي پرپاسي ۾ پڻ نظر اچي ٿو. ايڪيھين صديءَ جي آغاز سان اوير تيمور ۽ ڪوسوو آزاديءَ جي ديويءَ کي ڀاڪُر پري چُڪا آھن. ٻيون غلام قومون ۽ ملڪ اُن راھہ تي پنھنجي وس ۽ وِت آھر اڳتي وڌندڙ آھن.

آزاديءَ جي رستي تي وڌندڙ انھن قومن ۾ سنڌي قوم پڻ شامل آھي. جتي جتي بہ غلام ۽ محڪوم قومون پنھنجين

آزادين ڏانهن. ايري سيري حال آهر ئي سهي، پيشقدمي ڪري رهيون آهن؛ اُتي اُتي قابض، غاصب، فاتح ۽ سامراجي قوتون ۽ رياست ڪمزور ٿي، ٽُٽي، وکري ۽ ڊهي رهيون آهن. هاڻي غاصب قوتن جا ڏينهن ڳڻجي رهيا آهن. ’پنجاب سامراج‘ جنهن جو ٻيو نالو ’پاڪستان‘ اهي، اهو پڻ ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿي رهيو آهي، داخلي ٽوڙڦي خارجي طور اُن جي چوڌاري گهيرو، جيئن پوءِ تيئن وڌي رهيو آهي. اهو گهيراءُ ئي هن غير فطري ۽ غاصب رياست کي سندس منطقي انجام ڏانهن وٺي ويندو. اهو منطقي انجام، جنهن جو ٻيو نالو ’قومي آزادي‘ آهي. قومي آزادي ڪائناتي سچ آهي، جنهن کي ڪير بہ گُهٽي نٿو سگهي. آزاديءَ کي گُهٽڻ جي ڪوشش ڪندڙ پاڻ گُهٽجي، مري فنا ٿي وڃن ٿا ۽ هاڻي بہ فنا ٿيڻا آهن. پنجاب سامراج جي ڳچيءَ ۾ پڻ ڦندو سوڙهو ٿي رهيو آهي. انهيءَ ڦندي کي هيٺ ڄاڻايل صورتحال ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

### الف_ عالمي صورتحال:

ويهين صديءَ جي آخري ڏهاڪي دوران پاڪستان سڄي دنيا ۾ اڪيلو ٿي، ويڳاڻپ، اقتصادي بحران ۽ داخلي انتشار جي ور چڙهي ويو هو. هڪ پاسي عالمي قوتون پاڪستان کي دهشتگرد رياست‘ قرار ڏيڻ تي ويچاري رهيون هيون، تہ ٻئي پاسي اهو سوويت يونين وانگر ناڪام رياست سڏجي ٽٽڻ جي ويجهو پهچي ويو هو. پر يارهين سيپٽمبر واري واقعي جي ڪري هن رياست کي هڪ ڀيرو وري عالمي قوتن جي ’پاڙيتو رياست‘ طور ڪم ڪرڻ جو موقعو هٿ چڙهي ويو. جنهن جي ڪري مٿس نوازشن جي برسات وسي وئي، اُن هن رياست کي عارضي طور وري جياري ڇڏيو آهي. پاڪستان پنهنجي ئي وياءَ ’طالبان‘

جي خلاف ڪات ڪهاڙا ڪڍي، پاڻ کي عالمي قوتن جي اکين جو تارو' بنائڻ جي ڪوشش ڪئي. هو ان ڪوشش ۾ ڪنهن قدر ڪامياب بہ ويو. پر هڪ بنياد پرست رياست، دهشتگرد ۽ غاصب رياستن، روشن خيالي، اعتدال پسندي ۽ جديد قدرن کي ڪيئن ٿي پنهنجي ڪري سگهي؟ سو پاڪستان بہ عالمي قوتن جي ڏپ ۽ امداد جي لالچ جي ڪري، جنهن 'دهشتگردي مخالف جنگ' ۾ شامل ٿيو هو. تنهن سان نياءُ ڪرڻ، اُن جي وس جي ڳالهہ ئي ڪان هئي. اُهو ٿوري عرصي ۾ ئي پنهنجي اصليت تي موٽي آيو ۽ اُن پاران ٻٽي کيڏ شروع ڪئي وئي. هڪ پاسي پاڪستان دهشتگردي مخالف جنگ ۾ عالمي قوتن جو ساٿاري ٻڌيل رهيو تہ ٻئي پاسي ڳجهہ ڳوهہ ۾ دهشتگردي پکيڙيندڙ قوتن جي مدد ۽ پٺڀرائي بہ ڪرڻ لڳو. پر سندس اها کيڏ گهڻو وقت تائين ڍڪيل، ڇپيل ۽ ڳُجهي رهي ڪان سگهي. هو گهڻي وقت تائين آمريڪا جي اکين ۾ سرمو وجهي نہ سگهيو. جڏهن آمريڪا انهيءَ ٻٽي کيڏ جا ڪيترائي ثبوت گڏ ڪري ورتا، تڏهن ان معاملي تي پاڪستان کي سڌو ٿي هلڻ لاءِ دٻاءُ وڌو ويو. هاڻي اهو دٻاءُ جيئن پوءِ تيئن وڌندو پيو وڃي.

هڪ پاسي پاڪستان نہ چاهيندي بہ دهشتگرديءَ واري جنگ ۾ گهلجي رهيو آهي، تہ ٻئي پاسي وري روز بہ روز اُن کان اڃا بہ وڌيڪ قدم کڻڻ جا مطالبا ٿي رهيا آهن. حڪومت توڙي عسڪري ادارا ۽ ٻيا ڳجها ادارا بارها اهو ورجائيندا ٿا رهن تہ هاڻي عالمي طاقتن جي 'do more' وارن حڪمن کي ٽڏيو ويندو. وڌيڪ ڪي بہ قدم نہ کنيا ويندا. پر اهرين ڦوڪن جي باوجود حقيقت اها آهي تہ اُهي هر روز وڌيڪ جُهڪي رهيا آهن. هيءَ رياست ۽ ان جون هلائيندڙ قوتون عالمي طاقتن اڳيان گوڏن ڀر جهڪيل آهن. اهو جُهڪاءُ جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ

ڄُهڪندو ويندو ۽ ان حد تائين پهچندو جو ڪين گوڏن ڪان معذور ڪري ڇڏيندو.

دهشتگرديءَ خلاف جنگ ڪانسواءِ ٻيو عالمي دٻاءُ هن رياست مٿان ائٽمي حوالي ڪان آهي. سڄي دنيا هن رياست جي ائٽمي پروگرام جي سلسلي ۾ ڳڻتيءَ ۾ ورتل آهي، جو پاڪستان وٽ ائٽمي هٿيار انڌي جي هٿ ۾ لٺ وانگر آهن، جيڪا ڪنهن جي به مٿي ۾ ڦهڪو ڪري سگهي ٿي. انهيءَ دٻاءَ جي نتيجي ۾ پاڪستاني ادارا پريشانيءَ ۾ ورتل آهن ۽ هر نئين ڏينهن اهي وضاحتون ڪرڻ ۾ پورا آهن ته ائٽمي اثاثا محفوظ هٿن ۾ آهن. هيءَ دنيا جي واحد رياست آهي، جيڪا پنهنجن هٿيارن ڪي لڪائڻ ۾ پوري آهي ۽ جيڪا شيءِ ٻين لاءِ طاقت ثابت ٿئي ٿي، اها هنن لاءِ ڪمزوري ثابت ٿي رهي آهي.

**ب_ علائقائي دٻاءُ:**

دنيا پنهنجي پاڙيسرين سان ٺاهي هلندي آهي، هيءَ پنجابي سامراجي وري ڦٽائيندا ئي پاڙي وارن سان آهن. پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي هميشه وائڙي ۽ غير متوازن رهي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ جتي پاڪستان عالمي طور تي اڪيلائيءَ جو شڪار ٿيندو رهيو آهي، اُتي اهو علائقائي طور به اڪيلائي ۽ دٻاءُ جو شڪار آهي. هندستان هجي، افغانستان هجي يا ايران هجي، سينيءَ جون رڙيون پيون پون ته سندن سرزمين تي جيڪا به دهشتگردي ٿي رهي آهي، انهيءَ جي پٺيان پاڪستان جو هٿ آهي. پاڪستان ان معاملي ۾ ايڏي ته خطرناڪ حد تائين گهيرجي ويو آهي، جو ڇئي سگهجي ٿو ته اُن جي برآمد ۾ جيڪي شيون ٻاهر وڃن ٿيون، انهن مان هڪڙي شيءِ دهشتگردي آهي، پاڪستان دهشتگردي برآمد ڪندڙ رياست

آهي. انهن افعالن جي ڪري پاڪستان علائقائي طور ٻہ اڪيلو رهجي ويو آهي.

جيتري قدر چين جو تعلق آهي تہ اهو ٻہ علائقي اندر پنهنجين پاليسين ۾ تبديليون آڻي رهيو آهي. چين ۽ هندستان هڪٻئي کي ويجهو ٿي رهيا آهن. ٿٻيٽ (Tibet) ۽ سُکم بابت ٻنهيءَ جي پاليسين ۾ لچڪ آهي. اُهي هڪٻئي لاءِ واپار جا رستا پڻ کولي رهيا آهن ۽ اصولي طور اختلافن ۽ ٽڪرائن کي گهٽائڻ تي سهمت ٿي رهيا آهن. جڏهن چين ۽ هندستان پاڻ ۾ ٺهي ويا تہ پوءِ پاڪستان لاءِ چين جي دوستيءَ تي فخر ڪرڻ لاءِ باقي ڇا بچندو؟ مٿان وري ڪسر تڏهن پوري ٿي ويندي, جڏهن هندستان لاءِ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ميمبريءَ جا دروازا کُلندا.

### ٻ_ معاشي دٻاءُ:

مظلوم قومن خاص ڪري سنڌ ۽ بلوچستان جي وسيلن جي تيز ترين ۽ بي انداز ڦرلٽ ۽ استحصال جي باوجود پاڪستان جو معاشي ۽ اقتصادي گهوٽالو گهٽجي نہ ٿو. هي سفيد ۽ مڪنو هاٿي ڪنهن جي پالڻ کان وڏو آهي. اُن ڪري هتي هر نئين ڏينهن هڪ نئون گهوٽالو جنم وٺي ٿو. بحران در بحران هلندڙ هيءُ رياست, نہ تہ عوام جي سُک ۽ سَهنجائيءَ لاءِ ڪجهہ ڪري سگهي آهي ۽ نہ ئي سندن درد جي درمان ڪرڻ لاءِ تيار آهي. هتي فقط غاصب ۽ بالادست ادارا, طبقا ۽ پنجاب سامراج, ترقيءَ جي شاهراه تي وڌي رهيا آهن. باقي غلام ۽ مظلوم قومن ۽ لاچار عوام لاءِ مهنگائي, بيروزگاري, بدحالي ۽ مسئلي تي مسئلو کڙو ٿئي ٿو. مظلوم قومن جو عوام جيئن پوءِ تيئن معاشي اٿهوند. بک ۽ بدحاليءَ جي ڏٻڻ ۾ ڪري رهيو آهي, پر نہ فقط عوام ۽ مظلوم

قومون، پر خود هيءَ رياست بہ معاشي بحرانن ۾ ڊبائڻ جي ور چڙهيل آهي. جنهن ڏينهن تي عالمي قوتن پاران امدادن جي نالي ۾ ملندڙ ٽيڪون بند ٿيون ۽ مظلوم قومن جي وسيلن جي ڦرمار ۾ گهٽتائي آئي، ان ڏينهن کان هي رياست معاشي، اقتصادي بحران جي ڪُن ۾ ڪري ناڪام ۽ ناڪاري رياست بڻجي، پنهنجي منطقي انجام طرف وڌندي ويندي.

## ب_ سياسي بحران:

هتي سياسي بحران نبري نٿو نبري، هڪ بحران حل ٿئي ٿو تہ مٿان وري ٻيو بحران پيدا ٿئي ٿو. پاڪستان بحران جو اولاد آهي. جنهن رياست جنم ئي ڪنهن بحران مان ورتو هجي، اتي بحران ختم ڪيئن ٿا ٿي سگهن؟ هن رياست تي عسڪري قوتن جي اُجاراداري آهي. ڪنهن مغربي ليکڪ ڪيڏي نہ وزنائتي ڳالهہ لکي آهي تہ: ٻين سڀني ملڪن کي 'پنهنجي فوج' هجي ٿي، پر پاڪستان آرمي دنيا جي واحد فوج آهي، جنهن کي 'پنهنجو ملڪ' آهي. ان ڳالهہ جي تصديق پاڪستان جي تاريخ مان ڪري سگهجي ٿي. در حقيقت پاڪستان جي تاريخ آمريتن جي تاريخ آهي. سو اهي ادارا ڪڏهن ظاهر ظهور تہ ڪڏهن پردي پٺيان ويهي حڪمراني ڪندا رهيا آهن، اهي ڪڏهن بہ هتي استحڪام پيدا ٿيڻ نہ ٿا ڏين. هتي ڊيمو ڪريسي، محمد علي شاهہ چواڻي: 'ملٽري ڊيموڪريسي' آهي، پر رياست ايڏي تہ غير جمهوري، مارشل لائي ۽ آمريت پسند آهي، جو ان کي مٿئين قسم جي جمهوريت بہ راس نٿي اچي. جنهن جي نتيجي ۾ هڪڙو مسلسل سياسي بحران پيدا ٿي پيو آهي، جيڪو بحران هن رياست جي حدن ۾ ڪڏهن بہ حل ٿيڻو ناهي ۽ اُن کي فطري انجام تائين پهچائيندو.

### ت_ قومي آزاديءَ جي تحريڪن جو دٻاءُ:

عالمي، علائقائي ۽ معاشي دٻائن ۽ سياسي بحرانن ڪانپوءِ جيڪو اهم گهيرو پنجاب سامراج يعني پاڪستان رياست جي چوڌاري ٿي رهيو آهي، اُهو سنڌ ۽ بلوچستان جي قومي آزاديءَ جي تحريڪن جو دٻاءُ آهي. سنڌ ۽ بلوچستان جي آزاديءَ جون تحريڪون، جيئن پوءِ تيئن اڳتي وڌي رهيون آهن. بلوچ پنهنجي قومي فطرت، بغاوتن ۽ ويڙهن جي تجربن، قبيلائي معاشرتي تنظيم جي بيهڪ ۽ وڌندڙ قومي شعور سبب هڪ ڏاڪو اڳتي وڌي آزاديءَ جي هٿياربند هلچل تائين پهچي چڪا آهن. بلوچن جي قبيلائي ۽ سماجي بيهڪ، سياسي ويڙهاڪ تنظيمي ڍانچي ۾ ڍلجي سگهاري ٿي چڪي آهي، جنهن ڪري اُها هن رياست لاءِ وڏي للڪار بڻجي چڪي آهي. ٻئي پاسي سنڌ جي قومي تحريڪ آهي، جيڪا پنهنجي سياسي، قومي شعور سان اڳتي وڌي رهي آهي، جيڪا پنهنجي بيهڪ ۾ اها سياسي جاکوڙ ۽ جدوجهد ۾ ڪافي اڳڀري آهي ۽ فڪري طور تي گهڻي سگهاري آهي. جيتوڻيڪ اها هٿياربند ويڙهہ واري شڪل ۾ ناهي، پر پوءِ بہ اها پنهنجي فڪري، سياسي ۽ عملي جدوجهد جي شڪل نظرانداز نٿي ڪري سگهجي. اها هوريان هوريان منظم ٿي رهي آهي ۽ مستقبل ۾ جدوجهد جي اُوچن ڏاڪن تائين ضرور پُڄڻي آهي.

سنڌ ۽ بلوچستان جي ’قومي آزاديءَ جون تحريڪون‘ جدوجهد جي حڪمت عملين، ڏاڪن ۽ طريقي ڪارن ۾ مختلف هجڻ جي باوجود هڪٻئي جون ساٿاري تحريڪون آهن. منجهن جيڪا وڏي هڪجهڙائي آهي، اُها هيءُ تہ ٻئي قومي تحريڪون، پاڪستان جي نالي ۾ تڳندڙ ’پنجاب

سامراج‘ جي بالادستي، قبضي، حڪمراني ۽ ڦرلٽ ڪي للڪاريندي، قومي آزاديءَ لاءِ جاکوڙي رهيون آهن. جيڪا جاکوڙ انت پنهنجي قومي آزاديءَ جي منزل جي حاصلات تائين پهچڻي آهي.

مٿيان دباءَ ۽ للڪارون اهو گهيراءَ آهن، جنهن مان نڪرڻ جو پنجاب سامراج المعروف "مملڪتِ خداداِد پاڪستان" وٽ ڪو بہ رستو ناهي. اهو چوڪنيو ڦاٿل آهي. ٻين لفظن ۾ جيئن اهو "زميني لاڪپ يا گهيري" (land lockup) ۾ آهي، ايئن ئي سياسي ۽ مملڪتي لحاظ کان گهيري ۾ آهي. اهو جيئن پوءِ تيئن تباهي ڏانهن پيو وڃي. پاڪستان جي نالي ۾ پنجاب جو قبضو بہ آخرڪار ختم ٿيڻو آهي، ۽ جيئن هر سامراج پنهنجي پڄاڻي ۽ فنا تي پئي پهتو آهي، هن کي بہ ايئن ئي فنا ٿي وڃڻو آهي. سندس انهيءَ تباهي، پُڄاڻيءَ ۽ فنا مان جنم وٺندا: ’سنڌ ۽ بلوچستان جا آزاد ملڪ‘، جيڪي فطري ۽ قدرتي ملڪ آهن ۽ فطري ۽ آزاد ملڪ ئي دنيا ۾ امن جا داعي ٿي سگهندا آهن.

❋ ❋ ❋

(جسقم ترجمان "پيغامِ سنڌ" جي جنوري 2011ع جي شماري ۾ ڇپيل)

# نظرياتي جمود مان نڪرڻ جي ضرورت

هڪڙو دؤر هو جو هر ڳالهہ جي ڇنڊڇاڻ لاءِ مارڪسي نقطي نگاهہ کان ڪم ورتو ويندو هو. ادا، مارڪس هيئن چيو، ياءَ، مارڪس هوئن چيو. جيڪڏهن ڪير ڪارل مارڪس جي فلسفي کان هيٺ مٿي يا پرپرو ٿي ڳالهائي تہ ان تي الزامن جا ڏوڙيا ٿي وجن. ابا، فلاڻو تہ رجعت پسند آهي، اهو روشن خيال ۽ ترقي پسند آهي ئي ڪونہ. مارڪسيت جڻ ڪو فڪر ۽ فلسفو نہ هئي، ڪو مذهب هئي. ٿوري هيٺ مٿانهين ٿي ناهي، سياسي شِرڪ ۽ ڪفر جون فتوائون نڪتيون ناهن! پر رڳو ايئن بہ ڪونہ هو تہ ٿوري هيٺ مٿانهينءَ سان ئي فتوائون نڪرن. گهڻي ڀاڱي تہ ترقي پسنديءَ جون سندون پسند ناپسند ۽ مفادن جي هڪجهڙائي سان مشروط هيون.

اهڙن ابوجهہ دوستن لاءِ مارڪسيت ٻي هر ڳالهہ کان مٿي هئي؛ ٻيو تہ ٺهيو پر وطن يا ملڪ کان بہ مٿي هئي. وطن يا ملڪ، جنهن لاءِ هوچي منهہ چيو هو تہ ”جيڪڏهن مون وٽ منهنجو آزاد ملڪ نہ هوندو تہ آئون مارڪسيت کي ڇا ڪندس!؟ منهنجو ملڪ ئي نہ هوندو تہ اهو نظام لاڳو ڪٿي ڪندس؟“ اهو ئي ڪارڻ آهي جو هوچي منهہ وٽ ويتنام جي آزادي اول هئي، سوشلزم پوءِ هو. پر هتي جي ڪميونسٽن وٽ سنڌ ملڪ يا ان جي آزادي جي ڪابہ اهميت نہ هئي. انهن کي تہ رڳي سوشلزم ٿي کپيو ـ شايد هوائن ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ. پاڪستان تہ پرائي رياست آهي. پرائي رياست، جيڪا وري قابض بہ هجي، ان ۾

ڪي غلام قوم جا ماڻهو پنهنجي پسند جو نظام به لاڳو ڪري سگهن ٿا ڇا!؟ جي ايئن هجي ها ته هوچي منهه فرانس ۽ آمريڪا کان آزادي جي جاکوڙ ڪرڻ بدران اتي جي ڪميونسٽ پارٽين جي مدد سان ويٽنام، فرانس ۽ آمريڪا ۾ گڏيل طور تي سوشلزم لاڳو ڪرڻ جي جدوجهد ڪري ها.

بينڪيتون نظام لاڳو نه ڪنديون آهن. اُهي محڪوم ٿينديون آهن. ان ڪري انهن تي نظام ٺاڦيا ويندا آهن.

سنڌ پاڪستان تي ڪو نظام لاڳو ڪري ئي نه ٿي سگهي؛ ان ڪري جو اها پاڪستان ۾ هڪڙي بينڪيت بڻيل آهي. سڄو پاڪستان ته پري رهيو اها ته هِن وقت پنهنجي جاگرافي جي اندر به پنهنجي پسند جو ڪو نظام لاڳو ڪري نه ٿي سگهي. اها بينڪيتن جي بنيادي بيهڪ ۽ ڪمزوري هوندي آهي ته انهن جي هٿن ۾ ڪجهه به ڪونه هوندو آهي. اهي پنهنجي سر ڪوبه فيصلو ڪرڻ جون مجاز ئي نه هونديون آهن. اها تمام سادي سوُدي ڳالهه آهي، جيڪا سوشلزم جي بيجا سحر ۾ ورتل انهن دوستن کي سمجهه ۾ ئي ڪانه ايندي هئي.

خير، اهو زمانو گذري ويو. سرمائيدار برطانوي سامراج وانگر روسي سوشل سامراج جو سج به دنيا جي ڪنڌين تان لهي ويو.

جن قومن ڪڏهن سوشلزم جي فتح لاءِ پنهنجا ڪونڌر ڪهايا هئا، انهن جڏهن ڏٺو ته جياپي جي ڊوڙ ۾ اهي سرمائيدار دنيا کان پٺتي رهجي ويون آهن ۽ سوشلسٽ اقتصادي نظام هاڻي سندن ترقي جو وڏيڪ ضامن رهڻ بجاءِ ڳچيين جو ڳٽ ٿي پيو آهي، ته انهن ان کي لاهي ڪٽي ڦِٽو ڪيو. سوويت يونين وکري ويو. اوڀر يورپ ۽ وچ ايشيا

مان سوشلزم جي تڏا ويڙهه ٿي وئي.. خود سرمائيداري بہ اها پراڻي نہ رهي، جنهن جا پيرا مارڪس، اينگلس ۽ لينن کنيا هئا. دنيا گس ئي وڃي نوان ورتا. پر نہ بدليو تہ هِن خطي جو ڪاٻي ڏر جو ڪارڪن نہ بدليو. اهو اڄ بہ ساڳي پاڃاري پنهنجي ڳڇيءَ ۾ وجهيو هلي.

دنيا ۾ تضادن جي بيهڪ ئي نئين ٿي وئي آهي. هاڻي دنيا ٻن بلاڪن واري پراڻي ڏگ تي نہ ٿي سوچي. ان ۾ دوستين ۽ دشمنين جا معيار ئي نوان آهن. اهي هر حال ۾ پنهنجي قومي مفادن ۽ عوام جي خوشحالي کي سامهون رکي جوڙيا ٿا وڃن.

تبديل ٿيل ان عالمي منظرنامي ۾ سنڌي قوم کي پڻ پنهنجي قومي آزادي جي حاصلات لاءِ پنهنجي دوستن ۽ دشمنن جو تعين ڪرڻو پوندو. ان کي اهو ڏسڻو پوندو تہ آخرڪار ڪٿان ڪٿان ان جي آواز کي مان، مُهت ۽ حمايت ملي سگهي ٿي. اهو دؤر ويو جڏهن آمريڪا مرداباد جا نعرا هڻي سمجهيو ويندو هو تہ اسان ڪا وڏي ڪيپ ڪٽي ورتي آهي. ان زماني ۾ نظرياتي رجحانن جي پيش نظر ڪٽي اها ڳالهہ هضم ڪرڻ جهڙي بہ هئي ۽ روس ۾ بي فيض آسرا بہ هوندا، پر هاڻي اهو بانس ئي نہ رهيو آهي جو اهڙي بانسري وڄائي وڃي. هي دؤر پنهنجي قومي مفادن کي سامهون رکي چِنبڙي قوُڪي قدم کڻڻ جو دؤر آهي. هن دؤر ۾ نظرياتي عياشي جي ڪا بہ گنجائش ڪانهي.

قومون آزاد هجن يا غلام، اهي هميشہ پنهنجي قومي مفادن جي نقطي نگاهہ سان سوچينديون آهن. انهن جون حمايتون توڙي مخالفتون، دوستيون توڙي دشمنيون، رفاقتون توڙي رقابتون سندن قومي مفادن جي طابع هونديون آهن. ڪا قوم پنهنجي قومي مفادن جي

حوالي سان جيتري سجاڳ ۽ حساس ھوندي، ۽ سفارتڪاري ۾ جيتري پيڙ ھوندي، عالمي سطح تي ان جي بيھڪ اوتري ئي مضبوط ھوندي. ان جا حامي ۽ مددگار اوترا ئي گھڻا ھوندا.

ميٽرنڪ اڄ کان لڳ ڀڳ سوا ٻه سئو اڍائي سئو سال اڳ چيو ھو ته:

”ملڪن جا دوست ۽ دشمن مستقل ڪونه ٿيندا آھن. انھن جا رڳو قومي مفاد مستقل ٿيندا آھن.“

اوڻيھين صدي جي پوئين اڌ ڌاري جرمني جي گڏپ ۽ جديد اڏاوت ۾ اھم ڪردار ادا ڪندڙ ان اڳواڻ جي اِھا ڳالھ اڄ به اوتري ئي اھميت جوڳي آھي، جيتري ان وقت ھئي. اھا ڳالھ ھر دؤر ۾ اھميت لائق رھڻي آھي.

۽ سفارتڪاري ڇا ٿيندي آھي؟ قومي مفادن جي حاصلات لاءِ دوستاڻن لاڳاپن جو ھنر.

اھو ھنر ڪجھ ھن طرح به عمل پذير ۽ ظھور پذير ٿيندو آھي، جيئن ڀارتي پرڏيھي وزير سورن سنگھ ھڪ سوال جي جواب ۾ وراڻيو ھو.

ڪنھن ڌيساوري صحافي کانئس سوال ڪيو ته ”توھان سفارتڪاري جو فن ڪٿان سکيو ھو؟“

”ھندستان جي ھڪڙي ڳوناڻي ڇوڪريءَ کان.“ سورن سنگھ ٺھ پھ جواب ڏنو.

”اھو وري ڪيئن!؟“ صحافي اچرج وچان پڇيو.

”اهو هينئن تہ اسان جي ڳوٺ ۾ هڪڙي ڏاڍي سهڻي ڇوڪري هوندي هئي. ڳوٺ جا سڀ ڳڀرو مٿس موهت ۽ مست هوندا هئا. آئون بہ ان تي اکن ڇڪن ٽيندو هئس. هوءَ ادائون هڻندي هئي، ناز نخرا ڪندي هئي، پر ويجهو اچڻ ڪنهن کي بہ ڪونہ ڏيندي هئي. سڀڻ سيني کي ڏيڪاريندي هئي، هٿ لائڻ ڪنهن کي ڪانہ ڏيندي هئي. مون سفارتڪاري انهن ادائن منجهان سکي آهي. سڀڻ سيني کي ڏيڪاريندو آهيان، پر هندستان جي مفادن سان هٿ لائڻ ڪنهن کي ڪونہ ڏيندو آهيان.“

قومون بہ ايئن ئي پنهنجا قومي مفاد رکنديون آهن. اهي سڀڻ تہ سيني کي ڏيڪاريندون آهن، پر هٿ لائڻ ڪنهن کي بہ ڪونہ ڏينديون آهن.

اهي پنهنجي مفادن کي سامهون رکي سموري دنيا سان پنهنجا مامرا اڪلائينديون آهن. قومون قومن سان ڳالهائينديون آهن، ڏکيون ڳالهيون ڪنديون آهن، بحث مباحثا ڪنديون آهن، دليل دلائل ڏينديون آهن، ”ڪجھ ڏيو ڪجھ وٺو“ جي آڌار تي ڇڏڇوٽ کان ڪم وٺنديون آهن. سمورين سفارتي هيٺ مٿانهين ۽ ڇڏڇوٽ جي باوجود اهي پنهنجي قومي مفادن کي مقدم رکنديون آهن.

ان ۾ بہ وري هڪڙو اهم فرق آهي.

هڪڙيون ٿينديون آهن آزاد قومون ۽ آزاد ملڪ، انهن جي لڳ لاڳاپن جو انداز، مفادن جي پڪيڙ ۽ انهن جي ڳالهائڻ جي سطح مختلف ٿيندي آهي.

ٻيون ٽيندیون آھن غلام قومون ۽ غلام ملڪ، انھن جا مفاد، ڳالھيون ۽ سفارتڪاري ۽ لڳ لاڳاپا آزادي جي حاصلات لاءِ مدد ۽ سھڪار جي نقطي جي چؤگرد ڦرندا آھن. غلام قوم جي مفادن جو نيوڪليس سندس قومي آزادي ھوندي آھي. انھن وٽ قومي آزادي ٻئي ھر نظريي ۽ ڳالھ کان مقدم ھوندي آھي. انھن جون دوستيون دشمنيون نظرياتي آڌار تي نہ پر قومي آزادي جي حمايت جي آڌار تي جڙنديون آھن.

فلسطيني اڳواڻ ياسر عرفات کان ڪنھن پرڏيھي صحافي ھڪ ڀيري پڇيو تہ:

"توھان ڪڏھن ڏسو تہ ھڪڙي بلاڪ سان بيٺا آھيو تہ ڪڏھن ٻئي سان. رات جي ماني روس ۾ ٿا کائو تہ نيرن چين ۾ ڪندي نظر ٿا اچو. اتان ھلو ٿا تہ مانجھاندو وچيو فرانس ۾ ڪريو. وري ڏسون ٿا تہ آمريڪا ۾ ويٺا آھيو. توھان آخر آھيو ڪھڙي ڌر سان؟ توھان جو نظريو ڇا آھي!؟"

ياسر عرفات کلندي وراڻيو تہ: "آئون صرف ھڪڙي ڌر سان آھيان، جيڪا آھي فلسطين. منھنجو نظريو فلسطين آھي. فلسطين جي آزادي ڌاران سوشلزم يا ٻيو ڪو نظريو مون لاءِ ڪھڙي اھميت جو حامل ٿي سگھي ٿو؟ آئون منھنجي ملڪ جي آزادي جي جدوجھد ۾ مدد حاصل ڪرڻ لاءِ سڀني عالمي طاقتن سان ڳالھائيندو آھيان."

آئون سمجھان ٿو تہ سنڌ کي بہ عالمي سطح تي ساڳي ياسر عرفات واري پاليسي جي گھرج آھي. ان کي پراڻي نظرياتي سحر مان

نڪرڻو پوندو ۽ عالمي سطح تي پنهنجي آزادي جي حمايت لاءِ نوان دوست ڳولڻا پوندا.

باريڪ بيني سان ڏسجي ته پتو پوندو ته سنڌ جي عالمي سطح تي دوستي جي رستي روڪ ڪرڻ ۾ پاڪستاني رياست هميشه سرگردان پئي رهي آهي. جڏهن سوويت روس قومي آزادين جي جدوجهدن جي حمايت ڪندو هو، تڏهن ڪميونسٽ پاڪستان جا حمايتي هوندا هئا ۽ قومي آزادين جا مخالف هئا. ڪميونسٽ پارٽي ته فوج جي مدد سان ڪو انقلاب ڪونه آندو، پر رياست وڏي سازش سان ڪميونسٽ پارٽي تي قبضو ڪري ورتو. نتيجي ۾ آخرڪار ڪميونسٽ پارٽي ڪک پن ٿي وئي.

هاڻي وري رياست جي اها ڪوشش آهي ته سنڌ کي هر صورت ۾ آمريڪا، يورپ ۽ ٻيءَ جمهوري دنيا کان پري رکجي، ان سان اڻ سڌي ٽڪراءَ ۾ آڻجي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو وڏي ڪوشش ٿي ٿئي ته سنڌ مان آمريڪا مخالف آواز اٿارجن. شل نه ڪجهه ٿئي، پوءِ گهوڙا گهوڙا شروع.

ذوالفقار آباد رٽا چين جي، پر مرداباد آمريڪا.

ڪوئلي ۾ اک چين جي، پر مردا باد آمريڪا.

نيٽو جي ڪنٽينرن کي ڳجها ادارا باهه ڏيندا ته اها به سنڌ ۽ بلوچستان جي حدن ۾.

مذهبي ڏريون بگڙنديون ته آمريڪا تي گار جي لولي.

جي ڪميونسٽ ڏمربا ته به اولهه تي گار جي هونگار.

اولهه، آمريڪا، جمهوري ۽ سرمائيڪار دنيا خلاف هڪڙي اجائي وٺ پڪڙ آهي، جيڪا سنڌ ۾ رسم طور هلي پئي آهي.

سنڌ جي هڪ ڏاهي، عالم ۽ زرعي ماهر ايم ايڇ پنهور هڪڙي نجي ڪچهري ۾ ٻڌايو ته:

”هڪ ڀيري سائين جي ايم سيد سان ڪچهري ڪري رهيا هئاسين ته سائين جي ايم سيد چيو ته آمريڪا کي سنڌ جي زرعي شعبي ۾ سيڙپڪاري ڪرائڻ جي ڪوشش ڪريو.

اسان لاءِ اها اچرج جهڙي ڳالهه هئي.

سائين اسان جي حيرت کي ڀانپيندي چيو ته اهو ان لاءِ ته سنڌ ۾ آمريڪا جا مفاد هوندا ته هو سنڌ جي ملڪي حيثيت جي بحالي کي پٺي ڏيئي نه سگهندو ۽ سنڌ جي دائمي مفادن خلاف وڃي نه سگهندو.“

ايم ايڇ پنهور ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي چيو ته ”اسان تڏهن سيد جي ڳالهه سمجهي نه سگهياسين، پر هاڻي تبديل ٿيل عالمي وايومنڊل ۾ ڏسون ٿا ته هو ڪيڏو نه دور انديش انسان هو.“

حقيقت اها آهي ته دنيا هاڻي ٻطرفن مفادن ۾ هڪٻئي سان سلهاڙيل آهي. آزادي کان اڳ ۾ توڙي آزادي ماڻڻ کانپوءِ اسان کي به سڄي دنيا سان انهن ٻطرفن لاڳاپن ۾ رئي سلهاڙجڻو پوندو.

هرويرو ايئن به ڪونهي ته اسان کي مُرڳو ويهي آمريڪا جي ثناخواني ڪرڻ گهرجي. اسان کي آمريڪا يا ٻي ڪنهن عالمي طاقت تان ويهي نر پکي ناهن هڪلڻا. پاڻ کي رڳو عالمي طور تي پنهنجا دوست ڳولڻا آهن، اتحادي ڳولڻا آهن، پنهنجي قومي آزادي جا مددگار ڳولڻا آهن. اها سڄي دنيا، جيڪا جمهوري، سيڪيولر، روشن خيال،

انساني حقن ۽ آزادين جي علمبردار دنيا آهي، ان سان سفارتڪاراڻا لاڳاپا جوڙڻا آهن. ان وٽ پنهنجو مقدمو پيش ڪرڻو آهي. عالمي ضمير کي جهنجهوڙڻو آهي، ان کي پنهنجي پاسي ڪرڻو آهي.

ان لاءِ هن رياست جي هٿناٺن کي سمجهڻو پوندو. عالمي سياست ۽ سفارتڪاري جا گر سمجهڻا پوندا. پنهنجي دشمنن ۽ دوستن جو چٽو ادراڪ ڪرڻو پوندو. جوڙ توڙ ڪرڻي پوندي. قومي آزادي جي حاصلات لاءِ پنهنجو رخ هر حوالي سان درست ڪرڻو پوندو.

آفريقي اڳواڻ ايملڪار ڪئبرال چيو آهي تہ:

”بدنصيب آهي اُها قومي تحريڪ، جنهن جا عالمي سطح تي دوست نہ آهن.“

انقلاب ۽ آزاديون پل تہ مڪاني حالتن منجهان ئي ڦُٽندا هجن، پر عالمي دوستيون، مددون ۽ حمايتون انهن جي حاصلات کي آسان بڻائينديون آهن. الجزائر کان وٺي انڊونيشيا تائين ۽ تازو اوڀر تيمور کان وٺي ڪوسووو تائين اهڙا انيڪ مثال آهن. عالمي مددگارن کانسواءِ قومي تحريڪون غاصبن هٿان قتلام ڏاڍو ڏسنديون آهن. ڪين ڏاڍي ڏکيائي ٿيندي آهي ۽ آزادي جي تمام وڏي قيمت ڀرڻي پوندي آهي.

ان ڪري سنڌ جي قومي تحريڪ کي عالمي طور تي سياسي ۽ قومي نقطي نگاهہ کان پنهنجا حمايتي ۽ دوست پيدا ڪرڻا پوندا. پراڻي نظرياتي عقيدي پرستي مان نڪرڻو پوندو. هڪ غلام ملڪ لاءِ آزادي سڀ کان وڏي گهرج ۽ نعمت آهي. ٻيا سڀ مسئلا مسائل ۽ معاملا ان جي حل ٿيڻ سان مشروط آهن.

سوشلزم جي روايتي جذباتي نعريبازي جي مخالفت جي معنا عوام دشمني هرگز ناهي. هڪ غلام قوم يا ملڪ ۾ آزادي پسندي ئي سڀ کان وڏي عوام دوستي آهي. سنڌ وٽ ايترا وسيلا آهن جو آزادي کانپوءِ اها سوشلزم کانسواءِ، جديد معاشي اڏاوت ڪري ٿوري عرصي ۾ ئي، هڪ شاهوڪار ۽ خوشحال ملڪ بڻجي سگهي ٿي. سنڌ جي عوام جي خوشحالي سوشلزم سان نه، پر سنڌ جي ملڪي حيثيت جي بحالي سان ڳنڍيل آهي. سنڌ آزاد ٿي ويئي ته پنهنجي سمورن شهرين کي هر لحاظ کان خوشحال ڪري سگهندي. قومون آزادي ۾ ئي پنهنجو جود بچائي سگهنديون آهن ۽ آزادي ۾ ئي خوشحالي ۽ ترقي ماڻي سگهنديون آهن.

تنهن ڪري جيڪي به ماڻهو سنڌي عوام جا گهڻگهرا آهن، انهن کي سنڌ ملڪ جي قومي آزادي لاءِ پاڻ پتوڙڻو پوندو. ان لاءِ مڪاني توڙ ي بين الاقوامي سطح تي گهڻ طرفي جدوجهد، حمايت ۽ سهڪار حاصل ڪرڻ جي ضرورت آهي. جن به قومن کي اهڙي لوڙ هوندي آهي، اهي سڪڻي نعريبازي ۽ نظرياتي عقيدي پرستي جي ڍٻڻ ۾ ڦاسڻ بدران حقيقت پسند ٿينديون آهن ۽ حالتن جو ڀوڳڙهو ادراڪ ڪندي هر سطح تي پنهنجي مفادن جي مطابقت ۾ پنهنجون صفون درست ڪنديون آهن ۽ پنهنجا لڳ لاڳاپا وڌائينديون آهن.

انگريزن جي هندستان مٿان قبضي جي ڏينهنَ ۾ ڪانگريس اڳواڻ جواهر لال نهرو روس جي دؤري تي ويو. دؤري دوارن هُن هڪڙي تمام وزندار ڳالهه ڪئي هئي. هن روسي اڳواڻن کي مخاطب ٿي چيو ته: "مون لاءِ خوشي جهڙي ڳالهه اِها آهي ته روس جڏهن زار جي

بادشاهي هيٺ هو، تڏهن بہ انگريزن جو مخالف هو ۽ اڄ جڏهن بالشويڪن جي اقتدار هيٺ آهي تڏهن بہ انگريزن جو مخالف آهي.”
جواهر لال نهرو عالمي دوستين ۽ دشمنين مان پنهنجي هندستان جي آزادي جا امڪان ٿي ڳوليا.

اسان کي بہ اڄوڪين اهڙين بين الاقوامي حالتن منجهان پنهنجي سنڌ مُلڪ جي آزادي جا امڪان ڳولڻا آهن ۽ ڏيڍ صدي کان سنڌ جي بيقرار اکين ۾ اٽڪيل آزادي جي انهيءَ خواب کي حقيقت جو روپ ڏيڻو آهي.

* * *

14_ اپريل 2014ع

# آزاد، روادار ۽ جمهوري سنڌ

سنڌ تاريخي طور تي هڪڙو الڳ ٿلڳ ملڪ رهي آهي. هڪ اهڙو ملڪ، جيڪو دنيا جي گلستان ۾ هڪ جدا، نرالي ۽ مسحور ڪن خوشبوءِ جو مالڪ رهيو آهي. سنڌ تاريخ ۾ دنيا جي ٻين ڪيترين ئي قومن وانگر ڪيترائي لاها چاڙها ڏٺا آهن، انيڪ هيٺانهين مٿانهين جي ور پيئي چڙهي آهي، ڪئين لَڪ لانگھا لتاڙيا اٿس ۽ ڏکيا ڏاڪا ۽ آڏ ترِاچا آهِڙا چاڙهيڪا پيئي چڙهي آهي. هن ڪيتريون آزمائشون اکري پار ڪيون آهن، ڪَرن جي اٽڳٽين ڪَراين کي منهن پيئي ڏنو آهي. پر انهيءَ جي باوجود ان ڪڏهن به پنهنجو ساءَ سواد ۽ هڳاءَ نه مَٽيو آهي. ڀٽائي سائين جو هيءَ شعر سنڌي قوم جي قومي جوهر تي بلڪل پورو ٿو اچي:

> ڪاري جيئن ڪرن، وڻ ٽڻ سيوئي واسيا،
> سوُنهڻ جيئن سيٽن، مِنو ساءَ نه مَٽيو.

ڏاريا مدي خارج نظريا ۽ ڦرلٽ جون نيتون ڪٽي هِتي چوڌس پکڙجي ويا، هنڌين ماڳين انهن جون ڪُريتون، ڪُلچٽائيون ۽ ارهه زورائيون جاري رهيون، انهن پنهنجي پاٽونگري عادتن سان سنڌ ڪينجهر کي ڪِنو ڪرڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو، پر جا شئي هو نه بدلائي سگهيا، اها سنڌي قوم جو قومي ساءَ سواد، سرهاڻ سڳنڌ ۽ ڪٿوري خوشبوءِ هئي.

سنڌي قوم جي اها خوشبوءِ، اهو ساءَ، اها سرهاڻ، اهو جوهر آخر ڇا آهي؟

سنڌي قوم جو اهو جوهر آهي ـ سنڌيت، وطن دوستي، مذهبي رواداري، تصوف، انسان دوستي ۽ لوڪ راڄي نيات.

سنڌ جتي دنيا جو نرالو خطو يا منفرد ملڪ رهي آهي، اتي سنڌي قوم بہ پنهنجي خوبين ۽ خصلتن جي ڪري دنيا جي منفرد ۽ نرالي قوم پئي رهي آهي. سنڌ سان بلا جي محبت ۽ انس سنڌين جي رڳ رڳ ۾ رهيو آهي، سندن رڳن ۾ وهندڙ وطن دوستي جي درياهہ ۾ ڪڏهن بہ لاٽ ڪانہ آئي آهي. وطن جي راهہ ۾ ان هميشہ سر جون سٽون ڏنيون آهن ۽ هڪ هڪ پهر ۾ هزارين مُنهن نوجوانن جي سرن جون قربانيون ڏنيون آهن. سنڌي قوم جي وطن پرستي ڪڏهن بہ متزلزل نہ ٿي آهي. ها، ان هارايو ضرور هوندو پر اها ميدان ڪي پٺ ڏئي ڀڳي ڪڏهن بہ ڪينهي. سنڌيت ۽ وطن دوستي جو اهو وهڪرو سنڌين جي رت ۾ ماءُ جي ٿڃ جيان اڄ بہ روان دوان آهي.

وطن دوستي وانگر مذهبي رواداري ۽ سهپ بہ سنڌي قوم جي رڳن ۾ رچيل آهي. اين مورا جي لفظن ۾ سنڌ مذهبن جي ماءُ آهي. ڀلا ڪائي ماءُ پنهنجي توڙي ٻئي ڪنهن جي اولاد جي خلاف ڪيئن ٿي ٿي سگهي؟ ماءُ جو پاند ايڏو تہ ڪشادو هوندو آهي جو ان ۾ سمورا ٻار سمائجي سگهندا آهن. بلڪل ايئن سنڌ جي تهذيب، ڪلچر ۽ شعور جي ڪشادي پاند ۾ سمورا مذهب سمائجندا پئي رهيا آهن.

سنڌ ڪڏهن بہ مذهبي رواداري ڪي پٺي ڪانہ ڏني آهي. ان جي تصوف ۾ سڀ ۾ پرينءَ پسڻ واري خصوصيت آهي، جيڪا سمورن مذهبن لاءِ پنهنجي پاند ۾ گنجائش ڪيدي وٺي ٿي. اها ڪڏهن بہ ڪنهن بہ مذهب جي هڪ مذهب طور مخالف نہ رهي آهي. سنڌين

ڪڏهن به ڪنهن به مذهب يا سندن مذهب جي بالادستي تي ٻين ملڪن ۽ قومن مٿان ڪاهون نه ڪيون آهن؛ نه ئي وري ڪنهن مذهب کي زوريءَ ٻين جي مٿان مڙهڻ جي ئي ڪائي ڪوشش ڪئي آهي. ها، مذهب انهن جي سماجي ۽ قومي زندگي ۾ شامل ضرور رهيو آهي. پر ان جي نالي ۾ ڪڏهن به اگرائي پسندي ۽ جارحيت کان ڪم نه ورتو ويو آهي. ان جي برعڪس مذهبي رواداري ۽ سڀني مذهب لاءِ قبوليت واري پاليسي سنڌ لاءِ سدائين متبرڪ پئي رهي آهي. ان جي پاند ۾ سڀني مذهبن لاءِ گنجائش هميشه موجود رهي آهي.

مذهبي رواداري ۽ تصوف منجهان ئي سنڌ جي انسان دوستي ڦُٽي ٿي نڪري. سنڌ دنيا ۾ سڀني کان وڌيڪ روادار، سيڪيولر ۽ انسان دوست ملڪ آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو علاما آءِ آءِ قاضي جهڙا دانشور، محمد امين خان کوسي جهڙا سرمست ۽ سائين جي ايم سيد جهڙا ڏاها ماڻهو بقاءِ باهمي ۽ صلحِ ڪُل جا پرچارڪ رهيا. انهن وٽ تنازع اللبقا جي جاءِ تي پرامن بقاءِ باهمي جو فڪر رهيو ۽ هو ترقيءِ بني آدم، بقاءِ باهمي ۽ امن عالم ۽ اتحادِ انساني تي زور ڏيندا رهيا. انهن ئي نقطن کي مربوط ڪندي سائين جي ايم سيد پيغام سنڌ جو نانءُ ڏنو. اهو سچو انسانيت ۽ انسان دوستي جو درس آهي، جيڪو بنيادي طور تي سنڌ جو سبق آهي.

ساڳئي نموني سنڌ جو ماڻهو سدائين کان پنهنجي جوهر ۾ جمهوريت پسند پئي رهيو آهي. ان وٽ اظهار راءِ جي آزادي، تنقيد خود تنقيد، ٻئي کي برداشت ڪرڻ ۽ جيئو جيئڻ ڏيو واري ڳالهه جي سدائين اهميت پئي رهي آهي. هيءَ جو هاڻي سنڌ ٻين قومن جي پيٽ

۾ آمريتن خلاف هميشه جهيڙيندي رهي ٿي، ته ان جو بنيادي سبب به انهيءَ جمهوريت پسندي، انسان دوستي ۽ آزادي سان سندس بيپناهه محبت منجهه لڪل آهي. سنڌ ۾ ته بادشاهتون به جمهوري هيون. بادشاهي جي نالي ۾ لوڪ راڄ رهيو آهي سنڌ ۾. هِتي مغل سامراجيت جهڙي بادشاهي ڪڏهن به ڪانه رهي آهي، نه ئي وري آمراڻي طرز جي بادشاهي يا شهنشاهيت ئي رهي آهي. چچ هجي يا سومرا، سما ۽ ٽالپر، سنڌ جون بادشاهتون جمهوري طرز جون ئي رهيون آهن. لوڪ راڄ جي انهيءَ ڊگهي سفر جي نتيجي ۾ سنڌ جو ماڻهو اڄ به تمام وڏو جمهوريت پسند، آزادي پسند، مذهبي روادار، سيڪيولر، انسان دوست ۽ صوفي منش آهي.

سنڌ ۾ هيءَ جيڪا اڄڪلهه انتهاپسندي ۽ بنياد پرستي جي لهر آيل آهي، ان جي پٺيان سنڌ جو عام ماڻهو ناهي، پر ان جي پويان رياستي ادارا بيٺل آهن. رياست هڪڙي سوچيل سمجهيل سازش ۽ منصوبي بندي سان سنڌ منجهان اهڙو تاثر اڀارڻ جي ڪوشش ۾ آهي ته سنڌ جو ماڻهو پڻ ان مذهبي دهشتگردي، انتهاپسندي ۽ بنياد پرستي ۾ شامل آهي. حقيقت ۾ سنڌ جو عام ماڻهو توڙي پڙهيل ڳڙهيل حلقا انهن عملن خلاف آهن، انهن جي نندا ڪن ٿا، انهن جي خلاف تحرڪ وٺن ٿا ۽ انهن کي روڪڻ لاءِ ڪوشان آهن. اهو چٽو ۽ پڌرو هجي ته سنڌ جي اندر مذهب جي نالي ۾ ٿيندڙ فساد رياست ڪرائي رهي آهي.

اسان سنڌي هڪ قوم طور ڪنهن به مذهب جي خلاف ناهيون، اسان ڪابه عبادتگاهه ساڙي نه ٿا سگهون، اسان ڪنهن به ٻئي مذهب جي ماڻهو جي جان وٺي نه ٿا سگهون. اسان لاءِ سڀ مذهب هڪڙي ئي

حقيقت جا متلاشي آهن ۽ وحدانيت جي لڙيءَ ۾ پوئيل آهن. اسان لاءِ سڀ انسان برابر ۽ خداءِ برتر و بزرگ جو پرتوو آهن. اسان لاءِ سموريون عبادتگاهون خدا جو گهر آهن. اسان لاءِ مندر، گردوارا، آتشڪدا ۽ ڪليسائون ۽ ٻيون ساريون عبادتگاهون مسجد نبوي وانگر واجب الاحترام ۽ مقدس آهن. اسان مذهب ۽ فرقيواريت جي نالي ۾ انسانن جي قتلام ۽ رتوڇاڻ جي اجازت نه ٿا ڏئي سگهون. اهو سڀ سنڌ جي روح جي خلاف آهي.

اسام مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻ جي خلاف آهيون. مذهب جو سياست ۾ ڪوبہ ڪم ڪونهي، ان ڪري سياست ۽ رياستي مامرن ۾ ان جي ڪابہ مداخلت پڻ نہ هجڻ گهرجي. سياست ۽ مذهب کي جڏهن بہ گڏي هلائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، تڏهن ان جا نتيجا خطرناڪ، ڀيانڪ ۽ انسان دشمن ثي پئي نڪتا آهن. اهي نتيجا انيڪ سالن ۽ صدين تائين انسانذات مٿان هڪڙو ڪلنڪ، هڪڙو داڳ، هڪڙو ڇُٽو بڻيا رهيا آهن. برونو ڪوپرنيڪس، گئليلو سرمد، داراشڪوهہ، قرت العين طاهرا، هائپشا ۽ ٻيون انيڪ مايون ۽ مرد مذهبي تنگ نظري ۽ رياست تي ان جي مڙهت جي ور چڙهي پنهنجين زندگين تان هٿ ڌوئي ويٺا.

اها ڪليسا جي بالادستي ئي هئي، جنهن يورپ کي اونداهو يورپ بڻائي رکيو هو. جنهن ۾ علم، عقل، سائنس، منطق ۽ فلسفي سميت هر عقلي، تحقيقي ۽ انساني عمل ۽ چڱائي جي ڳالهہ تي بندش هئي. انسانن کي انسانن بجاءِ رڍن ٻڪرين وانگر ورتايو پئي ويو. هر عقلي ڳالهہ لاءِ تعزيرون ۽ سزائون هيون. قيد هو. موت هو. ساڳئي نموني ٻين

مذهب ٻه گهڻ انڌ ڪونه ڪيا آهن. اسلام جي روشن ناليَ تي ٻه ماڻهن مٿان اونداهيون ٿاڦڙ جا جتن ٿيندا رهيا آهن. ڪالهه ڪليسا دولت تي قابض هئي. اڄ ملائيت دولت تي قابض آهي ۽ اقتدار تي قابض ٿيڻ گهري ٿي. جيڪڏهن ان ڳالهه ۾ ملائيت ڪامياب ٿي وئي ته اها پاڻ کي صدين جي اونداهي ڏانهن ڌڪي ڇڏيندي. اڄ يورپ جي هيءَ جيڪا عاليشان ترقي آهي، اها تڏهن ممڪن ٿي سگهي آهي، جڏهن ڪليسا سياسي مامرن کان ٻاهر آهي. اهو دؤر ويو جڏهن رياستن جا سرڪاري مذهب هوندا هئا. هيءَ روشن خيالي، رواداري ۽ سيڪيولرزم جو دؤر آهي.

اسان مذهب کي سماجي زندگي ۾ اوتري ئي جاءِ ڏيڻ گهرون ٿا، جيتري اهو لهڻي ٿو ـ يعني عقيدن جي هڪڙي نظام واري، جيڪو خدا ۽ بندي جي وچ ۾ سٻنڌ جوڙي ٿو. جنهن ۾ هر بندو پنهنجي عقيدن ۽ عبادتن ۾ آزاد آهي. اسان ان کي هڪڙي سياسي نظام طور قبولي نٿا سگهون. نه ئي وري اسان ڪنهن ٻه قسم جي ملائيت جي حڪمراني چاهيون ٿا. اسان سڀني عقيدن جو احترام ڪندي، بنيادي مذهبي آزادين ۽ رواداري جا مڃيندڙ آهيون. تنهن ڪري اسان مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻ جا قائل ناهيون.

اسان آزاد، روادار، سيڪيولر، خوشحال ۽ جمهوري سنڌ اڏڻ ٿا گهرون. اها سنڌ مذهبي تنگ نظري توڙي هر قسم جي تعصب ۽ امتياز کان بالاتر هوندي. جيڪا هر حوالي سان انصاف، برابري ۽ بنيادي انساني حقن جي احترام تي ٻڌل هوندي. اهڙي سنڌ ئي هن خطي توڙي دنيا جي اندر امن لاءِ پنهنجو اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهندي، ۽

سنڌي قوم کي دنيا ۾ شانائتو ۽ مانائتو مَقام ڏياري سگھندي. انهيءَ ڪري اهڙي آزاد، روادار، سيڪيولر، خوشحال ۽ جمهوري سنڌ جي اڏاوت نہ صرف سنڌي قوم ۽ هن نندي ڪنڊ لاءِ، پر سڄي عالم انسانيت لاءِ ڦلدائڪ ۽ لاڀائتي ثابت ٿيندي.

***

31 مارچ 2014ع

# قومي آزادي ۽ عورت

گهڻو وقت اڳ جي ڳالهه آهي. آئون حيدرآباد ۾ ڪنهن احتجاجي جلسي کي خطاب ڪري هيٺ لٿو هئس. ان مهل ڪا اٽسيائُو ڇوڪريءَ منهنجي سامهون آئي ۽ آٽوگراف بُڪ منهنجي اڳيان جهليائين. مون آٽوگرافن واري بندي ڪانئس ورتي ۽ ان تي هيٺيون سِٽون لکي پنهنجي صحيح ڪيم:

"قومي آزادي جي جدوجهد بنيادي طور تي عورت جي آزادي جي جدوجهد آهي."

آئون قومي آزادي ۽ عورتن جي آزادي، وقار ۽ حقن کي لازم ملزوم سمجهان ٿو. جيڪا قوم غلام هجي ٿي، ان جي غلامي جي آخري هيٺانهين ڇيڙي تي عورت بيٺل هوندي آهي. يعني غلامي جو سمورو جبر عورت مٿان نه سهجندڙ بار ٿي ڪِرندو آهي. جيڪڏهن ڌرتي جي هن گولي تي ڪو سڀ کان وڏو جبر، سڀ کان وڏو ڪرب، سڀ کان وڏي اذيت ۽ سڀ کان وڏي ڪوجهائپ آهي ته اها غلامي آهي. انهيءَ ڪري ئي آئون غلامي جي هر شڪل کان اپار نفرت ڪندو آهيان. آئون چاهيان ٿو ته هن سياڳي ڌرتي جي سيني تان غلامي جي هر شڪل، صورت ۽ هر ڍانچو ختم ٿي وڃڻ گهرجي. ان ڪري ئي آئون چاهيان ٿو ته هر حالت ۾ قومي غلامي جو انت اچڻ گهرجي. ڇاڪاڻ جو قومي غلامي منجهان ئي ٻيون هر قسم جون غلاميون ڦُٽي نڪرن ٿيون.

قومي غلامي جتي ڪنهن قوم جي سياسي اقتدار اعليٰ تي قبضو ڪندي آهي، ثقافتي اؤسر کي روڪيندي آهي، اقتصادي وسيلن جي ڦرلٽ ۽ استحصال ڪندي آهي، جاگرافي جي بيحرمتي ۽ والار ڪندي آهي، تاريخ کي مليااميٽ ڪندي آهي ۽ قومي تشخص کي خطرن جي ور چاڙهيندي آهي؛ اتي اها غلام قوم جي فردن جي اجتماعي توڙي انفرادي حقن ۽ آزادين تي پڻ راتاها هڻندي آهي. انفرادي حقن ۽ آزادين تي لڳندڙ انهن راتاهن جو سڀ کان وڏيڪ ۽ ڀيانڪ شڪار اتان جي عورت ٿيندي آهي. قومي غلامي پنهنجي ڀيل معاشرن جي عورت جي شخصي توڙي هڪ ڀرت طور اجتماعي آزادي کسي وٺندي آهي ۽ ان کي وڏيڪ بدتر غلامي جي ور چاڙهي ڇڏيندي آهي. قومي غلامي مٿان کان هيٺ لهندي آهي، جنهن جي آخري ڇيڙي تي غلام قوم جي عورت بيٺل هوندي آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو قومي غلامي جو سمورو بار انت اچي عورت تي پوندو آهي ۽ اها تمام بدترين حالتن جي ور چڙهي ويندي آهي.

سنڌي عورت جي هاڻوڪي بدترين حالت منجهاران اسان غلام قوم جي عورت جي حالت جو درست اندازو لڳائي سگهون ٿا. هڪ طبقي طور سنڌ جو هيٺيون طبقو ان هيٺئين طبقي ۾ به هاريءَ ۽ هاري ڪان به هيٺ ۽ وڏيڪ بدترين حالت اڄوڪي غلامائي سنڌي سماج ۾ جيڪڏهن ڪنهن ڀرت جي آهي ته اها عورت جي آهي. سنڌي عورت اڄ تاريخ جي سمورن دؤرن جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ استحصال ۽ ڦرلٽ جو شڪار آهي، وڏيڪ جبر هيٺ آهي ۽ وڏيڪ مظلوم آهي.

هوءَ هڪ پاسي قومي غلامي جي جبر، نامرادين ۽ ابترين جي شڪار آهي. جنهن ۾ هوءَ ڪوبہ قومي ۽ سياسي ڪردار ادا ڪرڻ کان قاصر آهي. ٻئي پاسي جاگيرداراڻن سماجي ۽ اقتصادي رشتن ۾ قاتل آهي. جتي سندس پورهئي، مرضي ۽ مانُ جي ڪابہ اهميت ۽ قيمت ناهي. ٽئين پاسي هوءَ مدي خارج جنسي تصورن جي جڪڙ هيٺ آيل آهي. اِهي مدي خارج جنسي تصور ڪيس جيئري جاڳندي ۽ احساس توڙي جذبا رکندڙ وجود بدران استعمال جي ذاتي شئي بڻائي ڇڏين ٿا. چوٿين پاسي مرداڻي غلبي واري معاشري (Male dominated society) جي پيڙائن، اذيتن ۽ ذري جيترو مانُ مهت بہ نہ هجڻ سندس وجود کي ريزا ريزا ڪري ڇڏيو آهي. هوءَ پنهنجي وجود جو اظهار ڪرڻ جي لائق بہ ڪانہ رهي آهي. هوءَ زال آهي، ماءَ آهي، ڀيڻ آهي، ڌيءَ آهي، جيڪا ڪجهہ بہ آهي، پر هر رشتي ۾ مرد جي محتاج آهي؛ ڄڻڪ هن جو ڪو الڳ ٿلڳ انساني وجود ئي ڪونہ آهي. هوءَ گهريلو توڙي سماجي طور پوري ريت مرد جي هٿ وس بڻيل آهي. مرد جي مرضي يا اجازت جي بغير نہ اها ڪنهن سماجي سرگرمي ۾ حصو ٿي وٺي سگهي، نہ ڪنهن معاشي عمل جو حصو ٿي سگهي ٿي، نہ ڪنهن سياسي تحرڪ ۾ ڀرو وٺي ٿي سگهي، نہ پڙهي ٿي سگهي، نہ ڪيڏانهن اچي وڃي ٿي سگهي، نہ محبت ڪري ٿي سگهي، نہ شادي ڪري سگهي ٿي، نہ پنهنجي جذبن جو آزاداڻو اظهار ٿي ڪري سگهي. هوءَ پنهنجي مرضي، پسند ۽ آزاد ارادي سان ڪجهہ بہ ڪري سگهڻ جي حيثيت ۾ ناهي. اها مڪمل طور تي مرد جي هٿ وس آهي، ڄڻڪ ڪا گڏي هجي، ڪٺ پتلي هجي، ڪو بي ساهو وجود هجي! چوٿين

پاسي مٿان وري مذهب جو سڄو سارو بار بہ ويچاري عورت جي مٿي تي لَڏيل آهي. مذهبن جي اڪثريت بہ عورتن جي غلامي ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. عورت کي غلام بنائڻ ۾ مرد جو هڪ وڏو هٿيار مذهب پڻ رهيو آهي.

قومي غلامي، جاگيرداراڻو معاشي سرشتو، مرداڻي غلبي وارو سماج، مدي خارج جنسي تصورَ ۽ مذهب عورت جي غلامي جو سڀ کان اهم ڪارڻ ۽ سبب رهيا آهن. اڄوڪي سنڌي سماج ۾ اهي سيئي عوامل ۽ عنصر چٽيءَ ريت ڏسي سگهجن ٿا. مٿان وري هيءَ پاڪستاني رياست پنهنجي جوهر ۾ غيرسيڪيولر، غيرروادار ۽ قدامت پسند روين جي آليڪار آهي. جنهن جو سڄو نزلو ڦريو گهِريو اچيو عورت مٿان ڪِري. اهوئي ڪارڻ آهي جو عورت جي حالت ڏينهون ڏينهن وڌيڪ ابتر ٿي رهي آهي.

سنڌي عورت جي غلامي، پيڙا ۽ هيٺائي جي سمورن اسبابن کي سگهارو ڪرڻ جي پٺيان جيڪا اصل قوت ڪارفرما آهي، اها "مملڪتِ خداداد پاڪستان" آهي. ظاهر آهي تہ ننڍي کنڊ جي هن اُلهندئين خطي ۾ قومن جي قومي غلامي جو ڪارڻ پاڪستان آهي؛ ان ڪري عورت جو مسئلو پڻ ان تناظر ۾ ئي ڏسڻ گهرجي. فلسفي جو عام قائدو آهي تہ سمورا ننڍا يا ثانوي تضاد بنيادي تضاد جي چؤگرد ئي ڦِرندا آهن. هِتان بنيادي تضاد جو جبل واوڪر ٿيو، هُتان جزوي تضادن جون پِٽون پُرڻ شروع ٿيون. ان ڪري ئي قومي آزادي جي جدوجهد بنيادي طور تي عورت جي آزادي جي جدوجهد ئي آهي.

قومي آزادي پنهنجي بنيادي جوهر ۾ عورت نواز هوندي آهي. قومي آزادي جو سڀ کان وڏيڪ فائدو جيڪڏهن ڪنهن پرت کي پهچندو آهي ته اها عورت آهي. ان ڪري جو قومي آزادي سيڪيولرپڻي، رواداري، روشن خيالي ۽ جديديت جون جيڪي نيون لهريون اڀاريندي آهي، اهي عورت کي نئين تناظر ۾ آڻي اڳتي وڌائينديون آهن. قومي آزادي ۾ عورت لاءِ تعليمي، سماجي ۽ معاشي طور تي نوان موقعا پيدا ٿيندا آهن. عورت پراڻن سماجي قدرن ۽ مرد جي بالادستي مان جان آجي ڪرائي آزاداڻي طور تي پنهنجي اقتصادي، سماجي ۽ سياسي ڪردار جي چونڊ ڪندي آهي. جديد قومي رياست ۾ ئي عورت سڀ کان گهڻي ترقي ڪري ڪنهن تمام اوچي پد تي پهچي سگهي ٿي ۽ پهچي ٿي. اولهه جي عورت اڄ جنهن بيپناهه آزادي جو لطف ماڻي رهي آهي، ان جي پٺيان جديد قومي رياست ۽ صنعتي سماجي قدر ۽ پيداواري رشتا آهن.

نه رڳو اهو ته قومي آزادي عورت جي سماجي، سياسي ۽ معاشي بيهڪ ۾ تبديلي آڻي کيس پاڙيرو بڻائي ٿي. پر قومي آزادي جي جدوجهد به عورت کي هڪڙي نئين ۽ بلند مقام تي وٺي وڃي ٿي. جڏهن ڪنهن قوم جي قومپرستي پختي ٿي جدوجهد جي ميدان ۾ داخل ٿئي ٿي ۽ حالتن تي اثرانداز ٿيڻ لڳي ٿي، تڏهن اها سماج جي اندر نيون بيهڪون ناهڻ لڳي ٿي. قومپرست جدوجهد جڏهن ڪُلي طور تي قومي آزادي جي جدوجهد واري جُهت اختيار ڪري ٿي وٺي، تڏهن اها سماج جي اندر نين حالتن کي جنمي ٿي. جنهن جو سڀ کان وڏو اثر عورت تي ئي ٿئي ٿو ۽ مثبت توڙي منفي ٻنهي صورتن ۾ ٿئي ٿو.

هڪ پاسي اها بيٺڪي سامراج جي فوجين هٿان تشدد ۽ ڏاڍائين جو شڪار ٿئي ٿي، تہ ٻئي پاسي اها ان تشدد، ڏاڍ، ظلم ۽ غلامي خلاف سينو ساهيندي نئين تاريخ رقم ڪرڻ شروع ڪري ٿي. جدوجهد جي انهي مرحلي تي ئي هوءَ غلامي جا نيئر لاهي ڦٽي ٿي ڪري. هوءَ هاڻي وڏيڪ وقت تائين پيءَ، ڀاءَ، مڙس، پٽ يا ٻئي ڪنهن بہ رشتي جي ڳيجهو نہ ٿي رهي. قومي آزادي جي جدوجهد ۾ سندس ڪردار ڪيس نئين قوت، آزادي ۽ خود اختياري آڇي ٿو. اها پنهنجي مرضي ۽ آزاد ارادي جي ڌڻي ٿي پئي ٿي.

سنڌي عورت کي پڻ پنهنجي آزادي ماڻڻ ۽ پنهنجي آزاد ارادي جي ڌڻي ٿيڻ لاءِ قومي آزادي جي جدوجهد ۾ پنهنجو حصو ڳنڍڻو پوندو. جيڪڏهن سنڌي عورت هن غيرسيڪيولر، انسان دشمن، قدامت پسند ۽ عورت دشمن رياست سان سينو ساهڻ جو ساهس پاڻ ۾ نہ ٿي ڏاري، تہ نہ پاڻ کي آزاد ڪرائي پنهنجن پيرن تي بيهاري سگهندي ۽ نہ ئي پنهنجي قومي وجود کي بچائي سگهندي. سنڌي عورت کي انفرادي توڙي اجتماعي مفادن جي حاصلات، ترقي ۽ خود اختياري لاءِ پاڻ کي سنڌ مُلڪ جي قومي آزادي سان واڳڻو پوندو.

***

13 مارچ 2015ع

# آزادي: عالمي ڪردار جو وسيلو

ملڪ، قوم ۽ آزادي، ٽيئي هڪٻئي لاءِ لازم ملزوم آهن.

آزادي ڪانسواءِ ملڪ ڪونه هوندو. ملڪ بنان قوم ڪانه هوندي. قوم ۽ ملڪ ڌاران نه آزادي جو وجود هوندو، نڪي اها لاڳو ٿي سگهندي.

تنهن ڪري ٽيئي هڪٻئي لاءِ لازم ملزوم آهن، هڪٻئي سان سلهاڙيل آهن، هڪٻئي تي آڌارڪ آهن.

قومي آزادي ڪنهن به غلام يا وڃائجي ويل ملڪ جي ملڪي ۽ جاگرافيائي حيثيت ۽ صورت بحال ٿي ڪري. ملڪ قوم کي پنهنجي وسيلن، اختيار ۽ اقتدار اعليٰ جي مالڪي ارپي خوشحالي ٿو بخشي، ترقي ٿو وٺرائي ۽ قومن جي عالمي برادري ۾ برابراٽي سطح تي ڪٽي ٿو وڃي. قوم پنهنجين گهڻ طرفين تخليقي صلاحيتن سان ملڪ جي سگهه، طاقت، وقار ۽ دوستاڻن عالمي لاڳاپن ۾ واڌارو ڪري ان کي بين الاقوامي ڪردار ادا ڪرڻ جي لائق ٿي بڻائي.

قومي غلامي جي چيپٽ هيٺ آيل قوم سڀ کان پهرين پنهنجي ملڪي حيثيت وڃائيندي آهي. ڪن ڪن حالتن ۾ ته اها پنهنجون ملڪي سرحدون ۽ جاگرافيائي حدون پڻ وڃائي ويهندي آهي. قابض قوتون سندن قبضي هيٺ آيل ملڪ جون سرحدون (پاڙيسري هجڻ جي صورت ۾) ختم ڪري پنهنجي سرحدن سان ملائي ڇڏينديون آهن. ماضي جي تاريخ توڙي حال جي دنيا ۾ اهڙا انيڪ مثال موجود

آهن. رومي شهنشاهيت، بازنطيني شهنشاهيت، ايراني شهنشاهيت، مغليا هندستان، روسي سامراجيت، يورپي سامراجيت وغيره جي قبضي هيٺ آيل انيڪ پاڙيسري ملڪن ۾ رياستن پنهنجون جاگرافيائي سرحدون وڃايون. ويجهي ڇَڪ ۾ ايريٽيريا، اوڀر تيمور، بوسنيا هرزگوينيا، ڪوسوو، چيچنيا، ٿُبيٽ (تبت)، اسڪاٽليڊ، سنڌ، بلوچستان وغيره ان جا ڪجهه مثال آهن. قابض قوتون اهڙن ملڪن جون عالمي ملڪي سرحدون ختم ڪري انهن کي پنهنجي ملڪ ۾ رياست جو حصو بڻايو ڇڏين ٿيون. ويهين صدي ۾ ڪيترن ملڪن جون سرحدون ته موجود هيون، پر اهي غيرملڪي سامراجيت جي والار هيٺ هئا. جيئين آفريقي ملڪ يورپي سامراجي ملڪن جي قبضي هيٺ هئا. هندستان برطانيا جي والار هيٺ هو. هند چيني ملڪ فرانس جي قبضي هيٺ هئا. انهن ٻنهي صورتن ڪانسواءِ هڪڙي ٻي پيانڪ صورت پڻ موجود آهي. اها فلسطين جي آهي. فلسطين جي سرزمين کي والار هيٺ آڻڻ بعد صيهونيت اتان فلسطينين کي ڌڪي ٻاهر ڪڍيو آهي. فلسطينين جي ٽيهن سالن جي مسلسل ويڙهه ڪانپوءِ اوسلو معاهدي تحت هاڻي عالمي طاقتن جي نگراني هيٺ اهو معاملو سلجهاءَ جي رستي تي گامزن آهي. اهڙي ريت سموريون غلام قومون پنهنجي قومي وجود جي بچاءَ ۾ ملڪي حيثيت جي بحالي لاءِ جاکوڙي رهيون آهن. سو غلامي جي شڪل ڪهڙي به هجي، ملڪي سرحدون سالم هجن يا نه، ملڪ جڏهن به ڌارينءَ والار ۾ قبضي هيٺ ايندو آهي، اهو ملڪ نه رهندو آهي. اهو پنهنجو سياسي اقتدارِ اعليٰ ۾ پنهنجي تاريخي حيثيت وڃائي ويهندو آهي. جيڪي قومون پنهنجون

سرحدون بہ وڃائي ويھنديون آھن. اھي اجا وڌيڪ ڏکيون ٿينديون آھن. سنڌ اھڙن غلام ملڪن منجهان ھڪ آھي.

جڏھن ڪائي قوم پنھنجي ملڪي حيثيت وڃائي ويھندي آھي. تڏھن وٽس نہ پنھنجو سياسي اقتدارِاعليٰ رھندو آھي، نہ ڪوئي اختيار، نہ پنھنجي پيداواري وسيلن تي سندس مالڪي رھندي آھي، نہ ئي معاشي فيصلن جو حق، نہ اھا پنھنجي قومي تعمير ڪري سگھندي آھي، نہ ئي پنھنجي عوام جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ ڪي قدم کڻي سگھندي آھي. اھا پنھنجو وطن، پنھنجي ڌرتي ھوندي بہ بي وطن ۽ بي اختيار ھوندي آھي، پنھنجا لاتعداد مالي وسيلا ھوندي بہ غريب ھوندي آھي، سڀ ڪجھہ ھوندي بہ لاچار ۽ پرائي وس ھوندي آھي. غلام فرد ھجي يا قوم، منجھس ٻل نہ ھوندو آھي. ان کان سڀ ڪجھہ ڇڏائجي ويندو آھي، ڦرجي ويندو آھي. اھا ڇڻڪ ھڪڙو بي ساھہ بي ستو ۽ مئل وجود بڻجي ويندي آھي.

آزادي ڪنھن قوم جي پيشاني جو نُور آھي. اِھو نور آزاد قوم جي ماڻھن جي اکين ۾ نظر ايندو آھي، چھرن تي چمڪندي ڏسبو آھي. انھن جي اٿڻي ويھڻي، ملڻ جلڻ، ڳالھائڻ ٻولھائڻ، ھلڻ چلڻ ۾ انھي نُور جو واسو ھوندو آھي. آزادي حُسن آھي، سونھن آھي. غلامي ڪوجھائپ آھي. غلامي ۾ جڪڙجي قوم پنھنجي سموري حسناڪي وڃائي ويھندي آھي. ڀٽائي سائين انھيءَ حالت لاءِ ئي فرمايو آھي تہ:

سونھن وڃايم سومرا، ميرو منھن ٿيون،
وڃڻ تِت پيوم، جت ھلڻ ناھہ حُسن ري.

قومي غلامي قومن کي ميرو ڪريو ڪوجهو ڪريو سونهن کان خالي ڪريو ڇڏي. غلامي ۾ قومن جي منزل وري انهيءَ حُسن جي حاصلات آهي. قومن کي آزادي جي سونهن ۽ حسن جي حاصلات لاءِ ووڙڻو آهي، جاکوڙڻو آهي، جدوجهد ڪرڻي آهي. آزادي ئي ڪنهن قوم جي اصل حسناڪي ۽ سرمايو هوندي آهي.

جيڪي قومون صدين تائين غلامي ۾ ڦاٿل هونديون آهن ۽ محڪومي جي گهاٽي ۾ پيڙهجنديون رهنديون آهن، انهن مان ڪڏهن ڪڏهن آزادي جي حس ۽ تمنا بہ نڪري ويندي آهي. انهن ۾ آزادي بابت ڪيترائي غلط مفروضا پيدا ٿي پوندا آهن. جنهن ڪري اهي آزادي لاءِ جاکوڙڻ بجاءِ مُنجهہ جو شڪار لڳنديون آهن. سنڌ ۾ پڻ ڪنهن حد تائين ايئن ئي آهي. هتي گهڻا ئي غلط مفروضا پکڙيل آهن.

قومي آزادي جي حوالي سان ڪجهہ ڪچاڻ ذهن ساٿين ۽ وڏي حد تائين اسان جي ڪاہي ڏر جي دوستن جي دماغن ۾ هيءَ مفروضو ويٺل آهي تہ اها آزادي ڪهڙي ڪم جي، جنهن ۾ ٻاهريون سيڙپڪار ۽ ڏيساور جا واپاري ادارا يا مختلف قسمن جا عالمي ادارا وغيرهہ هتي وري بہ ڪم ڪندا رهن. ان قسم جا سوال اڪثر ڪري ڪاہي ڏر جا ننڍڙا ڪارڪن اٿاريندا رهندا آهن. اهي شايد ايئن ٿا سمجهن تہ قومي آزادي قوم کي عالمي برادري ۽ ٻين ملڪن ۽ قومن کان ڪٽي الڳ ڪرڻ جو نالو آهي. حقيقت ۾ ايئن ناهي. اصل ۾ قومي آزادي قوم جو وڃايل قومي تشخص بحال ڪري ان کي عالمي برادري سان ڳنڍيندي آهي. قومي غلامي قبضي ۽ والار هيٺ آيل قوم تي پنهنجو

تسلط قائم ڪري ان کي عالمي برادري کان ڪٽي ڇڏيندي آهي. غلام قوم جا ڪي بہ عالمي لاڳاپا نہ ٿيندا آهن. عالمي لاڳاپا رڳو آزاد قومن جي وچ ۾ ٿيندا آهن. ٿي سگهي ٿو تہ ڪي دوست اهو اعتراض وارين تہ غلام قومون سندن قومي آزادي جي جدوجهد لاءِ جيڪا عالمي حمايت حاصل ڪن ٿيون، اهي انهن جا عالمي لاڳاپا ئي هجن ٿا. هائو، اها لاڳاپن جي هڪ شڪل آهي، پر اها ابتدائي نوعيت جي شڪل هوندي آهي. اسان هتي قومن جي برابرائٽن لاڳاپن جو ذڪر وسيع تناظر ۾ ڪري رهيا آهيون. اهڙا لاڳاپا رڳو آزاد قومون ئي پاڻ ۾ جوڙي سگهنديون آهن. اهڙن لاڳاپن لاءِ قومي آزادي جو هجڻ لازمي آهي، جو قومي آزادي عالمي برادري ۾ قوم جو مان مرتبو ۽ وقار وڌائي ان کي برابرائي سطح تي آڻيندي آهي.

قومي غلامي ۾ قوم ٻي دنيا کان ڪٽجندي آهي. آزادي ۾ قوم ٻي دنيا سان لاڳاپجندي آهي، ڳنڍبي آهي. حقيقت ۾ قومي غلامي ۾ واڙيل قوم يا بيٺڪيت ٻڌيل ملڪ ٻي دنيا کان هر حوالي سان ڪٽجي اڪيلو ٿي ويندو آهي. بيٺڪي قوتون سندن قبضي ۽ والار هيٺ آيل ملڪ کي دنيا کان ڪٽي هڪڙو اهڙو ڏورانهون ٻيٽ ٻڻائي ڇڏينديون آهن، جنهن تائين نہ ڪنهن ٻئي ملڪ جي سڌي رسائي هوندي آهي ۽ نہ ئي وري بيٺڪي حاڪم ان کي ٻين ملڪن سان ڪو تعلق ۽ لاڳاپو جوڙڻ ئي ڏيندا آهن. اهي ان ڏس ۾ ايڏا حساس هوندا آهن، جو سندن بيٺڪيت تان نر پکي وينا هڪليندا آهن. ڇاڪاڻ جو قبضي هيٺ آيل قوم جيتري دنيا کان ويڳاڻي هوندي، اوتري ڪمزوي ۽ هيٺي

هوندي، اوتري لاعلم ۽ بي شعور هوندي ۽ اوتري ئي سياسي طور تي پٺتي پيل هوندي.

قابض قوتون بينڪيت کي عالمي ڏارا ڪان ڪٽي پنهنجو ڳيجهو ٻڌائي رکنديون آهن ۽ پوءِ ان جي وسيلن جي لٽمار ڪنديون آهن. اهي پنهنجي بينڪيت جا وسيلا بي دريغ انداز سان استعمال ڪنديون آهن ۽ پڄڙن مُٺ تي عالمي قوتن کي وڪڻي تين وال ڪنديون آهن. مثال طور برطانيا ننڍي ڪنڊ هند سنڌ جي وسيلن ۽ خام مال جو بي رحمي سان استحصال ڪيو. يورپ آفريقي ملڪن جي وسيلن جي بيرحماڻي ڦرلٽ ڪئي.

هاڻي جڏهن ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌ "مملڪتِ خدادادِ پاڪستان" جي نالي ۾ پنجاب سامراج جي بينڪيت بڻجي وئي آهي، تڏهن سنڌ جي وسيلن جي نهايت بيرحمي سان لٽمار ڪئي پيئي وڃي. سنڌ جا جيڪي وسيلا پنجاب پنهنجي استعمال هيٺ آڻڻ جي اهل آهي، اهي هو پنهنجي ڪتب آڻي رهيو آهي. جن ذريعن جي عالمي مارڪيٽ ۾ کپت آهي، انهن بابت عالمي قوتن ۽ ٻين ملڪن سان سؤدا ڪري رهيو آهي. تيل سنڌ جو آهي، پر عالمي تيل ڪمپنين سان ناهه اسلام آباد ٿو ڪري. ساموندي ڪنارا ۽ ٻيٽ سنڌ جي ملڪيت آهن، پر انهن بابت معاهدا پاڪستان ٿو ڪري. سنڌ جي کهڙي به حڪومت هجي، اها سنڌ جي پيداواري وسيلن جي حوالي سان ٻاهرين ملڪن سان ڪي به ناهه، معاهدا ۽ رضامنداڻا دستاويز صحيح نه ٿي ڪري سگهي. سنڌ گڏيل ۽ ٻطرفن مفادن تحت دنيا جي ڪنهن به ملڪ سان سمجهوتو يا ناهه ڪري نه ٿي سگهي. سنڌ جي وڏوزارت ان معاملي ۾

اسلام آباد جي شڪي ۽ خونخوار نگاهن هيٺ رهي ٿي. ان ڪري اها ڪجهه ڪرڻ توڙي ڪڇڻ پڇڻ کان لاچار رهي ٿي.

رڳو آزاد قوم ئي پنهنجن قومي مفادن کان آگاهه هوندي آهي ۽ انهن جو بچاءَ ڪري سگهندي آهي. ان ڪري آزاد قوم دنيا سان ٻطرفن مفادن وارا لاڳاپا جوڙي سگهندي آهي. جيئن هيءَ سڄي ڪائنات هڪٻئي تي آڌارڪ آهي، ايئن قومون ۽ ملڪ ٻه هڪٻئي سان سلهاڙيل ۽ هڪٻئي تي آڌار رکندڙ آهن. قومي غلامي ۾ ملڪ ۽ قوم استحصال، ڦرلٽ ۽ جبر جو شڪار ٿيندا آهن. آزادي ۾ قوم رضامنداڻن بنيادن تحت پنهنجن قومي ۽ ملڪي مفادن موجب عالمي لاڳاپا ۽ دوستيون جوڙيندي آهي. غلامي قوم کي ويڳاڻپ ۽ بند اڪيلائي ۾ ڌڪيندي آهي. آزادي قوم کي عالمي ڌارا ۾ آڻيندي آهي.

آزاد قوم پنهنجي مرضي موجب پنهنجا سياسي، معاشي، دفاعي ۽ سفارتڪاراڻا تعلق جوڙيندي آهي. اها دنيا کي پنهنجن وسيلن مان ڪجهه آڇيندي آهي ۽ پنهنجي ضرورت جون شيون دنيا کان حاصل ڪندي آهي.

گڏوگڏ اها قومي آزادي جي نعمت هوندي آهي ته اها قوم کي سندن سمورن وسيلن جو مالڪ بڻائيندي آهي. جيڪي وسيلا ۽ ذريعا غلامي ۾ حاڪم قوم بيرحمي سان استحصال ڪري کڻي ٿي وئي، اهي هاڻي اصل مالڪن جي هٿ ۾ اچن ٿا. جڏهن قوم پنهنجن وسيلن جي پاڻ مالڪ بڻجي ٿي، تڏهن اها ترقي جي شاهراهه تي روان دوان ٿئي ٿي.

قومي آزادي قوم کي رڳو سندس پيداواري وسيلن تي مالڪي نہ ٿي ڏياري، پر اها ان کي پنهنجي ملڪ جي مالڪ ٿي بڻائي.

جيڪا قوم پنهنجي ملڪ جي پاڻ مالڪ هجي، يعني جيڪو ملڪ آزاد هجي، اهو ترقي ڪندو، خوشحال ٿيندو. ان جا ماڻهو پنهنجي مڃي مانيءَ وارا ٿيندا، ترقي ڪندا، شاهوڪار ٿيندا.

آزادي اجتماعي معنا ۾ زندگي کان بہ وڏي شئي آهي، زندگي کان بہ وڏي نعمت آهي؛ جو آزادي ۾ ئي زندگي محفوظ رهي ٿي، حسناڪ بڻجي ٿي ۽ بلندين ڏانهن وڌي ٿي. رڳو آزاد ماڻهو ئي زندگي جي سمورين حسناڪين کي ماڻيندي شخصي ۽ اجتماعي ڪمال جي درجي تي رسن ٿا.

آزاد ملڪن جا ماڻهو پنهنجي تاريخ، تهذيب، تمدن، ٻولي، ثقافت، ريتن، رسمن، رواجن، ادب، فنون لطيف، سنگتراشي، ناچ، ڳاچ، فنِ اڏاوت، وسيلن، سياسي معاشي مفادن، اجتماعي زندگي، پنهنجي ڌرتي، مطلب تہ پنهنجي هر شئي جي حفاظت، واڌ ويجھہ، ترقي ۽ تعمير ڪري سگهن ٿا. نہ فقط اِهو تہ آزاد ماڻهو پنهنجي ديس ۽ قوم جي نئين تعمير ڪندا آهن، پر اهي پنهنجي قومي ۽ ملڪي ڪردار وسيلي هن سڄي دنيا، ڌرتي ۽ ڪائنات جي بهتري، ڀلائي ۽ وڏيڪ سونهن لاءِ انمول ۽ ڪارائتو ڪارج ادا ڪندا آهن.

سنڌي قوم کي بہ پنهنجي سنڌ ملڪ جي قومي آزادي لاءِ جاکوڙڻو آهي ۽ آزادي بعد دنيا جي ڀلائي، حسناڪي، امنِ عالم،

ترقيءِ بني آدم، بقاءِ باهمي ۽ اتحادِ انساني لاءِ پنهنجو عالمي ڪردار ادا ڪرڻو آهي.

***

18 مارچ 2015ع

ميرپور بٺورو.